
پليسبو
(فلسفو)
رسول ميمڻ
Publication

# پليسبو

[سائنسي فلسفو]

## رسول ميمڻ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پليسبو |
| موضوع : | سائنسي فلسفو |
| ليکڪ : | رسول ميمڻ |
| ڪمپوزنگ : | خادم حسين جروار |
| سال : | 2019ع |
| ڇپائيندڙ : | ماءِ پبليڪيشن، سکر |
| قيمت : | 300 روپيا |
| ڊجيٽل ايڊيشن : | 2020ع |
| | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |
| | books.sindhsalamat.com |


# Placebo


Writen by : Rasool Memon

Composed by : Khadim Hussain jarwar

Year : 2019

Published by : My Publication
Sukkur


**هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو .**

# فهرست

## سونهن سِتاءُ:


- ارپنا 5
- سنڌ سلامت پاران 6
- مهاڳ 7


## مضمون:


- پليسيبو ڇا آهي؟ 10
- جعلي جراحي ۽ پليسيبو 16
- مزاجي تجزيو ۽ پليسيبو 19
- ڪوڙي سائنس ۽ پليسيبو 25
- هوميوپيٿي ۽ پليسيبو 33
- فطري منشياتي سرشتو ۽ پليسيبو 38
- الڪيميا ۽ پليسيبو 44
- آبحيات ۽ پليسيبو 52
- اڏند غاليچو ۽ پليسيبو 57
- مذهب ۽ پليسيبو 61
- شهادت جو فلسفو ۽ پليسيبو 69
- توهم پرستي پليسيبو 73
- روح ۽ پليسيبو 80
- صوفيزم ۽ پليسيبو 89
- شيطان ۽ پليسيبو 100
- يوٽوپيا ۽ پليسيبو 107
- فلسفو ۽ پليسيبو 113


❊

# ارپنا

مرگهہ جي ”اک“

۽

”رج“ جي نالي

”رُج سان اُج اُجهائي، مرگهہ نہ مرڻو آ“

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**پليسبو**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماياري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **رسول ميمڻ** پاران سائنسي فلسفي تي لکيل هڪ بهترين ڪتاب آهي. رسول ميمڻ لکي ٿو:

”ڪائنات پليسيبو جي ٽنين تي بيٺل اهڙو ٿيٽر آهي جنهن ۾ ڪردار عيوض ۾ ملندڙ داد جا منتظر آهن. آسرو زندگيءَ جي بقا جو سڀ کان وڏو سهارو آهي. دل مطمئن آهي ته ڪيل گناهه معاف آهن. ثوابن ۽ گناهن ۾ سمجهه جو فرق آهي.
پليسيبو اهڙو عقيدو آهي جو قاتل جي روپ ۾ وينل محبوب جي هٿن جو زهر آب حيات ٿي پوي ٿو. پليسيبو تسڪين ڏئي ٿو ته محبوب ماري نه ٿو سگهي. پل اهو محبوب جو نه قاتل جو چهرو ئي صحيح، پر اکيون ان ۾ محبوب ڏسن ٿيون ۽ ائين پليسيبو سهاري زهر امرت ٿي پوي ٿو. انسان ازل کان دوکي جي ديوار ۾ قيد رهيو آهي ۽ دوکو حقيقت جو گمان بنجي سچائيءَ جي روپ ۾ سامهون آيو آهي.
عقيدو، عبادت، دعا، تعويذ، قرباني، توبهه، جادو، ٽوٽو، خيرات، زڪوات، ڦوڪ ۽ شوڪارو اهي سڀ پليسيبو آهن. پليسيبو حوصلو، همت ۽ سهارو آهي.“

هي ڪتاب 2019ع ۾ ماءِ پبليڪيشن، سکر پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين رسول ميمڻ جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. مهربانيون خادم حسين جروار جون جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ڪائنات پليسيبو جي ٿنين تي بيٺل اهڙو ٿيٽر آهي جنهن ۾ ڪردار عيوض ۾ ملندڙ داد جا منتظر آهن. آسرو زندگيءَ جي بقا جو سڀ کان وڏو سهارو آهي. دل مطمئن آهي تہ ڪيل گناهہ معاف آهن. ثوابن ۽ گناهن ۾ سمجهہ جو فرق آهي.

پليسيبو اهڙو عقيدو آهي جو قاتل جي روپ ۾ ويٺل محبوب جي هٿن جو زهر آب حيات ٿي پوي ٿو. پليسيبو تسڪين ڏئي ٿو تہ محبوب ماري نہ ٿو سگهي. پل اهو محبوب جو نہ قاتل جو چهرو ٿي صحيح، پر اکيون ان ۾ محبوب ڏسن ٿيون ۽ ائين پليسيبو سهاري زهر امرت ٿي پوي ٿو. انسان ازل کان دوکي جي ديوار ۾ قيد رهيو آهي ۽ دوکو حقيقت جو گمان بڻجي سچائيءَ جي روپ ۾ سامهون آيو آهي.

بيشڪ سچي فقير جو منهن زرد هوندو آهي. فقرائن کي فڪر کان مٿانهون ٿي اهڙي اوچائيءَ تي اچڻ گهرجي جتي فڪر آزاد آهي. فڪر ننڊ ڦٽائي ٿو. ميلنڪلي (Melancoley) منهن انهن جا هوندا آهن جن اوجاڳا ڪري علاج ڳولهيو. اڻ ڏٺل کي ڳولهيو. انسانن جي آجپي جو فڪر ڪيو. سڀ ڪوڙ ڇا رب کي ياد ڪري رب کي حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ ياد ان کي ڪبو آهي جيڪو وسري ويو. رب پليسيبو آهي. اهو ڪيئن وسري سگهي ٿو؟ رب جي معاملي ۾ انسان آزاد آهي. جهل اتي آهي جتي انسان جي عمل کان ٻئي انسان کي تڪليف پهچي ٿي.

پليسيبو کي هڪ پيڙا جو علاج سمجهي قبول ڪرڻو پوندو نہ تہ زندگي ڏکي ٿي پوندي.

جڏهن ننڍو هيس تہ ڪن ۾ سور پيو ان سور جي شدت ايڏي هئي جو پنجاهہ سالن کانپوءِ بہ نہ وسريو آهي. بابو هڪ بزرگ وٽ وٺي ويو ان ڪجهہ پڙهي ڦوڪ ڏني تہ ڪن جو سور لهي ويو. ان بزرگ لاءِ مشهور هيو تہ اهو راتين جو پنهنجي بستر تان گم ٿي ويندو آهي. ڪنهن ان جي تصديق ڪئي "بزرگ گم ٿي خدا جي محفل ۾ وڃي ويهندو آهي، جتي وڏا وڏا ويٺل هوندا آهن."

مون مٿان ان بزرگ جو رعب هيو عقيدو هيو تہ ان جي ڦوڪ فرق ڪندي، ان بزرگ وٽ مريضن جا ديرا لڳل هوندا هيا. حقيقت ۾ مون کي ان بزرگ شفا نہ ڏني پر عقيدي ڏني.

اڄڪلهہ وهمن ۾ وڃڙيل آهيان، واٽڙن جيان ڪا راهہ نہ ٿي سجهي، پڪ اٿم تہ سڌو رستو نہ ملندو، ڇو جو سوچان ٿو تہ سڌو رستو آهي ئي ڪونہ. دراصل رستا اسان جي سوچن ۾ آهن حقيقت ۾ رستا آهن ئي ڪونہ. جتي آهيون اها منزل آهي، پليسيبو جادو آهي. اهڙي گفتگو آهي. تحرير آهي، جملو يا لفظ آهي جيڪو پڙهي شوڪارجي تہ ان جون اکيون کلي وڃن، اکيون بند ٿي وڃن، اهو روئي

پوي، ڪلي پوي، اهو گناهہ گار ٿي پوي، اهو ثوابن سان ڪيڏي، اهو جنتي هجي، دوزخي هجي، ٿوهر ڪائي، شراب طهورا چکي، ماڪيءَ جي لار سان دل وندرائي، حورن سان راتيون بسر ڪري.

اکين جي جٺا ۾ دل هارائي دنيا ڪٽڻ آهي. هٿيار اڇلي پيش پوڻ فتحيابي آهي. جيڪي عقيدي جي ادا ڪيل لفظن تي وڪامي ويا اهي املهہ آهن.

اڇ پيشانيءَ تي آڱر رک، وقت جو ڪاڏل آهيان، محبت جي مڻ رک، تنهنجي چانٺ جي مٽي خاڪِ شفا آهي. معاف ڪجانءِ مان عقيدتمند نہ رهيو آهيان. مان پاڻيءَ کي پاڻي سمجهي پيتو هوا کي هوا سمجهي ساهہ کنيو مان جيڪو ليبارٽريءَ ۾ هر شيءِ جي تشخيص ڪيان ٿو پنهنجي شناخت وڃائي ويٺو آهيان. مان جيڪو تنهنجي ڪبي هٿ جي ڇيچ جي ننهن ۾ پيل خاڪ جهڙو بہ نہ آهيان. مان جيڪو پاڻ ڳولهي پريشان ٿي ويو آهيان.

سپ کان نندڙا پن وڻ جي چوٽيءَ تي هوندا آهن. مان ڏارين جي دنيا ۾ داخل ٿي گُمنام ٿي چڪو آهيان. اي پليسيبو منهنجي سيني تي هٿ رک تسلي ڏي. مان پنهنجي ڀڳيا ڀڳيا وجود جا ٽڪر سنڀاليندي مايوس ٿي چڪو آهيان. ڪٿي دل ڪري پوندي ڪا خبر نہ پوندي، ڪٿي اکيون وڃائجي ويندييون. اي پليسيبو ڪائنات جا ڪڪ ڏي. ڪائنات ڪڪ آهي. ڪک وقت جي وارُ ۾ اڏامي ٿو. گردش رقص آهي، سج، چنڊ، ڌرتي ۽ تارا رقاص جي چوغي تي جڙيل آهن.

مون کي اهڙو دوست ياد اچي ٿو جيڪو چانهہ پي ننڊ ڪندو هيو ۽ اهڙو دوست پڻ جيڪو ننڊ جي دوا ”ويلم“ کائي سڄي رات جاڳندو هيو. موکيءَ هٿان متارا، اهڙي مت مان مڏ پي جيئرا رهيا جنهن ۾ مئل نانگ هيا. موٽيا، ان احوال تي دهشت مان جان ڏنائون تہ ”گذريل سال انهن جيڪا مڏ پيتي هئي ان مت ۾ مئل نانگ هيا.“ ”سپ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.“

منهنجي هڪ ڪهاڻي ”لالواڻيءَ جي لئبريريءَ جا ڪُتا“ جيڪا ڪهاڻين جي مجموعي ”فونو“ ۾ ڏنل آهي. ان جو لکيل موضوع پليسيبو آهي. هندستان کان آيل هڪ مهاجر کي ڪليم ۾ مليل لالواڻيءَ جي جاءِ ۾ ”لئبريريءَ جا ڪتاب ڪائيندڙ ڪوئن جون ڦولٽيون، جيڪي ڪيس ڏيءَ غربت ڪري آفيم جي جاءِ تي استعمال ڪرائي ٿي. اهو ڪتابن جون ڦولٽيون کائي عالم ٿي وڃي ٿو.

مان ڪجهہ عرصو ٽر ۾ رهيو آهيان. اتي هڪ اوجاڳي (Insomnia) جي ماريل شخص کي لبريڪس جون گوريون ڏيڏيون پيون. اتفاق سان اسپتال ۾ گوريون ختم ٿي ويون. ان شخص جي ڏيءَ ڪنڊيءَ جي سگرين مان ٻج ڪڍي پيءُ کي ڏنا. اهو لبريڪس جون گوريون سمجهي کائي ويو. ڪيس سگرين مان نڪتل ٻجن، مان بہ ايترو ئي سڪون مليو جيترو لبريڪس جي گورين مان.

ڪافر کي ان ڳالهہ جو ڏک آهي تہ ”افسوس دنيا خدا کان خالي آهي، جيڪر هجي ها تہ ڪفر جو منهن ڏسڻو نہ پوي ها.“

خدا غريب جو پليسيبو آهي. هن جي دل مطمئن آهي تہ خدا آهي ضرور، جيڪو انصاف ڪندو. جيڪڏهن غريب جو خدا مان ايمان کڄي وڃي تہ اهو نہ هِن دنيا جو رهندو نہ هُن دنيا جو. هڪ

ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ جڏهن پنهنجو هٿ مريض جي هٿ ۾ ڏيان ٿو ته اهو پنهنجو هٿ محفوظ سمجهي ٿو. ڪنهن مرندڙ مريض مون کان پڇيو "ڊاڪٽر بچي ويندس؟"

مون "ها" ڪئي. ان جي منهن تي اطمينان اچي ويو.

سکر وارو گرڌاري مل جيڪو پراپرٽيءَ جو ايجنٽ هيو. اهو گهنٽا گهر وٽ ڌرمشالي ۾ رهندو هيو. ڪراچي اچڻ کان اڳ مونکي جاءِ مسواڙ تي ڏيڻي هئي. ڌرمشالي پهتس ته خبر پئي ان تي اڌ رنگي جي بيماريءَ جو حملو ٿيو آهي. منهنجو واقفڪار هيو اندر گهرايائين، هو بستر تي ليٽيل هيو. سندس مٿن کان شيرانواليءَ جو وڏو فوٽو لڳل هيو. جنهن ۾ اها ڳاڙهي ڄڀ ڪڍي تلوار جهلي شينهن تي ويٺل هئي. گرڌاريءَ جي ڪمري ۾ ٽيپ رڪارڊر تي شيران واليءَ جا ڀڄن هلي رهيا هيا. گرڌاري وجد ۾ بستر تي هڪ هٿ ڪٽي نچي رهيو هيو. مون کي ويهاري حال احوال ورتائين. مون پڇيو

"ڪهڙي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائي رهيو آهين؟"

هڪدم شيران واليءَ ڏي اشارو ڪندي چيائين "منهنجي شيران والي ويٺي آهي پاڻ ئي ٺيڪ ڪندي"

ٽن ڏينهن کانپوءِ خبر پئي گرڌاري گذاري ويو. گرڌاري روئندي نه، نچندي هليو ويو.

پليسيبو دل تي پوندڙ اهڙو چندو آهي جهڙو امڙ جو ننڍي هوندي پڇاڙيل پيٽ پاڙي جا ٻار کائي، برمي تان هٿ ڏوئي مونکي هٽندا هيا ۽ چوندا هيا "ڇُٽو...ڇُٽو." مان پاڻ کي بخار ۾ ٻرندي به چڱو ڀلو محسوس ڪندو هيس.

عقيدو، عبادت، دعا، تعويذ، قرباني، توبهه، جادو ٽوڻو خيرات، زڪوات، ڦوڪ ۽ شوڪارو اهي سڀ پليسيبو آهن. پليسيبو حوصلو همت ۽ سهارو آهي.

**رسول ميمڻ**

ڪراچي

# پليسيبو ڇا آهي؟

پليسيبو لاطيني لفظ آهي، جنهن جي معنا آهي خوش ٿيندس يا ائين چئجي ته خوشي حاصل ڪندس.[1]

ازل کان انسان خوشي حاصل ڪرڻ جو خواهشمند رهيو آهي. خوشي جيئاري ٿي ۽ ڏک ماري ٿو. اهو سائنس به ثابت ڪيو آهي، خوش رهندڙ ماڻهوءَ جي حياتي ڏکايل کان وڏي آهي. خوشي جسم ۾ اهڙا مادا خارج ڪرائي ٿي جيڪي جيوگهرڙن (Cells) کي تازو رکن ٿا. جڏهن ته ڏک ان جي ابتڙ ڪم ڪري ٿو ۽ انساني جيو گهرڙن کي وقت کان پهريون پوڙهو ڪري ماري وجهي ٿو. جن جو مثال ٽيلوميرس (Telomeres) آهن جيڪي جيو گهرڙن ۾ موجود ڪروموسومس (Chromosomes) جي ڇيڙن وٽ ٿين ٿا. جڏهن جسم ۾ پراڻن جيو گهرڙن جي جاءِ نوان جيو گهرڙا وٺندا آهن ته جيو گهرڙا وراهبا (Mitosis) آهن. ورهاست دوران هر دفعي ٽيلوميرس ڪتجي ننڍا ٿي ويندا آهن. آخر ايترا ننڍا ٿي ويندا آهن جو وڌيڪ ورهاست جي قابل نه رهندا آهن. جنهن ڪري تازا جيو گهرڙا ٺهڻ بند ٿي ويندا آهن. ماڻهو پوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ وڌيڪ جيئڻ لائق نه رهندو آهي.[2]

ٽيلوميرس ۾ موجود جين (Gene) جو تعداد هر ماڻهوءَ ۾ مختلف ٿئي ٿو ڪنهن ۾ پنجاهه آهي ته ڪنهن ۾ پنجهٺ. جيترو جيوگهرڙي اندر ٽيلوميرس جو تعداد وڌيڪ هوندو اوترو ان جي ورهاست جي سگهه وڌيڪ هوندي، انڪري انسانن جي عمر الڳ آهي. پروجيريا (Progeria) جيڪا بيماري نه پر اهڙي حالت آهي جنهن ۾ جيوگهرڙي اندر ٽيلوميرس جو تعداد تمام گهٽ ٿئي ٿو. جنهن ڪري جيوگهرڙا گهڻو ورهائجي نه ٿا سگهن. اهڙي پيدائشي نقص ڪري ماڻهو ننڍي عمر ۾ ئي عمر جون سڀ حدون اورانگهي وڃي ٿو پيدا ٿئي ٿو جوان ٿئي ٿو پوڙهو ٿئي ٿو ۽ مري وڃي ٿو.[3]

خوشي، ورزش، سيرسفر، ميل ملاقات، سبزين جو استعمال، ضرورت کان به گرهه گهٽ کائڻ سان جسم ۾ ٽيلوميريس (Telomerase) نالي هڪ رتوبت خارج ٿئي ٿي. اها رتوبت ٽيلوميرس کي ورهائجڻ وقت ڪتجڻ کان بچائي ٿي ۽ ائين جيوگهرڙي جي حياتي وڏي ٿئي ٿي.

جڏهن ته ڏک ورتل انسان جا ٽيلوميز وقت کان پهرين استعمال ٿي وڃن ٿا ۽ ائين ان مٿان پوڙهائپ ۽ بيماريون نازل ٿين ٿيون.[4]

پليسيبو ڪائنات جي وجود وٺڻ کانپوءِ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود رهيو آهي. جڏهن پليسيبو کي نانءُ نه هيو ته ان جي موجودگي ڪنهن لقاءَ (Phenomenon) جي صورت ۾ موجود هئي. ڪائنات جي رنگن ۾ اڃان به اهڙا لقاءَ جاري آهن جن کي نانءُ ڏيڻ ۾ وقت لڳو ۽ ڪي بي نانءُ آهن.

پليسيبو بہ ائين آهي، پليسيبو ادراڪ (Perception) آهي. اهو موضوعي (Subjective) آهي. جيڪو روحاني رازن سان ساهواري جي خوف، بہ واٽي، قهر، بيماري، بددعا، وهم، انديشو، گناهہ ۽ آفتن کان نفسياتي، مذهبي، ٽڪو پنجو (Remedy) ۽ ٻين لاشعوري قبول ڪيل طريقن سان ماٺ، مطمئن ۽ آجو رهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. پليسيبو ڪائنات ۽ وجود تي مختلف رنگن سان اثرانگيز آهي. مادي پليسيبو (Mterialistic Placebo) ۽ روحاني پليسيبو (Mystical Placebo) تي غور ڪبو تہ اهو ٻنهي صورتن ۾ ماڻهوءَ جي من کي شانت ڪندي نظر اچي ٿو.

مادي حوالي سان پليسيبو کي دوا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو ھڪ اهڙي دوا جنهن جو سائنسي طرح ڪو اثر نہ آهي.[5] پليسيبو کي مريض تي استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ کين ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهي جيڪا دوا وٺي رهيا آهن سا مرض لاءِ اڪثير ۽ شفا بخشيندڙ آهي. پليسيبو طور استعمال ٿيندڙ دوا بظاهر حقيقي دوا جهڙي هوندي آهي، جيئن کنڊ مان ٺهيل گوريون، اٽي سال پريل ڪيپسول، پاڻيءَ واري سُئي، ليمي، ڏاڙهونءَ يا جڙي ٻوٽين مان ٺهيل ڪوڙا مٺا شربت، ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو جو اهي دوائون جيڪي پليسيبو آهن، اصل دوائن کان وڌيڪ اثر ڏيکارين ٿيون. اها تحقيق هلندڙ آهي تہ ڪهڙي سبب پليسيبو مرض تي اثرانداز ٿئي ٿو تي سگهي ٿو اهو سڀ نفسياتي هجي.[6]

پليسيبو جسم اندر ڪيترين طبعي تبديلين آڻي ٿو جسم جي تنتي (Neurological) ۽ رتوبتي (Hormonal) سرشتن تي اثر انگيز ٿئي ٿو. ان جو نبض، رت جي دٻاءَ، بي چيني (Anxiety)، موڳائپ (Depression) سور، ٿڪاوٽ ۽ پارڪنسز جي علامتن تي اثر آهي. پارڪنسز اهڙي بيماري آهي جنهن ۾ مريض لڳاتار ڏڪندو آهي.

سهڪي (Asthma) جي مريضن ۾ پليسيبو ائين فائدو ڪري ٿو جو مريض موضوعي (Subjective) طور پاڻ کي ٺيڪ محسوس ڪري ٿو تہ معروضي (Objective) طور ان ۾ ڪي بہ تبديليون نہ ٿيون ٿين.[6_7]

پليسيبو جي اهڙي استعمال کي تنقيد جو نشانو بنايو ويو، ائين بہ چيو ويو تہ اهو بيڪار طريقو آهي.[8] پليسيبو جو اثر ماڻهوءَ جي ادراڪ (Perception) تي آهي. ان جي ايمان ۽ عقيدي تي آهي. اهو قبول ڪري ٿو تہ ڪيس جيڪا دوا تجويز ڪئي وئي آهي اها ضرور فائدو ڏيندي، ائين بہ آهي تہ علاج ڪندڙ ڪهڙي شخصيت ۽ ڪردار جو مالڪ آهي. اهو ڪيترو پهتل ۽ علم وارو آهي. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ مريض جي اڌ بيماري ڊاڪٽر جي هٿ لاهڻ سان ٺيڪ ٿي ويندي آهي. سنو معائنو مريضن کي مطمئن ڪندو آهي. اڄڪلهہ ڊاڪٽر ۽ مريض جي تعلق (Rapport) کي اهميت ڏني وڃي ٿي. ڊاڪٽر مريضن سان مشاورت (Councilling) ڪن ٿا.

مريضن کي مطمئن ڪري جيڪا دوا تجويز ڪن ٿا اها وڌيڪ افاقو ڪري ٿي، بنسبت اهڙن ڊاڪٽرن جي جيڪي چڙاڪ ۽ مغرور آهن. جن وٽ وڏيون ڊگريون آهن پر انهن جو رويو مريض کي مطمئن نہ ٿو ڪري، مريض نفسياتي طور اهڙو علاج قبول نہ ٿو ڪري.

برطانيا جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي پارليامينٽري ڪميٽيءَ پليسيبو کي مريض سان دوکي بازي قرار ڏنو آهي. ان موجب پليسيبو کي اڪيلي دوا طور استعمال نہ ٿو ڪري سگهي پر ان جو ٻين حقيقي دوائن سان گڏ استعمال بہ غلط آهي. 1955ع ۾ هينيري ڪي بيڪر چيو تہ پليسيبو کي دوا طور استعمال ڪرڻ جا سٺا نتيجا نڪتا آهن.[9] جيڪو نظريو 2001ع ۾ چيلينج ڪيو ويو ۽ سائنسي بنيادن تي مريضن جي چونڊ گروپن تي ان جو اثر ڏٺو ويو جيڪو گهٽ مرضن تي اثرانگيز نہ هيو سواءِ سور ۽ ٻين موضوعي علامتن جي.[10]

ڊيلان ايوان (Dylan Evan) جيڪو ارڙهين آگسٽ 1966ع ۾ انگلينڊ ۾ ڄايو. ان پليسيبو تي جديد سائنسي تحقيق ڪئي آهي. ان جي تحقيق جو مرڪز جيڪي بيماريون هيون انهن ۾ سور، معدي جو السر، ڊپريشن ۽ ڳڻتي (Anxiety) شامل هيون. هن سور تي تحقيق ڪندي سائنسي طور اها ڳالهہ ثابت ڪئي تہ پليسيبو ڏيڻ سان جسم ۾ اينڊو سفورن (Endosphorin) خارج ٿئي ٿي جيڪا سور گهٽائڻ جي قدرتي رتويت آهي ۽ اهڙيون رتويتون مغز جي خاص حصي ۾ ٺهن ٿيون[11]

پليسيبو سور تي جنهن ۾ٺي طريقي اثرانداز ٿئي ٿو اهو مريض جو سور بابت تبديل ٿيندڙ ادراڪ آهي. جيڪو پليسيبو وٺڻ ڪانپوءِ جاڳي ٿو. پليسيبو ڪرنگهي جي هيٺين حصي تي وڌيڪ اثر ڏيکاري ٿو.

سن 2008ع ۾ نفسيات جي ماهر ارونگ ڪرسچ (Irving Kirsch) ڊپريشن جي مرض تي تحقيق ڪئي، ان تحقيق ۾ ٻياسي سيڪڙو مريض پليسيبو سان ٺيڪ ٿي ويا جڏهن تہ ارڙهن سيڪڙو مريضن تي حقيقي دوا اثر ڪيو.[12]

دراصل ڪو بہ انسان نفسياتي بيمارين کان آجو نہ آهي. سڀ نفسياتي بيماريون انسان ۾ مورثي موجود آهن. اهو ان انسان جي ارادي ۽ عقيدي تي منحصر آهي تہ اندر ۾ موجود اهڙين بيمارين کي ضابطي هيٺ ڪيئن آڻي ٿو. اندر ۾ موجود اهي نفسياتي بيماريون انسان جي ڪردار کي متاثر ڪن ٿيون. موڳائپ کان مستيءَ تائين سڀ خصلتون مورثي موجود آهن. اهي ڪن ۾ وڌيڪ ظاهر (Exhibit) ٿين ٿيون ۽ ڪن ۾ گهٽ. جڏهن ارادي جي ڪمزوريءَ ڪري اندر جون اهڙيون بيماريون حاوي ٿي وڃن تہ اهو چرياپ جون حدون ڇهي ٿو. جڏهن انسان ارادي کي مضبوط ڪري انهن تي حاوي ٿئي ٿو تہ اهو نفسياتي بيمارين کان آجو ٿئي ٿو. اهڙيون بيماريون حاوي ٿين تہ سهاري جي ضرورت پوي ٿي ۽ انهن سهارن ۾ دوائون، دعائون، تعويذ، ڦيڻا، پير، فقير، سگريٽ، شراب ۽ ٻيون شيون شامل آهن. نفسياتي طرح متاثر ٿيل ڪنهن وڏي يا ننڍي بيماريءَ ۾ مبتلا نہ هوندا آهن پر اندر ۾ ٽٽل ڦٽل هوندا آهن.

ارونگ ڪرسچ جي تحقيق اهو ثابت ڪري ٿي تہ پليسيبو جيڪو دوا نہ آهي پر دوا جو روپ ڏئي اهڙن مريضن کي ڏجي ٿو تہ اهي ٻياسي سيڪڙو ٺيڪ ٿي وڃن ٿا، جيڪو ثابت ڪري ٿو تہ اهڙن مريضن کي صرف سهاري جي ضرورت آهي. هڪ اهڙو سهارو جيڪو نفسياتي طور انهن کي اعتماد

ڏئي سگهي ته جيڪا دوا کاڌي آهي اها ضرور اثر ڏيکاريندي ۽ اهڙو اعتماد يا عقيدو انهن جي مدد ڪري ٿو. همت ۽ اهو ادراڪ جاڳائي ٿو ته دوا اثر ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ اهي چڱا ڀلا ڀيا ٿيندا وڃن.

هڪ ٻئي تحقيق سامهون آئي ته پليسيبو سهاري نفسياتي پيچيدگين مان ٻاهر نڪتل ماڻهو اهڙي علاج جي بند ڪرڻ کانپوءِ وري نفسياتي پيچيدگين ۾ ڦاسي پيا. ان لاءِ ضروري هيو ته ڪين مسلسل اهڙي پليسيبو جي اثر هيٺ رکيو وڃي.(13)

دنيا ۾ ڪي بهادر آهن ۽ ڪي بزدل. ڪي چست آهن، ڪي سست. پر انسان ڪيترو به بهادر هجي کيس سهاري جي ضرورت پوي ٿي. بادشاهه هجي ته کيس سپهه سالار جي ضرورت پوي ٿي ۽ سپهه سالار هجي ته فوج ضرورت پوي ٿي. فوج جي سپاهيءَ کي هٿيار جي ضرورت پوي ٿي ۽ هڪ ڪمزور کي پڻ ساڳي ريت هڪ مسلسل سهاري جي ضرورت پوي ٿي. آٿتا (Placebo) ان جو سڀ کان وڏو سهارو آهي. اهو پل ڪوڙ هجي پر لاشعوري طور سچ جو روپ ڌاري کيس سهارو ڏئي ٿو. ڪڏهن پِير جي مٽي (خاڪ شفا) ٻڌجي کيس آرام ڏئي ٿي، ڪڏهن لاکي پير جي جبل جا پٿر چٽي روحاني سڪون ملي ٿو.

ڪنهن جو چوڻ آهي ته اهڙن مريضن کي پليسيبو ڏيڻ کان اڳ کين ٻڌايو وڃي ته اهي ڪهڙي قسم جي دوا وٺي رهيا آهن. ان جو فارمولا ڪهڙو آهي ۽ دوا کائڻ کان پوءِ اها ڪيئن اثر ڪندي.(14) اخلاقي طور اهو درست آهي ته هن جديد دور ۾ خاص ڪري يورپ ۽ آمريڪا ۾ جتي جو عوام انساني حقن بابت وڏيڪ ڄاڻ رکندڙ آهي. انهن کي پڇڻ جو حق حاصل آهي ته کين جيڪا دوا استعمال ڪرائي وڃي ٿي ان بابت ٻڌايو وڃي. ان جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ عام ماڻهوءَ کي پنهنجي حقن بابت ڄاڻ نه آهي. خاص ڪري ڀهراڙين ۾ جتي زهر ڏئي ماريل ماڻهو ان کي رب جي رضا ۽ لکيل حياتي جي پڄاڻي سمجهن ٿا.

جديد دور جي تقاضائن مطابق اهي گهرجون پوريون ڪرڻيون آهن جيڪي هڪ دوا کي آزمائڻ کان اڳ ضروري آهن. حقيقي ميڊيڪل جون دوائون ته اهي گهرجون پوريون ڪن ٿيون پر جڏهن پليسيبو دوائن تي اهو شرط لاڳو ڪيو وڃي ته اهي اثرانگيز نه رهنديون. ڇو جو پليسيبو جو ڪو به فارمولا نه هوندو آهي، اهي ان اعتقاد تي اثر ڪنديون آهن ته ڏيڻ وارو قابل شخص آهي جنهن جي زبان تي اعتبار آهي ۽ وٺڻ وارو شخص پر اميد ۽ عقيدتمند آهي، کيس يقين آهي ته ڏنل دوا جنهن مرض لاءِ ڏني وئي آهي، اها ضرور افاقو ڪندي.

هڪ عامل زعفران مان ڪلڪ ٻوڙي ڪوري ڪاغذ تي ابتيون سبتيون ليڪون پائي ويڙهي سائل کي ڏئي تاڪيد ڪندو آهي ته "هيءُ تعويذ آهي جيڪو توکي ڇوٽڪارو ڏيندو، ان ۾ اندر ڇا لکيل آهي اهو تنهنجو مسئلو نه آهي. اهو منهنجو ۽ منهنجي علم جو مسئلو آهي. خبردار جو ان کي کوليو اٿئي. کولڻ سان ان جو اثر زائل ٿي ويندو."

اهڙا مريض جيڪي مسلسل ٿڪاوٽ جي مرض ۾ مبتلا آهن، انهن تي پليسيبو جو اثر اوٽوپهه سيڪڙو آهي.[15] دراصل مسلسل ٿڪاوٽ (Chronic fatigue) به ڊپريشن جي هڪ علامت آهي. جسماني طور ٿلها، متارا ۽ ڳاڙها شخص ڪڏهن ان بيماريءَ ۾ ورتل هوندا آهن. جڏهن ته وري ڪي سنها سڪا ۽ هڏڀاتيون نڪتل شخص چست ۽ چالاڪ هوندا آهن. طاقت جو سرچشمو همت آهي. همت وارا بهادر سڏبا آهن ۽ دنيا ۾ ڪامياب اهي آهن جيڪي بهادر آهن. بهادري مورثي ورثو آهي جنهن جو معيار، عهدو يا منسب نه آهي. بادشاهه بزدل ۽ فقير دلير ٿي سگهي ٿو. طبيعتون فطرت جون عطا ڪيل هونديون آهن ۽ طبيعتن تي ضابطو انسان جو پنهنجو ارادو (Will) آهي. ارادي جي قوت سندس سنين صفتن کي سامهون آڻي ٿي. اهڙي قوت سان اوگڻ دٻيل رهن ٿا. ڪاوڙيا جوش ارادي جا دشمن آهن. پنهنجي طبيعت کي ضابطي ۾ رکڻ ائين آهي جيئن ڪو ڏنار ٻڪرين جي ڌڻ کي لڪڻ سان قابو ڪري، ٻڪريون ڪي اڇي رنگ جون آهن، ڪي ڪاريون ۽ ڪي چٽڪبريون، ڪي ننڍيون ڪندي ٿڪجي پوندا آهن ڪي اوجاڳا ڪري به تر ۽ تازا ڏسبا آهن. خصلتن جي ڌڻ کي ڏنار جي ضرورت پوي ٿي ۽ ڏنار جي هٿ جو لڪڻ پليسيبو آهي. اميدن جي راهه تي رلندڙن ابين لاءِ لٺ سهارو آهي.

❖

References:

1. **“Placebo”.**
   Charlton T. Lewis and Charles short. A latin Dictionary on persons project.
2. Aria Y , Martin – Ruiz CM , Takayama M , Abe Y et all (2015).
   **“Inflammation , but not Telomere length , Predict successful ageing at extreme old age : A longitudinal study of semi supercentenarians”.**
   EBio Medicine. 2(10) 1549-52.
3. Sadava , D. Hillis , D. Heller , C and Berenbaum M (2011) Life:
   **“The science of biology”**
   (9th ed). Sunderland MA: Sinauer Associates Inc.
4. Witzany G (2008)
   **“The viral origin of Telomeres , telomerases and their important role in eukaryogenesis and genome maintantance”.**
   Biosemiotics. 1:191-206.
5. Gensini GF. Conti AA. (2005)
   **“Past and present of what will please the lord : and updated history of the concept of placebo”**. Minerva medica. 96(2):121-4.
6. Wechsler ME , Kelly JM. Dutiles Marigowda G et al. (2011).
   **“Active albuterol or placebo , sham accupuncture or no intervension in asthma”.**
   New England Journal of Medicine 365(2):199-126.

7. Fabrizo Benedetti , Helens . Mayberg , Tor D , Wagner (2005)
**“Neurological Mechanism of the placebo effects”.**
The Journal of Neuroscience 25(45)-166.
8. Hrobjartsson A , Norup M (2003).
**“The use of placebo intervensions in medical practice – a National questionnaire survey of Danish clinicians”.**
Evaluation and the health professions.26(2):153-65.
9. Beecher HK (1955).
**“The powerful placebo”**.
Journal of American Medical association. 159(17)1602-1606.
10. Hrobjartsson A , Gotzsche PC. (2001).
**“Is the placebo powerless ? An analysis of clinical trails comparing placebo with no treatment”.** New England Journal of Medicine.344(21):1594-1602.
11. Cousins , Norman (1989).
**“Head First”**.
New York : E.P. Dutton . PP 229-231.
12. Kirsch I , Deacon B et al (2008).
**“Initial Severity and Anti depressant Benefits: A meta-analysis of data submitted to the food and drug administration”.**
PLOS Me.5(2):45.
13. Khan A . Redding N , Brown WA (2008).
**“The persistence of the placebo response in antidepressant clinical trials”**.
Journal of Psychiatric Research.42(10):791-796.
14. Asia A, kadooka Y. (2013).
**“Re-examination of the ethics of placebo use in clinical practice”.**
Bioethics.27(4):186-193.
15. Cho HJ. Hotopf M. Wesselys (2005).
**“The placebo response in the treatment of chronic fatigue syndrome : A systemic review and meta-analysis”**
Psychosom Med.67(2):301-13.

❖

# جعلي جراحي ۽ پليسيبو

(Sham Surgery and Placebo)

جعلي جراح پليسيبو آهي.[1] اهڙي جراحي صرف مريض کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. ڪڏهن گلوڪوس جي ٽيلهي يا پاڻيءَ واري سُئيءَ سان مريض فائدو محسوس ڪندو آهي.[2] سن 1939ع ۾ فيچي (Fieschi) ڪي پاسي ٽڻ ۾ ڏاڳو ويڙهي دل جي بيمارين جو علاج ڪندو هيو.[3]

ايڪيو پنڪچر جنهن ۾ سنهيون سئيون جسم جي مختلف هنڌن تي هڻي علاج ڪيو ويندو آهي.[4] اهڙو علاج چين ۾ ٿئي ٿو جنهن جو سائنسي بنياد نه آهي.[5] ائين به ٿئي ته سئين ذريعي سور جو علاج ڪڏهن پاڻ سور جو سبب ٿي پوي ٿو پر جي اهي سور ۾ گهٽتائي آڻين ٿيون ته اهو پليسيبو جو اثر آهي.[6] ائين به ٿيو آهي ته سئين سان ماڻهوءَ کي انفيڪشن ۽ ٻيون بيماريون ٿين ٿيون.[7] ان علاج جي فلسفي موجب ساهواري ۾ زندگيءَ جي طاقتور توانائي (Life force energy) ٿئي ٿي جنهن کي Chi يا gi چيو وڃي ٿو. سنهين سئين جو ان تي اثر آهي.[8] علاج جو اهڙو طريقو چين ۾ عيسا کان سوَ سال پهريون کان رائج آهي.[9] نه صرف اهو طريقو پر اهڙا سوين طريقا دنيا ۾ موجود رهيا آهن ۽ موجود رهندا پيا اچن.

سنڌ ۾ پوپا جيڪي ڪڏهن جراح به ليکبا هيا, اهي اهڙي جراحي ڪندا هيا. اڌ رنگي جو علاج ائين ٿيندو هيو جو پوپا متاثر پاسي مان گوشت ڪڍي تارازيءَ ۾ توري دفنائيندا هيا.

منهنجي والد صاحب جون اکيون ڪڏهن نيڪ نه ٿيون, ان ٻڌايو ته جڏهن ننڍو هيس ته ڪيس اکين جو آرزو ٿي پيو. ڏاڍي گهڻا وس ڪيا, نيڪ نه ٿيو نيٺ پوپا گهرايا ويا جن وٽ تيز ڌار اوزار هوندا هيا. اهي اکيون چِليندا هيا.

والد صاحب جي واتان اهڙي ڳالهه ٻڌي ننڍي هوندي مان روئي پيو هيس ۽ هاڻي به روئڻ پيو اچي. منهنجي والد جي نظر ڪڏهن نيڪ نه ٿي.

ڪجهه باڳڙي عورتون هيون جيڪي جراحيءَ جو ڪم ڪنديون هيون. انهن وٽ سنها سڱ هوندا هيا, سڱ ۾ سوراخ هوندو هيو. اهي جسم جي مختلف حصن تي سڱ چاڙهي سُوٽ ڏئي رت ڇڪينديون هيون. اهڙي علاج کي "سڱيون چاڙهڻ" چوندا هيا. ساڳي طريقي سان سڱين بجاءِ جورن استعمال ٿينديون هيون. جورون ڍنڍن يا تلائن ۾ ناسي رنگ جا جيت هونديون آهن, جيڪي جسم کي چنبڙي رت چوسينديون آهن. اهو عقيدو آهي ته جسم ۾ خراب رت ڪٺو ٿي وڃي ٿو جنهن کي ڪيرائڻ ضروري آهي. سائنسي طرح اهو غلط آهي ڇو جو پوري جسم ۾ ساڳيو رت ٿئي ٿو سڱين يا جورن کي ڪا اهڙي شڪتي نه آهي جو اهي خراب رت جي چونڊ ڪري ان کي ٻاهر ڪڍي ڇڏن. مختلف بيمارين جا جراثيم رت کي متاثر ڪن ٿا ۽ اهي جراثيم ڪنهن مخصوص جاءِ تي هجڻ بجاءِ

رت ۾ هر هنڌ ڦهليل ٿين ٿا. اهڙين بيمارين جو علاج جراثيم ڪش (Antibiotics) دوائن ڪانسواءِ ٿيو نہ آهي.

نندي هوندي اسان ٻارن کي جڏهن اکين جي سوزش ٿيندي هئي تہ پاڙي جي هڪ بزرگ عورت سمهڻ کان اڳ روز رات جو اکين ۾ ڪنڊ وجهي مٿان مٽيءَ جا پها ٻڌي هلي ويندي هئي ۽ اهڙو وقت ايندو هيو جو اسين شفاياب ٿيندا هياسين. دراصل اکين جي اهڙي سوزش وائرس ڪري هوندي هئي جيڪا وقت گذرڻ سان پنهنجو پاڻ ٺيڪ ٿي ويندي هئي. وائرس گهڻو ڪري جسم جي مدافعت (Immunity) کان پوءِ ٺيڪ ٿي ويندي آهي. هاڻي سوچيان ٿو اکين ۾ ڪنڊ وجهڻ وارو عمل ٺيڪ نہ هوندو هيو ڇو وائرس ڪانسواءِ ٻيا جراثيم ڪنڊ تي ڦهلجن ٿا. منهنجو پليسيبو ۾ انڪري عقيدو آهي جو هاڻي چوان ٿو شڪر آهي مالڪ جو قسمت سٺي هئي نہ تہ مائيءَ پنهنجي پاران گهٽايو ڪين هيو. پر ان جو ڏوهہ بہ نہ هيو ڇو جو ويچاريءَ کي ڄاڻ نہ هئي، بس پناهہ جو هر ٽاڪ پليسيبو آهي.

ڪڏهن ٻجلي نہ هوندي هئي ٻارن کي داڻا ۽ ڦرڙيون هونديون هيون. پاڙي جو حجم ٽڪا ڏئي روڳ ڪڍي ڦٽن ۾ مٽي پريندو هيو. ڏاڏي کي ڳلي ۾ سوزش ٿيندي هئي تہ اهو پاڙي جي هڪ حاجاڻيءَ کان ڪاڪڙو ڪٽائيندو هيو. حاجاڻي نم جي ڪانيءَ تي پوپو وڙهي سائي ڦودني ۾ ٻوڙي ڪيس وات کولرائي ڪاڪڙي ۾ هڻندي هئي ۽ چوندي هئي.

"پريا مڙس ڪاڪڙو ڪٽاءِ."

ائين چار پنج دفعا ورجهائيندي هئي ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سندس ڳلي جي سوزش گهٽجي ويندي هئي. اهي ٽڪا پنجا (Remedies) علاج جو ٻهانو هوندا هيا. ڇو جو غريباڻي ماحول ۾ ٻيو ڪو وسيلو نہ هوندو هيو ۽ اهو بہ ضروري هوندو هيو تہ علاج ڪرايو وڃي نہ تہ بيماري ڪيئن ٺيڪ ٿيندي.

مذهبي عقيدي موجب حياتي لکيل آهي. جيڪڏهن پڙهيل هجي ها تہ ڪهڙو نہ سٺو پر پڙهيل تڏهن هجي ها جڏهن لکيل هجي ها مان موضوع کي دلچسپ بنائڻ لاءِ اهو سڀ مزاح طور چوان ٿو. هتي حياتيءَ جي لکيل هجڻ جو منهن اوپر طرف ۽ پڙهيل هجڻ جو منهن اولهہ طرف آهي. هيءُ اهو لکيل پڙهيل نہ آهي جيڪو اسڪولن ۾ لکيو پڙهايو وڃي ٿو. هيءُ اهو لکيل پڙهيل آهي جيڪو قسمت جو لکيل ۽ ڪنهن عامل جو پڙهيل آهي. جيڪو پاڻي، شربت يا کير تي سگهي ٿو. عامل جو پڙهيل پاڻي گهڻن پڙهيلن کان وڌيڪ اثر انگيز ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن توهان جو عقيدو آهي. شوڪاري سان بہ شيون اڏامنديون آهن. هڪ سور ٻيو ڏوڙ سائل کي هڻ تہ سور مٽيءَ کي هڻ تہ ڏوڙ.

❖

References:

1. Tenery R – Rekansty H, Providence RI, Redric FA Jr- et al ( 2002 ).
   **“Surgical Placebo controls”.**
   Annals of surgery 235 (2): 303-7
2. Stolberg SG ( 1999 ).
   **“ Sham surgery returns as research tools”**
   The New York times. Retrieved May 1 , 2009.
3. Cobb LA , Thomas GL , Dillard DH , Merendino KA , Bruce RA ( 1959 ).
   **“ A evaluation of internal – mammary artery ligation by double blind technic ”.**
   New England Journal of Medicine.260(22): 1115-8.
4. Cheng.X (1987 ). Chinese acupuncture and Moxibustion ( Ist ed.). Forign language press.
5. Needham J. Lu GD ( 2002 ). Celestial lancets:
   **“ A history and rationale of acupuncture and moxa”.**
   Routledge.
6. Singh S , Ernst E , ( 2008 ) .
   **“ Trick or treatment : Alternative medicine on trial ”**
   London : Bantam.
7. Madsen , M.V . Gotzsche , P.C ( 2009 )
   **“ Acupunture treatment for pain. Systemic review of randomised clinical trials with acupuncture , placebo acupuncture and no acupuncture groups” .**
   BMJ . 338 : a 3115.
8. Wiseman N , Ellis A ( 1996 ).
   **“ Fundamentals of Chinese medicine ”**.
   Paradigm publications.
9. Barnes , L L ( 2005 ).
   **“ Needles , Herbs , Gods , and Ghosts. China , Healing and the west to 1848 ”**.
   Harvard university press.


❖

# مزاجي تجزيو ۽ پليسيبو

(Humorism and Placebo)

مزاجي تجزيي جي تاريخ پراڻي آهي اهو ماڻهوءَ جا چار مزاج ٻڌائي ٿو ان جو ذڪر هندوستان جي ويجن ۾ ملي ٿو.

ان تجزيي موجب انسان ۾ چار پاڻيات (Humors) آهن.

سائيات 1. Choleric

ڳاڙهيات 2. Sanguine

هيڊيات 3. Melanocholic

اڇيات 4. Phegamatic

انهن مزاجي پاڻيائن کي سامهون رکي پرهيز، دوائون ۽ جراحي طريقا رائج ڪيا ويا. يوناني، رومن ۽ هندستاني طب جي ڪتابن ۾ انهن جو ذڪر آهي. ان عقيدي موجب جيڪڏهن انهن چئن پاڻيات ۾ ڪا تبديلي اچي ٿي ته اها انساني مزاج تي اثر ڪري ٿي.[1]

هپوڪريٽ فڪر موجب انسان ۾ چار پاڻيائيون ٿين ٿيون جن کي مختلف رنگ آهن. سائو (Bile)، پيلو (Plasma)، اڇو (Phelgm) ۽ ڳاڙهو (Blood).

فطري طور انهن پاڻيائن جو مقدار انسانن ۾ ساڳيو نه آهي جنهن ڪري مزاج مختلف آهن.[2] ماڻهوءَ جي صحت جو اندازو به انهن مزاجن مان لڳايو ويندو هيو. بگڙيل مزاج اهو ظاهر ڪندو هيو ته ان جي پاڻيائن جو تناسب بگڙجي چڪو آهي. بگڙيل تناسب جو اثر دماغ ۽ جسم تي آهي.[3]

هپوڪريٽس کانپوءِ اهو تجزيو رومن ۾ به رائج رهيو ۽ اڳتي هلي اسلامي طب جو حصو بڻيو. ان خيال يورپ جي گهڻن ملڪن کي متاثر ڪيو. جڏهن جديد سائنسي طب جا نظريا بدلائي ڇڏيا ته اوڻويهين صديءَ کانپوءِ ان نظريي جو اثر گهٽجي ويو.[4]

ان تجزيي جو متن ائين رهيو ته جڏهن چار پاڻيائون تناسب ۾ آهن ته جسم صحتمند رهي ٿو جيڪڏهن اهڙي تناسب ۾ گهٽ وڌائي ٿئي ٿي ته اها بيماريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. انهن گهٽ وڌائين ۾ بين سبن ڪانسواءِ اهو به هيو ته گناهن، رشوت ۽ پرهيز جو وڏو عمل دخل آهي.[5]

چئن پاڻيائن جي تصور ان خيال مان جنم ورتو ته جيئن ڌرتي چئن عنصرن، مٽي، پاڻي، هوا ۽ باهه مان ٺهيل آهي ائين جسم به چئن جزن مان ٺهيل آهي.[6]

انهن چئن پاڻياڻن کي تاثير جي لحاظ کان چئن حصن ۾ ورهايو ويو. ڳاڙهو (رت) جنهن جو تاثير گرم ۽ گهميل آهي. سائو (بائيل) گرم ۽ خشڪ آهي. هيڊو (پلاسما) ٿڌو ۽ خشڪ آهي، اڇو (بلغم) جيڪو جميل آهي.

چئن پاڻياڻن جي تاثير ڪري مزاج مختلف ٿئي ٿو. مزاح (Humor) پڻ مزاج (Temprament) جو تاثر (Expression) آهي.[7]

چئن پاڻياڻن جي نظريي جي تاريخ عيسا کان پنج سئو سال پهريون جي ٿي سگهي ٿي، جيڪا پراڻي مصر ۽ ميسوپو ٽيميا مان شروع ٿي[8] ۽ اجان يوناني طب ۾ شامل نه ٿي هئي[9] اڳتي هلي هپو ڪريٽس ان کي يونان ۾ زور وٺايو. هپوڪريٽس جنهن کي قديم طب جو بابو چيو وڃي ٿو اهو عيسا کان ٽي سئو ستر سال اڳ ڄايو هن چيو "اهي چار پاڻياٺ صحت جو راز آهن. بيماري تڏهن نازل ٿئي ٿي جڏهن انهن مان ڪنهن جي گهٽ وڌائي ٿئي ٿي.[10]

گيلن (201_129ع) انهن پاڻياڻن بابت ائين چيو ته انهن جي گهٽ وڌائي ٻاهرين شين جي ڪاڻ پيٽ سان نه ٿي ٿئي پر اهي پاڻياڻون اندروني طور پيدا ٿين ٿيون. هن ائين به چيو ته ڪجهه کاڌن جو انهن تي اثر آهي. گرم کاڌا جگر کي متاثر ڪن ٿا ۽ پيلو پاڻي وڌي وڃي ٿو جڏهن ته ٿڌا کاڌا بلغم (Phelgm) پيدا ڪن ٿا. گرمي، ٿڌ، ڏندي ۽ رهائش جو انهن پاڻياڻن تي اثر آهي.[11]

اسلام جي سونهري دور ۾ مسلمان ملڪن ۾ اهو نظريو عام هيو ته جسم ۾ چار پاڻياٺ ٿين ٿا جن تي صحت جو مدار آهي. ابن سينا انهن پاڻياڻن کي پنهنجي ڪتاب "القانون في الطب" ۾ وضاحت سان بيان ڪيو آهي. اهو ڪتاب پنجن جلدن تي مشتمل آهي جيڪو هن 1025ع ۾ مڪمل ڪيو.[12] اهو اصل عربيءَ ۾ آهي پوءِ فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو. ان وقت اهو ڪتاب يورپ ۾ پڙهايو ويندو هيو ۽ طب تي مستند ڪتاب مڃيو ويندو هيو. اهو هاڻي به يمن جي طبي ڪاليجن ۾ پڙهايو وڃي ٿو.[13]

نفسيات ۾ چئن مزاجن جي تشريح الڳ آهي.

1. Sanguine= پرجوش، چست ۽ ملڻو جهلڻو
2. Choleric= تيز، چڙاڪ، هلڪي مزاج وارو
3. Melanocholic= انصاف پسند، خاموش، چڱو مڙس
4. Phelgm= ٿڌو، امن پسند

اوڻويهين صديءَ کان اڳ دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿيندو آيو اهو اوندهه ۾ ٺاڦوڙا هيو. تشخيص جا جديد طريقا موجود نه هيا. طب جي دنيا ۾ خوردبين (Microscope) وڏو انقلاب آندو. خوردبين نظر نه ايندڙ دنيا ڏيکاري ٿي. جراثيمن جي نظر اچڻ سان بيمارين جي سبب جي خبر پئي. جراثيم ڪش دوائون (Antibiotics) ناهيون ويون ۽ بچاءَ جا ٽڪا ايجاد ٿيا.

جيڪڏهن خوردبين جي تاريخ تي وجهبي تہ عيسا کان پنج هزار سال اڳ يونان ۾ گولو (Sphere) استعمال ڪيو ويندو هيو. اهو ائين هيو تہ گول شفاف شيءِ سان وڏو ڪري ڏسبو هيو. اهو جديد آتشي شيشي (Magnifying glass) جو پراڻو نعمل بدل هيو. تيرهين عيسوي صديءَ ۾ آتشي شيشا عينڪن ۾ استعمال ڪيا ويا.[14]

ساڳيا شيشا پوءِ سڌاري خوردبين ۾ هنيا ويا. 1620ع ۾ يورپ اندر ننڍيون خودبينيون ايجاد ٿيون جيڪي پائيدار نہ هيون. خوردبين جي ايجاد ڪندڙ جي صحيح خبر نہ آهي، ان باري ۾ مختلف رايا آهن. گليليو کي پڻ خوردبين جي ايجاد ڪندڙن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. هن دوربين (Telescope) ۾ اهڙا شيشا استعمال ڪيا ۽ سيارن جو مشاهدو ڪيو.[15] 1624ع ۾ ڊريبل (Drebble) ان ۾ سڌارو ڪري روم جي هڪ نمائش ۾ پيش ڪيو.[16]

خوردبين ذريعي 1670ع ۾ جسم جا جيوگهرڙا (Cells)ڏنا ويا ۽ اوڻوهين صديءَ ۾ لوئي پاسچر جراثيم دريافت ڪيا ۽ 1876ع ۾ رابرٽ ڪوڪس اهو ثابت ڪيو تہ جراثيم بيماريون پيدا ڪن ٿا.[17]

طب جي حوالي سان اوڻويهين صديءَ ۾ صحيح رستو مليو آهي، پر دڳ اڃان منجهيل آهي. مون کي پڪ آهي جيئن سائنسدانن دعوا ڪئي آهي تہ 2020ع ۾ ڪينسر جو مڪمل علاج اچي ويندو ۽ ڪينسر کان بچاءَ جا ٽڪا دريافت ٿي ويندا، پر اهي موت جو علاج ڳولهي نہ سگهندا. ان باوجود بہ تہ موت جو تخم (Gene of death) ساهہ واري جي جيوگهرڙي ۾ موجود آهي، ان کوڊ کي تبديل ڪري حياتي وڌائي بہ سگهندا پر موت فطري آهي. موت کانسواءِ هڪ غيرتمند انسان بي موت مري ويندو. اها بدنصيبي هوندي جيڪڏهن هو مري نہ سگهندو. اسين حياتيءَ کي ان حد تائين قبول ڪيون ٿا جيتري ان جي برداشت جي حد (Threshold) آهي. نہ پيدا ٿيڻ ماڻهوءَ جي وس ۾ آهي، نہ مرڻ ان جي هٿ ۾ زندگي موت ائين قبولي ٿي جيئن نڪاح.

انسان ۾ چئن پاڻيانن جو نظريو ۽ انهن جي تاثير جو مزاج تي اثر، ٿڌي، گرم، خشڪ ۽ گهميل تاثيرن جو اثر، پرهيز جو نظريو. بدڪاري، رشوت ۽ ٻين گناهن جو پاڻيانن جي تناسب کي متاثر ڪرڻ، اهو سڀ جهالت جي دائري ۾ انڪري نہ ٿو اچي تہ وقت کي انهن جي ضرورت هئي. اسان وٽ اهڙا طريقا اڄ بہ رائج آهن. پرهيز کي وڏيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي. ڪاڏا ٿڌا ۽ گرم ٿين ٿا؟ اڪثر مريض ڊاڪٽر کان دوا وٺي اهو پڇندا آهن تہ ”پرهيز ڪهڙي ڪيان؟“

جديد ميڊيڪل ۾ پرهيز جو ڪو تصور نہ آهي. سواءِ ان جي تہ آنڊن جي بيمارين ۾ ڪڏهن نرم کاڌي جي ضرورت پوي ٿي.

ڪيترا حڪيم پاڻياٺ جي رنگن جي نسبت سان مختلف رنگن جي روشنين سان علاج ڪن ٿا. ڪراچيءَ ۾ حڪمين جا اهڙا دواخانا موجود آهن.

دراصل پليسيبو هر عمل دخل ۾ لقاءَ تي حڪمراني ڪئي آهي. پليسيبو سليماني ٽوپ پائي تخت طائوس تي ويٺل آهي، اهو موجود هوندي به نظر نه ٿو اچي.

ميڊيڪل ۾ انهن پاڙيائن جي ڪا اهميت نه آهي. اهو سڀ وهم ۽ گمان آهي. جيڪڏهن پليسيبو نه هجي ها ته دنيا ڪيڏو پوڙهي ها؟ ان جو اندازو نه ٿو لڳائي سگهجي. هڪ مزدور جا ٻڪ تي ويٺل ٻار سچو ڏينهن اهو سوچي آسرو ڪن ٿا ته بابو ويو آهي ڪمائي ايندو، ديڳڙي چڙهندي، ماني پچندي کائينداسين. بابي جو ڪمائي اچڻ پليسيبو آهي. ان آسري ڏينهن ته گذريو. رات جو مالڪ رب آهي. جيڪي ڀاڳ، بابي کي مزدوري نه لڳي. هٿين خالي موٽيو ٻئي ڏينهن جو آسرو، ڪٿان مليو ڪاڏو ٻڪ مقدر آهي. مقدر بڪيو نه آهي. ماٺهو ماني کائي ٿو مقدر ماٺهو کائي ٿو. اهو انڪري ٿو چوان ته ماٺهو مقدر آسري مقدر جو ڪاڄ تي وجي ٿو. سچ ته اسين ڪجهه ڪري نه ٿا سگهون. جيڪي ڪيون ٿا اهو فضول آهي. پڪ نه آهي ته جيڪي ڪيون ٿا ان جي ضرورت به آهي يا نه؟ اونده ڪان ٻڌڻ وارو اونده ۾ اکيون بند ڪري سمهي سگهي ٿو. ننڊ حرام انهن جي هوندي آهي جيڪي ڏينهن ڪان ٻڌندا آهن. ڏينهن جا ڏنپ ڏاڍا ڏکيا.

پليسيبو جا موجد اسان جا فلسفي، اسان جا طبيب، اهڙي ماءُ جيان آهن جيڪا لولي ڏئي سمهارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. رانديڪو ڏئي راضي رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. پليسيبو ڪڏهن ماءُ جي لولي تي پوي ٿو. ڪڏهن ٻار جي هٿن ۾ رانديڪو.

ننڍي هوندي غربت هئي، مون انڊيا جي هڪ فلم ڏٺي جنهن ۾ چراغ مان جن نڪري ٿو. مونکي صفا اهڙو چراغ سکر ۾ سڪي تلاءَ وٽ پراڻين گاڏين جي مرمت ڪندڙ ورڪشاپ جي گند مان مليو. اهو چراغ ته نه هيو پر چراغ جهڙو هيو. جنهن سان مشين ۾ تيل وجهبو آهي. مون وٽ رانديڪا نه هوندا هيا. مون چراغ کي ائين سانڀي رکيو جيئن اهو الهدين جو هجي. انڊيا جي ڏٺل فلم وانگر مان چراغ کي پاسي ڪان مهٽيندو هيس اهو سوچي ته ان مان هڪ ڏينهن ضرور جن نڪري منهنجون خواهشون پوريون ڪندو. مان ان جن کي خواب ۾ ڏسندو هيس. اهو جن جنهن تي چڙهي ويهندو هيس، خواب ۾ اهو ڏسي ڪاوڙ ايندي هئي ته اهو اڳتي اڏرڻ بجاءِ پيرن واري پاسي اڏرندو هيو.

اهو پليسيبو هيو. منهنجو آٽت هيو. اهو چراغ جيڪو چراغ نه هيو پر چراغ جهڙو هيو. ان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هيس. ساهه ۾ سانڀيندو هيس. اهو موبل جي ڏپ ۾ موبل تي جميل ڪاري مٽيءَ وارو چراغ منهنجو اڪيلو ۽ طاقتور پليسيبو هيو.

❖

References:

1. Bynum. Edited by W.F. Porter Roy (1997).

"**Companion Encyclopendia of the history of medicine".**
( 1st Pbk. Ed) London : Routledge.p.281.
2. Richet C (1910).
**"An address on ancient humorism and modern humorism"**:
Delivered at the international congress of physiology held in Vienna. September 27th to 30th . (PDF). Br Medical J.2:921-6.
3. Linderman , Mary (2010).
**"Medicine and society in early modern Europe".**
University printing House.p.13.
4. Johansson , Ingvar , Lynoe , Neils. (2008).
**"Medicine and philosophy: A twenty first century introduction".**
Walter de Gruyter.p.27.
5. Lawrence I. courad et al (1998).
**"The western medical tradition. 800Bc to 1800"**
( Reprinted edition ) Cambridge university press.p.101.
6. **"Humorism"**
entry.p.204 in websters New world medical dictionary , 3rd edition. Houghton. Mifflin Harcourt. 2009.
7. Byron good .
**"Medicine , Rationality and experience: An anthropological perspective".**
Cambridge university press.1944.
8. Van sertima , Ivan (1992).
**"The Golden age of Moor"**.
Transaction publishers.p.17.
9. Sudhoff.karl (1926).
"**Essays in the history of medicine"**.
Medical life press. New York city.pp.67,87,104.
10. Hippocrates (460-370 Bc).
**"In Hippocratic corpus. On the sacred disease".**
11. Lindberg , David C. (2007).
**"The beginning of western science: The European scientific tradition in philosophical , religious and institutional contest , prehistory to A.D - 1450"**
(2nd –ed) Chicago : university of Chicago press.
12. **"Encyclopedia of Islam"** :
vol I, p.562 , edition I.1964, Lahore , Pakistan.
13. Nasr , Seyyed Hossein (2007).
**"Avicenna"**.
Encyclopedia Britannica from the original (2007).
14. Bardell , David (2004).
**"The Invention of the microscope"**.
Bios . 75(2):78-84.
15. Raymond J. Seeger,

**“Man of physics: Galileo Galilei , His life and his work”**,
Elservier – 2016 , 24.

16. J. william Rosenthal ,
**“spectacles and other vision aids”**:
A history and guide to collecting , Norman publishing , 1996.p.391.
17. Liz logan (2016).
**“Early microscope revealed a new world of tiny living things”.**
Smithsonian.com.

❖

# ڪوڙي سائنس ۽ پليسيبو

(Pseudoscience and Placeo)

ڪوڙي سائنس ان کي چئبو آهي جنهن ۾ تجربي کان وڌيڪ گمان جو عمل دخل هجي.[1] سائنس ۽ ڪوڙي سائنس کي ائين ورهائي سگهجي ٿو ته ڪوڙي سائنس جو مدار فلسفي تي آهي ۽ حقيقي سائنس جو تجربي تي.[2] ڪوڙي سائنس جديد سائنس جو بنياد آهي. ڪوڙي سائنس جو فلسفو صحت، ماحول، تعليم ۽ ايجادن تي اثرانداز رهيو آهي.[3]

ڪوڙي سائنس ۾ جن شين تي علم کان وڌيڪ عقيدي جو اثر رهيو آهي، اهي علم نجوم، ڪيميا ۽ آسيبن تي مشتمل آهن.[4]

ڪوڙي سائنس يوناني لفظ آهي جنهن ۾ سوڊو (Pseudo) معنا ڪوڙ آهي. ائين سوڊو سائنس معنا ڪوڙي سائنس[5] ڪوڙي سائنس هزارين سالن کان نافذ رهي، ان کي حقيقي سائنس کان اڻويهين صديءَ ۾ الڳ ڪيو ويو. سڀ کان پهريون جيڪو ان موضوع تي مقالو لکيو ويو اهو فرانس جي سائنسدان فرانڪوس ميلنڊي 1843ع ۾ لکيو.[6]

دماغي تجزيي (Phrenology) موجب مغز (Brain) دماغ (Mind) جو عضوو آهي ۽ عقل جو دارومدار مغز جي ماپ تي آهي. اهڙو خيال فرانز جي، سفگال 1796ع ۾ پيش ڪيو. سندس عقل جي باري ۾ پيش ڪيل نظريو 1810ع کان 1840ع تائين يورپ ۾ مقبول رهيو.[7]



Figure of Phrenology

دماغي تجزيي جو نظريو هيو ته مغز مادو آهي جڏهن ته دماغ روح آهي.[8] سائنس جا ڪجهه اصول ٿيندا آهن جن ۾ مفروض (Hypothetic) کي ڪنهن حد تائين اها اهميت حاصل آهي ته ڇا سائنس جو اهڙو فرضي خيال اڳتي هلي تجربي سان حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ سائنس جو تعلق تجربي سان آهي ۽ اهڙو تجربو جيڪو جيڪڏهن ٻيو به ڪري ته ساڳيو نتيجو نڪري.[9]

ويهين صديءَ جي وچ ڌاري ڪارل پراپر سچ ۽ ڪوڙ کي الڳ ڪرڻ لاءِ ڪوڙ جي پرک (Criterion of falsiability) جو تصور ڏنو. هن چيو ته ڪي متا ۽ اصول هجن جن وسيلي سچ ۽

ڪوڙ ۾ تفاوت ڪيو وڃي. ڏاند اڇو هجي ۽ ان کي ڪارو چيو وڃي ته اڇي ۽ ڪاري کي الڳ ڪرڻ لاءِ ثبوتن جي ضرورت پوندي. ائين ڪوڙي سائنس ۽ حقيقي سائنس جو به تفاوت ٺيڪ گهرجي، جنهن لاءِ تجربو شرط آهي. هن ائين به چيو ته "خدا جو وجود" ڪو چوي ٿو آهي ۽ ڪو چوي ٿو نه آهي. پر ان لاءِ ڪو اهڙو تجربو نه آهي جيڪو ثابت ڪري سگهي.[10]

اهو ڏکيو آهي ته ڪوڙي سائنس جي تاريخ کي حقيقي سائنس جي تاريخ کان الڳ ڪري سگهجي ڇو جو جديد سائنس جون ڪڙيون ڪوڙي سائنس سان جڙيل آهن، جنهن جو مثال ڪيمسٽري آهي. ڇو جو ان جو بڻ بنياد "الڪيميا" سان آهي جيڪا ڪوڙي سائنس جو حصو رهي آهي.[11]

## (A) طبعاتي ڪوڙي سائنس (Physical Pseudoscience)

1. سياراتي سائنس: مايا تهذيب ۾ سيارن کي سامهون رکي حساب لڳايو ويو هيو ته ايڪيهه ڊسمبر 2012ع ۾ دنيا جو انت ٿيندو. ڇو جو ان تاريخ تي دنيا پنهنجا 5126 سالن جا ڦيرا پورا ڪري وٺندي. اهڙو تاثر مايا تهذيب جي عقيدي ۾ وڏي اهميت جو حامل هيو. مايا تهذيب جيڪا ميڪسيڪو گوئٽيمالا، بيلائيز هونڊوراس ۽ السلواڊور تي مشتمل هئي. ان تهذيب جو ٻه هزار قبل مسيح کان ٻه سئو پنجاهه سال عيسا ڪانپوءِ تائين وجود رهيو.[12]

2. پراڻا خلانورد: اهو تمام پراڻو خيال آهي ته ٻين سيارن کان خلانورد ڌرتيءَ تي ايندا رهيا آهن. انهن هتان جي ماڻهن سان ميل جهول رکيو آهي. اهڙي خيال ديوتائن (Dieties) جو تصور ڏنو ۽ مذهبن جي شروعات ٿي.[13]

3. سيارن جا لقاءَ: سيارن جا لقاءَ مذهبن ۽ نظرين تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. بائيبل ۾ لکيل آهي ته خدا ڪائنات کي ڇهن ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ۽ ستين ڏينهن آرام ڪيو.[14] (Genesis I)

4. ڊوگان ۽ سائرس: ڊوگان نسل جا ماڻهو جيڪي آفريڪي کنڊ جي مالي ۽ نائجر ۾ رهن ٿا. انهن شاهدي ڏني آهي ته کين اڇي رنگ جي ننڍي قد واري مخلوق نظر آئي آهي. انهن اهڙي مخلوق کي سائرس جو نالو ڏنو پر جڏهن يورپ جا ڪجهه سائنسدان اتي ويا ته کين اها مخلوق نه ڏيکاري وئي.[15]

5. چنڊ تي مائي: چنڊ ۾ داڳن جي ترتيب سان نهنڊڙ شڪلين کي مختلف روپ ڏنا ويا. ڪن ڏسي چيو ته ڪا بزرگ عورت چرخي تي سٽ ڪتي رهي آهي. ائين به چيو ويو ته ان ۾ ڪنهن فرشتي جو منهن آهي.

6. ڌرتيءَ جو مرڪزي ماڊل: ستارن جي پراڻي علم موجب ڪائنات ۾ ڌرتيءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. چنڊ، سج ۽ تارا ڌرتيءَ چوڌاري گردش ڪن ٿا.[16] اهڙي خيال کي صدين تائين اهميت حاصل هئي ۽ اهو تعليم جو حصو رهيو.

7. چنڊ گرهڻ ۽ سج گرهڻ: اهڙن لقائن جو مشاهدو ڪري ڇيو ويو هيو تہ انهن جو جسم ۽ روح تي اثر آهي. ڳورهاري عورتن کي انهن کان لڪايو ويندو هيو. ڇيو ويندو هيو تہ پيدا ٿيندڙ ٻار ۾ پيدائشي نقص هوندا.[17] سنڌ ۾ اڄان اهڙو عقيدو آهي.

8. ڌرتيءَ جو تراڪڙو عقيدو: انٽرنيشنل فليٽ ارٿ سوسائٽي اڄ بہ ان نظريي تي قائم آهي تہ ڌرتي گول نہ پر تراڪڙي آهي، اها سوسائٽي هڪ انگريز سموئل شينٽن 1956ع ۾ ناهي هئي جيڪا خلامان ورتل ڌرتيءَ جي فوٽن ۽ ٻين ثبوتن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. جڏهن تہ اها حقيقت آهي تہ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز نہ آهي ۽ اها گول آهي. پر اهڙو خيال بائبل سان تصادم ۾ آهي.[18]

9. چنڊ تي لهڻ: ترقي يافتا ملڪن جون ڪجهہ تنظيمون اڄان اهو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ انسان چنڊ تي پهتو آهي. ناسا دوکي بازي ڪئي آهي. چنڊ تي انسان جون تصويرون ۽ فلم سڀ ڪوڙا ۽ هٿرادو آهي.[19]

10. نائيبيرو تصادم (Nibiru catacylm): سيارن جي علم سان لاڳاپيل نينسي ليڊر اها اڳ ڪٿي ڪئي هئي تہ هڪ شهاب ثاقب جنهن جو نالو نائبرو آهي، اهو ڌرتيءَ سان ٽڪرائبو ۽ دنيا تباهہ ٿي ويندي، ان اهڙي تصادم جون ڪجهہ تاريخون بہ ڏنيون. هوءَ هر دفعي اهڙيون تاريخون وڌائيندي آهي. ان آخري تاريخ 2012ع ڏني هئي پر ڪو تصادم نہ ٿيو.[20]

### (B) ڌرتيءَ سان لاڳاپيل ڪوڙي سائنس
(Earth Psendoscience)

1. برمودا ٽڪنڊو: برمودا ٻيٽ پرٽوريڪو ۽ فلوريڊا جي وچ تي آهي. ايٽلانٽڪ سمنڊ ۾ اهو ٽڪنڊو ان ڪري مشهور آهي تہ اتان لنگهيندڙ بحري ٻيڙا ۽ هوائي جهاز سمنڊ ۾ غرق ٿي وڃن ٿا. اهڙي اثر ڪري ان ٽڪنڊي متعلق ڪيتريون پراسرار ڳالهيون شامل آهن. هاڻي اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ اهو سڀ پاڻيءَ جي ڦيري ۽ پيدا ٿيندڙ ڪُنن ڪري وڏي ويل ڪشش ثقل (Gravity) ڪري آهي.[21]

2. ٻوڏ جو ارضياتي علم: مذهبن موجب ڌرتيءَ تي سڀ تبديليون مها ٻوڏ ڪانپوءِ آيون. تبديليون ارتقائي نہ آهن پر هڪ مها ٻوڏ هر شيءِ ڌوئي صاف ڪري ڇڏي ۽ دنيا نئين صورت ۾ اڀاگر ٿي. اهڙو اشارو حضرت نوح طرف آهي. جڏهن وڏي ٻوڏ آئي هئي ۽ ساهوارن جا نسل ٻيڙي تي سوار ٿيا هيا ۽ نوان نسل پيدا ٿيا.[22]

3. لاسنڪوئزم: اها هڪ تحريڪ هئي جيڪا جين (Genetics) ۽ زراعت جي سائنسي نظرين خلاف هئي. ان جو اڳواڻ تروفم لائسنڪو (Trofim Lysenko) هيو. جيڪو سوويت يونين ۾ انقلاب کانپوءِ اڪيڊمي آف ايگريڪلچر سائنس جو ڊائريڪٽر هيو. اها هڪ سياسي تحريڪ هئي جيڪا 1920ع کان هلي ۽ 1960ع ۾ پڇاڙيءَ تي پهتي. اها ان خلاف هئي تہ زراعت ۾ سائنسي طريقا

رائج ڪيا وڃن، سندس خيال موجب تخم جو حقيقت سان ڪو واسطو نہ آهي. تخم ڪڏهن بہ موروثي طور منتقل نہ ٿا ٿين. هو ڊارون جي ارتقائي نظريي جو مخالف هيو.

اها حيرت جي ڳالھہ آهي تہ ڪميونزم جنهن جو بنياد ارتقا آهي، ان ۾ سندس رجعت پرستيءَ وارو ڪردار ڪيئن هيو چئي نہ ٿو سگهجي؟

## (C) توانائي (Energy)

1. مفت توانائي: اهڙي توانائي جيڪا مفت ۾ پيدا ڪئي وڃي ۽ اها مسلسل هجي. اهڙي توانائيءَ جو پهريون دعويدار هيرالڊ. اي پٽوف آهي. هو 1936ع ۾ آمريڪا ۾ ڄايو ۽ انجنيئر هيو. مفت توانائيءَ جو تصور Thermodynamics جي خلاف آهي. ٿرموڊئنيمڪس موجب توانائي هڪ صورت مان ٻئي صورت ۾ تبديل ٿئي ٿي. نہ اها پيدا ڪري سگهجي ٿي نہ تباهہ ٿئي ٿي. توانائيءَ جو وسيلو توانائي آهي.[23]

2. پاڻيءَ تي هلندڙ ڪار: دعوا ڪئي وڃي ٿي تہ انهن ۾ ٻارڻ (Fuel) جي بجاءِ پاڻي استعمال ڪجي تہ اهي هلي سگهن ٿيون. دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي شخص آهن جن اها دعوا ڪئي تہ ڪين اهڙو فارمولا آهي جو پاڻيءَ کي ٻارڻ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.[24] سنڌ ۾ بہ هڪ اهڙو واقعو ٿي گذريو آهي جنهن ۾ هڪ شخص ٽانڪيءَ ۾ پاڻي وجهي ڪار هلائي ڏيکاري، ان جي اهڙي عمل گهڻن کي متاثر ڪيو. هڪ وزير ڪيس اسلام آباد ۾ سهولتون پڻ ڏنيون تہ اهو وڌيڪ تحقيق ڪري جيئن ڪار کي هوا سان هلائي سگهجي. ان گهڻن معزز ماڻهن کي چريو ڪيو.

3. گاسليٽ جا ڪک: ڪن اها دعوا ڪئي تہ ڪين اهڙا ڪک (Pills) آهن جن کي پاڻيءَ ۾ ڳارڻ سان اهو پاڻي گاسليٽ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.[25]

4. هانگ ڪانگ ميجڪ پاٽياٽ: 1938ع ۾ هڪ چيني ڊرائيور دعوا ڪئي تہ هن اهڙي پاٽياٽ ٺاهي آهي جنهن کي پاڻيءَ ۾ وڌو وڃي تہ اهو پيٽرول ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. 1994ع ۾ چين اندر وڌندڙ ڪوڙي سائنس کي ختم ڪرڻ لاءِ قانون پاس ڪيو ويو تہ اهڙن دعويدارن کي عدالت جو منهن ڏسڻو پوندو.[26]

5. هائڊرونس: رينڊل ملز دعوا ڪئي تہ هن هائڊرونس (Hydrions) نالي اهڙو ذرو ڳولهي لڌو آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ موجود ٿئي ٿو. ان مان توانائي خارج ٿئي ٿي.[27]

## (D) طبعات (Physics)

1. آٽو ڊائنيمڪس: 1940ع ۾ ريڪارڊو ڪريزان آٽو ڊائنيمڪس جو نظريو پيش ڪيو جيڪو آئنسٽائين جي نظريي خلاف هيو. اهڙي ڪوڙي دعوا کي رد ڪري پابندي مڙهي وئي.[28]

2. آئنسٽائن، ڪارٽن، ايوان نظريو: 2003ع کان 2005ع تائين ميرن ڊبليو ايوان جا اهڙا تحقيقي مقالا شايع ٿيا جن ۾ هن گڏيل نظريو پيش ڪيو. ان ۾ آئنسٽائن جو نظريو پڻ ملايو ويو جنهن موجب جنرل رليٽوٽي (General Relativety) ڪيونٽم مڪينيزم (Quantum mechanism) ۽ اليڪٽرو مڪينزم (Electromechanism) کي پاڻ ۾ ملائي اهڙا اوزار ٺاهي سگهجن ٿا. جيڪي ڪنهن بہ توانائي ڪانسواءِ هڪ مسلسل توانائي پيدا ڪري سگهندا. اهو خودبخود پيدا ٿيندڙ توانائيءَ جو تصور هيو جنهن تي عملي طور ڪاميابي حاصل ٿي نہ سگهي.[29]

3. اليڪٽرو گريوٽي: 1920ع ۾ ٿامس براءون ڪشش ثقل مخالف (Antigravity) توانائيءَ جو تصور ڏنو جيڪا مادي تي اثر انداز ٿي ان کي ڌرتيءَ جي ڇڪ کان آزاد ڪرائي سگهي ٿي.[30]

جڏهن ڳالهہ جي پڪ نہ هجي تہ خدشا جنم وٺندا آهن. ڪوڙي سائنس جو بنياد بہ اهڙوئي مفروضو آهي. انسان کي ڏاهي سڏائڻ جو شوق تڏهن کان آهي. جڏهن هن وقت جي جاهل کان بہ گهٽ ڄاڻ رکندڙ هيو. انسان جو مٿو ماپي سندس ذهن جو اندازو لڳايو ويندو هيو. وڏي مٿي وارا عاقل ۽ ننڍي مٿي وارا جاهل هيا. مغز جي ماپ عقل جي ماپ هوندي هئي. هر اهو شخص جيڪو ڳالهہ سٺي طريقي بيان ڪندو هيو. اهو فلسفي، حڪيم ۽ سائنسدان هيو. ماڻهن جو اهڙن مفروضن ۾ ويساهہ عقيدت ۽ مجبوري هئي.

هڪ مفروضي سائنسدان لاءِ ان کان وڏيڪ ڪهڙو پليسيبو ٿي سگهي ٿو تہ اهو پنهنجي ڪيل دعوا سبب معاشري ۾ معزز ٿي ويو. مايا تهذيب جنهن جو مذهب ستارن جو علم هيو. انهن هزارين سال ستارن جي عبادت ۽ انهن جي چرپر تي اڳڪٿيون ڪيون، ڪين اعتماد هيو تہ هو جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهن اهو سچ آهي ۽ سچ جي راهہ تي هلڻ جو تصور ڪين اطمينان ڏيندڙ هيو تہ زندگي سڦلتا ماڻي سٺي انجام تي پهچي ٿي. جيڪو وقت ثابت ڪيو تہ غلط هيو پر ان وقت مايا تهذيب جو پليسيبو هيو.

مذهبن ۾ ڌرتيءَ جي تراڪڙي (Flat) هجڻ جو تصور يا مفروضي سائنس ۾ ڌرتيءَ کي ڪائنات جو مرڪز سمجهڻ. هزارين سالن کان سائنس جو حصو رهيا. درسگاهن ۾ ان وقت جي شاگردن ڇا پرايو هوندو؟ ڇاڻ پليسيبو جي تاثير کي ٽوڙي نہ ٿي پر پليسيبو جو رخ تبديل ڪري ٿي. انسان جيڪڏهن پليسيبو جي اثر کان ٻاهر نڪري تہ ان مڇي جيان تڙپي مري جنهن کي ڄار مان ٻاهر ڪڍي اڇلائبو آهي.

سج گرهڻ، چنڊ گرهڻ: انهن جا پراڻا سائنسي نظريا. ديوتائن جي سزا جا لقاءَ شعاعون جيڪي ڳورهاريءَ کي متاثر ڪن ٿيون ۽ چپ چيريل ٻار پيدا ٿين ٿا. هڪ ڳورهاريءَ جو چنڊ يا سج گرهڻ ۾ شعاعن کان پاڻ بچائڻ ڪيس مطمئن ڪري ٿو تہ هن ٻار لاءِ سٺو قدم کنيو. ماءُ جو مطمئن ٿيڻ پليسيبو آهي.

مفروضي سائنس جون اهي دعوائون تہ توانائي مفت حاصل ڪري سگهجي ٿي. پاڻيءَ تي ڪار هلائي سگهجي ٿي. هائڊرونس ذرو جيڪو پاڻيءَ ۾ آهي ان مان بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي. اهڙو خيال ڪلائڻ لاءِ ڪافي آهي. اهڙي پليسيبو جي سحر ۾ ڪيڏا.........؟؟؟؟؟؟

❖


References

1. Frietsch , ute (2015).
   **"The boundries of science / Pseudoscience".**
   European history on line (EGO). Retrieved 15 April 2017.
2. Hanson , sven ove. (2008).
   **"Science and Pseudoscience"**
   Standford encyclopedia of philosophy.
3. Imre Lakatos.
   **"Science and pseudoscience".**
   Department of philosophy , logic and scientific method , 1973.
4. Hurd PD (1998).
   **"Scientific Literacy: New minds for a changing world".**
   science education. 82(3):407-416.
5. **"On line Etymology Dictionary. pseudo"**.
   Douglas Harper. 2015.
6. Magendie , F (1843).
   **"An elementary treatised on human physiology".**
   John Revere (5th ed:) New York Harper p.150.
7. Graham , Patrick. (2001).
   **"Phrenology revealing the mysteries of the mind"**
   Richmond Hill , Ont American home treasures.
8. Simpson –D. (2005).
   **"Phrenology and the Neuroscience: contributions of F.J Gall and J.G spurzheim".**
   ANZ. Journal of surgery oxford. Volume. 75.6;p.475.
9. Miraglia , Biagio G – (2014).
   **"A new classification of mental illness based on brain functions".**
   Mental and Neuroscience,7(2):635-7.
10. Thornton , Stephen. (2015).
    **"Karl popper professes to be anti-conventionalist and his commitment to the correspondence theory of truth places him firmly within the realist's camp"**
    zalta , Edward N, ed: karl popper 1-1-2015.
11. Gould . Stephen Jay ( 1997).

**“Non over lapings magisteria”.**
Natural history.
12. Hummels , Cameron (2009).
**“April 27th: will be the world end in 2012”**.
Comsoquest. Org. Retrieved 22 September 2009.
13. Shermer, Michael . (2002).
**“The Skeptic encyclopedia of pseudoscience”**.
16 December 2013.
14. Edwin , Sherman R (2004).
**“Bible code Bombshell: compelling scientific evidence that God authorised the bible”**.
Green forest. New leaf press. p.95-109.
15. Fraknoi , Andrew (2009).
**“Ancient Astronauts and Erich von Daniken”**
Astronomical pseudoscience: A skeptical Resource list. Astronomical society of the pecific. Retrieved 2 Nov 2011.
16. Gandz , Solomon (1953).
**“The distribution of land and sea on the earth surface according to Hebrew sources”.**
American academy of Jewish research . 22:23-53.
17. Pollak , Melissa (2000).
**“Chapter 8: science and technology: public attitude and public understanding”.**
National science foundation.
18. David Adam (2010).
**“The earth is flat? What plannet is he on ?”**.
The Guardian. Archived from the original on 2013.
19. Aaronovitch , David (2010).
**“The role of conspiracy theory in shaping modern history”**
(1st American ed) New York.
20. Hynek J , Allen (1972).
**“The UFO Experience”.**
A Scientific Inquiry.p.5 Henry Regenery company.
21. **“Frequently asked questions:Bermuda traingle fact sheet”.**
US department of defense , 1998.
22. Aune , David E (2003)
**“Cosmology”**.
New testament and early Christian literature , westminister John knox press.
23. Robert L. Park.
**“voodoo science”.**
Oxford university press. USA.
24. Narciso , Dean (2007)

**“The Car that ran on water”**
The Columbus Dispatch Retrieved 2008.

25. Ball , Philip (2007)
**“Burning water and other myths”**.
Nature News (2008).
26. WU Xianghong (2005).
**“Paranormal in china”**
Skeptical Briefs news letter.(2008)
27. Gerard wynn (2000)
**“Sweet dreams are made of geoengineering”.**
28. Carezani Recardo (1997)
**“Nucleus- Nucleus collision and Autodynamics”**
Physics assay.10(2):193-197.
29. Evans , Myron W (2005).
**“Generally covariant unified field theory. Abramis”.**
30. Thompson , clive (2003).
**“An antigravity underground”.**
Wired magazine.

❖

# هوميوپيٿي ۽ پليسبو

(Homeopathy and Placebo)

هوميوپيٿي علاج جو طريقو 1796ع ۾ سموئل هينيمن (1843_1755ع) ايجاد ڪيو. سموئل جرمن طبيب هيو.[1] ان طريقي کي متبادل علاج جو نانءُ ڏنو ويجي ٿو. ان جي حڪمت اها آهي ته ساڳيو ساڳيي کي ٺيڪ ڪري ٿو (Like cures like). جيڪا جڙي ٻوٽي واپرائڻ ڪانپوءِ هڪ صحتمند شخص ۾ جنهن بيماريءَ جهڙيون علامتون پيدا ڪري، اها ساڳي جڙي ٻوٽي بيمار جي ساڳين علامتن جو علاج بنجي ٿي.[2] انڪري اهڙي علاج کي هوميو (Homeo) چوندا آهن. جنهن جو مطلب آهي "ساڳيو"

هنيمين وٽ علاج جو اهڙو خيال تڏهن آيو جڏهن هن سنڪونا (Cinchona) جڙي ٻوٽي کاڌي ته ڪيس جسم ۾ مليريا جهڙيون علامتون پيدا ٿيون. ان جڙي ٻوٽي کائڻ سان ڪيس بخار، سيءُ ۽ سنڌن جو سور محسوس ٿيو. ان ساڳي جڙي ٻوٽي مليريا جي مرض تي آزمائي ته اهي شفايات ٿيا. هن اندازو لڳايو ته صحتمند شخص ۾ بيمار جون علامتون پيدا ڪندڙ جڙي ٻوٽيون ساڳين علامتن واري بيماريءَ ۾ افاقو ڪن ٿيون.[3] هنيمن پوءِ اهڙيون جڙي ٻوٽيون ڳولهي لڌيون جيڪي مختلف بيمارين تي استعمال ڪيون ويون. اهي جڙي ٻوٽيون اصلي حالت ۾ نقصانڪار پئي ثابت ٿيون، تنهن ڪري مخصوص گار (Miasms) جو طريقو اپنايو ويو. ان طريقي موجب دوائن کي الڪوحل يا پاڻيءَ ۾ ان حد تائين ڇڊو ڪري استعمال ڪرايو ويندو آهي، جنهن مقدار ۾ اهي اثر انگيز هجن.[4]

تازو ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (WHO) وارننگ جاري ڪئي آهي ته مليريا ۽ ايڊز جو علاج هوميوپيٿيءَ سان نه ڪيو وڃي.[5] هوميوپيٿي علاج جو طريقو سائنسي نه آهي. اهڙي علاج جو جاري رهڻ جنهن علاج جي طريقي تي صحيح تحقيق نه ٿيل آهي پر اهو وهم يا گمان جي بنياد تي وجود ورتل آهي. سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي.[6] اها علاج جي ڪڌائپ (Quackery) آهي. آسٽريليا جي نيشنل هيلٿ ۽ ميڊيڪل ريسرچ ڪونسل، برطانيا جي هائوس آف ڪامن جي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ڪميٽي ۽ سئزر لينڊ جي فيڊريل هيلٿ آفيس، ان نتيجي پهتيون آهن ته هوميوپيٿي علاج فائديمند نه آهي. انهن اهڙي علاج تي پابندي مڙهي آهي.[7_8]

هوميوپيٿن جو اندازو آهي ته اهڙو علاج چار سئو سال قبل مسيح هپوڪريٽس شروع ڪيو جڏهن مندرڪ نالي ٻوٽي جي پاڙ مينيا (Mania) جي نفسياتي بيماريءَ ۾ استعمال ڪئي.[9]

سورهين عيسوي صديءَ ۾ پيراسيلسس (Paracelsus) چيو ته دوا جو گهٽ مقدار جيڪو بيماريءَ ۾ مبتلا ڪري ٿو ساڳي دوا جو گهڻو مقدار ساڳي بيماريءَ جو علاج ٿئي ٿو.[10] هينيمن، پيراسيلسس کان متاثر ٿي هيوميوپيٿيءَ کي زور وٺايو.

ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ اوڻويهين صديءَ جي شروع ۾ علاج جا عجيب طريقا هيا. ماڻهن جو علاج جلاب سان ڪيو ويندو هيو. جيئن پيٽ صاف رهي ڇو جو هر بيماريءَ جي جڙ پيٽ کي سمجهيو ويندو هيو. جسم تي ڇورون، سڱيون يا ٻيا رت چوسڻ جا اوزار استعمال ڪري رت ڪڍي ڇڏيو ويندو هيو. ان سوچ سان تہ ائين ڪرڻ سان گندو خون ٻاهر نڪرندو ۽ رت صاف ٿيندو. ڇو جو انسان چئن پاڻياڻن جو ٺهيل آهي ۽ انهن پاڻياڻن ۾ تناسب لازمي آهي. علاج جو اهڙو طريقو ٻہ هزار سال پراڻو آهي ۽ دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ هاڻي بہ ان تي عمل ڪيو وڃي ٿو.[11] سَوَڙُ (Venice Treacle) جنهن موجب بيماري ان جي توڙ (Anidote) سان ڪري سگهجي ٿي. جيئن ڪنڊ جي ايجاد ٿيڻ کانپوءِ ان جي مناس ڪي زهر تي آزمايو ويو. ڪارن غلامن کي زهر ڏئي ڪنڊ کارائي وئي، ان لاءِ تہ زهر ڪوڙو ۽ ڪنڊ مٺي آهي، سو زهر کي ضرور فائدو ڏيندو.[12] هڪ اهڙي ئي دوا ڇوهٺ جزن مان ٺاهي وئي جنهن ۾ نانگ جو گوشت، آفيم ۽ ڪونئر شامل هيا ان کي گهڻ مرض جو علاج چئي استعمال ڪيو ويو.[13] اهڙي قسم جو علاج ڪڏهن انسانن لاءِ موتمار پئي ثابت ٿيو هوميوپيٿي گهڻن جزن واري فارمولا کي رد ڪري هڪ جزي واريون دوائون ٺاهيون ۽ چيو تہ بيماريءَ جا ٻہ سبب هوندا آهن. هڪ جسماني ٻيو روحاني[14] 2015ع ۾ آمريڪا جي فوڊ ۽ ڊرگ ايڊمنسٽريشن هوميوپيٿيءَ خلاف مقدمو هلايو. هوميوپيٿيءَ بابت دستاويز پيش ڪيا ويا. ان ۾ سائنسدانن، ڊاڪٽرن ۽ دوائن تي تحقيق ڪندڙن کانسواءِ گهڻن لکيل پڙهيل ماڻهن شرڪت ڪئي. انهن اهڙين دوائن کي پليسيبو قرار ڏنو. جنهن موجب ماڻهو پنهنجي ارادي (Will) سان چاڪ چڱو ڀلو ٿئي ٿو نہ تہ اهي دوائون زهر آهن. آمريڪا جي ايسوسيئيشن آف پوائيزن ڪنٽرول سينٽر ڏهہ هزار تي سئو يارهن ماڻهن جي اهڙي لسٽ پيش ڪئي جن هوميوپيٿي دوائون ورتيون ۽ انهن کي نقصان پهتو. اهڙن مريضن ۾ اٺ هزار ست سئو اناسي ٻار هيا جن جي عمر پنج يا پنجن سان کان گهٽ هئي. انهن مان ڪيترا دوا وٺڻ کانپوءِ گذاري ويا.[15]

هاڻي بہ ڳوٺن ۾ ڪتو ڪنهن کي چڪ پائيندو آهي تہ زخم تي سائو مرچ ٻڌو ويندو آهي. مقصد اهو تي سگهي ٿو تہ ڪوڙاڻ زهر جي اثر کي زائل ڪري ٿي، جنهن اثر ڪري ماڻهو ريبز (Rabies) بيماريءَ ۾ مبتلا ٿئي ٿو. ڪنهن وقت پير مڙي سجي ويندو هيو تہ پان جو پتو گرم ڪري مٿان رکي ويڙهيندا هيا. چمڙيءَ جي بيماريءَ کان مڇيءَ جي ڏندن جو هار پارائيندا هيا. ننڍا هياسين تہ بدوءَ نالي هڪ دوست کي چتيءَ جي بيماري تي پئي، ڏس ڏنائونس تہ "ينگياٽيءَ کي ياڪر پاءِ، اها بيماري نيڪ ٿي ويندي" بدوءَ همت ڪئي، صبح سان سوير جيئن ينگياٽي گهتيءَ ۾ ٻهارو ڏئي رهي هئي تہ بدوءَ وڃي ياڪر پاتس. ينگياٽيءَ بہ چار ٻهارا وهائي ڪڍيس، ماڻهو ڪريلن جي ڪل جو رس ڪڍي پيئندا آهن تہ جيئن شگر جي مرض ۾ فائدو ٿئي، ڇو جو شگر مٺي ۽ ڪريلا ڪوڙا آهن. مون اهڙي رس پيئڻ کان پوءِ هڪ عورت کي مرندي ڏٺو آهي. ڪدو سنڌن جي سور کي فائدو ان ڪري ڏيندو آهي جو ڪدو گوشت جي مقابلي ۾ جسم اندر گهٽ توانائي پيدا ڪري ٿو. ڪدو کائڻ سان

ٻاهرين توانائي گهٽجي وڃي ٿي جنهن ڪري اندرين توانائي استعمال ٿئي ٿي ۽ ائين اندرين توانائيءَ جي استعمال سان لحميات، چربي ۽ شگر جي حد هيٺ لهي ٿي. جنهن ڪري جسم جا عضوا هلڪا ٿين ٿا ۽ سور گهٽجي ٿو.

مونکي پنهنجو هڪ عزيز ياد آهي جيڪو گڙدي جي پٿريءَ لاءِ هوميوپيٿي جي دوا پاڻيءَ ۾ ملائي پيئندو هيو. ڪيس پاسي ۾ سور هوندو هيو سندس رنگ ويو ٿي ڏينهون ڏينهن پيلو پوندو. ڪو فائدو نہ ٿيس ۽ نيٺ آپريشن ڪرايائين. دراصل پٿريءَ جا قسم ٿين ٿا. يورڪ ايسڊ جون پٿريون نرم ٿين ٿيون ۽ اهي پُري پيشاب ۾ نڪرن ٿيون. جڏهن تہ آڪسيليٽ جون پٿريون سخت ٿين ٿيون جن جو واحد حل آپريشن آهي.

ٻئريج روڊ تي هڪ پڪوڙائي هوندو هيو. جنهن وٽ مختلف قسم جا نانگ هوندا هيا، نانگ ڏنگيل ان وٽ ڪٽي ايندا هيا ۽ اهو زهر چوسيندو هيو. ان وٽ مٽيا هوندي هئي جيڪا ڏنگ واري جاءِ تي رکندو هيو. ان عقيدي موجب مٽيا زهر چوسي ويندي آهي. اهي سڀ غلط عقيدا آهن. دراصل ڏنگڻ ڪانپوءِ زهر جسم ۾ ائين ڦهلبو آهي جيئن ڪراچيءَ جي روڊن تي گٽر جو پاڻي، دير ئي نہ لڳندي هر طرف ڦهلجي ويندو. زهر ڏنگ واري جاءِ تي بيهي جوڳيءَ جو انتظار نہ ڪندو آهي تہ اهو اچي چوسي ڪڍندو. اهڙي متاثر شخص کي اسپتال پهچائڻو آهي جتي سندس صحيح علاج ٿي سگهي. اهڙي ڪا بہ مٽيا موجود نہ آهي جيڪا ڏنگ واري جاءِ تي رکجي تہ اها زهر چوسي ويندي، اها ڏند ڪٿا آهي.

جيڪڏهن ڪنهن دوا ۾ آفيم مليل آهي تہ ان جو اثر ڪنگهہ، سور ۽ دستن تي هوندو.[16] پر ان جا خراب اثر (Side effects) فائدي کان وڌيڪ نقصانڪار آهن. هوميوپيٿيءَ ۾ اهڙي قسم جي منشيات پڻ شامل آهي. صدين کان ٿوم کي هر مرض جو ڇوٽڪارو سمجهيو وڃي.[17] هاڻي بہ ڪچي ٿوم چٻاڙي وڃي ٿي. ان مقصد سان تہ اها دل جي بيماري ۽ بلڊ پريشر کي فائدو ڏيندي ڇو جو ٿوم چربي رجائي ٿي. جسم ۽ ڪنيءَ ۾ فرق آهي. جسم ۾ جيئرو گوشت ۽ ڪنيءَ ۾ مئل گوشت هوندو آهي. ٿوم جو ان ڪانسواءِ ڪو فائدو نہ آهي تہ اها ڪاڏي کي ڳرڻ ۾ مدد ۽ ذائقو ڏي ٿي.

ننڍي هوندي وڏي ڪنگهہ ٿي پئي. بابا سائين شڪارپور جي ڪنهن مزار تي وٺي ويو. ان اتي وهنجاريو ۽ خاڪ شفا ڪارائي هئي. پاڻي ايڏو ٿڌو هيو جو ڪنگهہ وڌي وئي. پيرن تي پيٽي ۽ پيٽيءَ پرسان ڪونر هوندو آهي. پيٽيءَ ۾ پئسا ۽ ڪونر ۾ خاڪ شفا هوندي آهي. پيٽيءَ کي تالو لڳل هوندو آهي. خاڪ شفا کليل هوندي آهي. ماڻهو خاڪ شفا ڪڍندا آهن ۽ پيٽيءَ ۾ پئسا وجهندا آهن. پيٽي ڀرجي ويندي آهي ۽ ڪونر خالي ٿي ويندو آهي. مجاور بہ خوش، سائل بہ خوش.

انسان حيلا هلائي ٿو. هو وس آهر وس ڪري ٿو. روئي ٿو رڙي ٿو. واٽ جو ڏس اهڙي رهبر کان پڇي ٿو جيڪو رهبر ان واٽ کان واقف ئي نہ آهي. نانگ کي پڪڙي ٿو ان نيت سان تہ ڪيس ڏنگ کان بچائيندو. بي وس انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟ خاص ڪري ان معاشري ۾ جتي تعليم جو معيار نہ آهي. ڪيس دنيا ۾ ايندڙ تبديلين جي خبر نہ آهي. انڌو عقيدو جاهل جي نظرن سان نوبنو ٿئي ٿو. انسان

ڪي تسڪين گهرجي. دلجاءِ ڏيو تہ هاڻي هو چڱو ڀلو ۽ تازو توانو پيو ڏسجي تہ مريض جي منهن ۾ پاڻ رت وڌي ويندو. ڪوڙي تعريف نہ ڪجو چو جو هڪ دفعي مون سعودي عرب ۾ نوڪريءَ دوران پرسان واري ڪمري ۾ رهندڙ گجرات انڊيا جي هڪ پٽ جي تعريف ڪئي هئي. اهو پٽ ريڊيالوجسٽ هيو. جيئن اسان تياري ڪري اسپتال وڃڻ لاءِ وين جي انتظار ۾ بيٺا هياسين تہ مون پٽ کي ڏسي چيو "واهہ اڄ تہ ڏاڍو سمارٽ پيو نظر اچين." پٽ ائين خوش ٿيو ڄڻ مان مصر جي ڪلوپيٽرا جي تعريف ڪئي هجي. پوءِ روز هو وين ۾ چڙهڻ مهل وار ڪاهي هر هر مون ڏي ڏسندو هيو تہ جيئن وري سندس تعريف ڪيان.

مير خان پاٻوڙيءَ جو مشهور لوڪ داستان آهي تہ ڪو گدڙ نيروليءَ جي ڪن ۾ ڪري نيرو ٿي پيو. جڏهن جهنگ ۾ ويو تہ ڪيس ڏسي سڀ جانور ڊڄي ويا تہ هيءَ ڪهڙي بلا آهي جيڪا اڳ ڏٺي نہ آهي سو ڪيس سورمو سمجهي مير خان پاٻوڙيءَ جو لقب ڏنائون. ڪن جانورن شينهن وٽ بہ اهڙي تعريف ڪئي جو شينهن متاثر ٿيو ۽ مير خان پاٻوڙيءَ کان ڊڄڻ لڳو. هڪ دفعي جڏهن مينهن وسيو تہ پاڻيءَ ۾ ڌوپجي گدڙ جو رنگ لهي ويو. سڀني کي خبر پئي مير خان پاٻوڙي هڪ گدڙ آهي.

اهڙو رنگ گهڻن کي چڙهيل آهي. اهو رنگ گهڻن لاءِ پليسيبو آهي تہ اهي چڱا مڙس آهن. باقي آهي ائين تہ ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ٿئي انهن کي. ڦڪيون بهانو آهي. پليسيبو آهي.

❖

References:


1. Hahnemann , Samuel ( 1833 ).
   **"The homeopathic medical doctrine"** or **"Organon of the healing art"**.
   Dubin : W.F wakeman p.48 - 49.
2. Smith K ( 2012 ).
   **" Homeopathy is unscientific and unethical "**
   Bioethics . 26 (9) : 508 - 512.
3. Robert W. Ullman ; Judyth Reichenberg. ullman ( 1994 ).
   **" The patients guide to homeopathy medicine "**.
   Picnic point press. p. 1-2.
4. Hahnemann S ( 1921 ).
   **" The organon of the healing Art"**
   ( 6th ed ). Aphorism. 128.
5. Mashta O ( 2009 ).
   **" Who warns against using homeopathy to treat serious disease"**

BMJ. 339:3447-3447.
6. Paul S. Boyer.
**“The oxford companion of united states history”.**
Retrieved 2013.
7. Musgrave . I ( 2014 ).
**“ No evidence homeopathy is effective. NHMRC review”**.
The conversation. 2015.
8. **“ Swiss make new years regulations ”**
SWI swissinfo . ch . ( 2015 ).
9. Hemenway , Henry Bixby ( 1894 ).
**“ Modern Homeopathy and Medical Science ”**.
JAMA: The journal of American Medical Association. XXII ( II ) : 367.
10. **“Paracelcus ( German – Swiss physician )”**
Britannica online Encyclopedia Britannica retrieved 2009.
11. **“ Blood letting ”**.
British science museum . 2009.
12. **“Phlebotomy ( book )”.**
Bonnie K. Davis ( 2001 ).
13. Hodgson B ( 2001 ).
**“In the arms of Morpheus : The tragic history of morphine**”
Laudanum and patent medicine : Firefly books. p. 18.
14. w. steven pray ( 2003 ).
**“ A history of non prescription product regulation ”**.
psychology press.p.192.
15. Nowry J ; et al ( 2013 ) .
**“ 2012 annual report of the American association of poison control centres ”**.
Clinical toxicology informa . 51 ( 10 ) : 949 – 1229.
16. **“Homeopathic drugs : No better than placebo”?**.
Washington post. December 21 , 2015.
17. **“ Dynamization and dilution. Complementary and alternative medicine ”**.
Creighton university department of pharmacology 2002.

❖

# فطري منشياتي سرشتو ۽ پليسيبو

(Endocannabinoid system and Placebo)

هر ساهواري اندر فطري منشياتي سرشتو موجود آهي. اهو سائنسي طور ثابت ٿيل آهي.[1] انسان ڪيميڪل آهي ۽ ان ڪيميڪل جو مک عنصر ڪاربان آهي. ڪاربان عنصرن جو ڪرنگھو آهي. لحميات (Proteins) چربي (Fat) ۽ کنڊ (Carbohydrate) جيڪي ساهواري جا بنيادي جزا آهن. انهن جزن جا عنصر ڪاربان سهاري بيٺل آهن. مادي طور ڪاربان فنا نه ٿو ٿئي پر ٻين صورتن ۾ تبديل ٿئي ٿو.

ان ڪيميائي سرشتي هيٺ انسانن ۾ قدرتي منشياتي عنصر ٿين ٿا ۽ دماغ ۾ انهن عنصرن کي قبول ڪندڙ منشياتي وصولي (Receptors) ٿين ٿا. ائين چئي سگھجي ٿو ته انسان لاشعوري طور فطري منشيات واپرائي ٿو جيڪا ان لاءِ نقصانڪار نه پر فائديمند ۽ ضروري آهي. ان کي اندر جو فطري منشياتي سرشتو چئجي ٿو.[2]

اهي وصولي (Receptors) جيڪي مختلف عنصرن جا ٺهيل آهن انهن کي Neuromodulatory receptors چيو وڃي ٿو. اهي جسم ۾ ٺهندڙ منشيات نما مواد وصول ڪن ٿا ۽ انسان پرسڪون رهي ٿو.

اهو سرشتو جسم جي فطري نظامن کي هلائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. جيئن بک جو لڳڻ، سور جو احساس، رويو، حافظو ۽ ڪينيبس (Cannabis) جي پيداوار.[3]

ڪينيبس جنهن کي ميريجوانا (Marijuana) پڻ چيو وڃي ٿو اهو ڪينيبس ٻوٽي مان حاصل ٿئي ٿو ۽ نفسياتي بيمارين ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪينيبس منشيات طور سگريٽ ۾ وجهي چڪيو وڃي ٿو يا ان جا بخارات ورتا وڃن ٿا.[4] يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهو ڪاڏي ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. اهڙو ٻوٽو افغانستان، ڪينيڊا، چين، انڊيا، ميڪسيڪو اسپين ۽ ترڪي ۾ پاتو وڃي ٿو. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ان جي استعمال تي پابندي آهي. ڪينيبس ٻوٽي جي گلن مان چرس ٺهي ٿو.[5]

انسان ۾ قدرتي طور ڪينيبس جهڙو مواد ٺهي ٿو. فطرت انسان ۾ هر شيءِ اوتي ڇڏي آهي. اها انسان جي اهليت آهي ته هو انهن کي ڪيئن ڳولهي لهي ٿو. ڪي پيتي بنا پرباش آهن، ڪي پي ڪري بي لاپ. خدا انسان کي هر شيءِ سان نوازيو آهي، هو اندر جو ايمان نه ٿو ڏسي ايمان ڳولهڻ لاءِ ٻين جو اندر ٿو ڏسي. هو سيني ۾ پوريل سچ کوٽي ٻاهر نه ٿو ڪڍي ٻين جي کوٽيل سچ ڏي ٿو ڏسي. سڀ اندر ۾ موجود آهي اهو انسان تي منحصر آهي ته سندس علم ۽ کوجنا ڪهڙي اوچائيءَ کي ڇهي ٿي. اهو به سچ آهي ته بيلچو انهن وٽ هوندو آهي جيڪي ڏوڙ کوٽيندا آهن. ڏکڻ جي گھر ۾ ڏوئي نه هوندي آهي ۽ سوناري جي هٿوڙي لوهر لاءِ ڪا معنا نه رکندي آهي. مقصد ته انسان سدائين کٽيل آهي.

بادشاهه جون تجوربون پريل هجن پر ان جي ڪمزوري خزانو آهي، انسان سرشتن جي گهٽ وڌائي تڏهن ٿئي ٿي جڏهن هو ٻاهرين شين تي ڀاڙي ٿو اندر جو شراب نه ٿو پيئي. هو من جي منشيات نه ٿو واپرائي. چرس، شراب ۽ ٻيون شيون واپرائڻ سان انسان جي جسم ۾ غيربرابري سرشتو حرڪت ۾ اچي ٿو. ٻاهرين منشيات ڪري ان جي اندر جا ڪارآمد جزا ضرورت محسوس نه ڪندي جسم ۾ خارج نه ٿا ٿين ۽ ٻاهران مواد ان جا وصولي (Receptors) والارين ٿا. جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو منشيات واپرائيندڙ ماڻهوءَ ۾ ٻاهرين منشيات جي هير ٿي وڃي ٿي.

قدرت جي عطا ڪيل منشياتي سرشتي کي طبعي طور جاري رهڻو آهي. اهو ٻاهرين منشيات سان متاثر ٿئي ٿو. ٻاهرين منشيات رتويت ۾ شامل ٿي انهيءَ ردعمل (Fedback) جا رستا روڪين ٿيون. وصولي والارجي وڃن ٿيون ۽ قدرتي منشيات کي اثر ڏيکارڻ لاءِ ڪو رستو نه ٿو ملي. اهي گهٽجي وڃن ٿيون يا پيدا نه ٿيون ٿين.[6] پاڻيءَ سان ڪنارن تائين ڀريل لوٽي ۾ جيڪڏهن کير وجهبو ته ضرور هاربو. چوندا آهن جيترو ڳڙ وجهه اوترو منو ٿيندو، ائين نه آهي، هر ڳار (Solvent) ۾ ڳرندڙ (Solute) جي حد مقرر آهي. اهو پنهنجي حد کان وڌيڪ جذب ڪري ڳاري نه سگهندو. پاڻيءَ ۾ ڳڙ وجهندا اچو ته اهو پاڻي، پاڻي نه رهندو. ڳڙ ٿي ويندو.

اندر جو منشياتي سرشتو انسان کي حوصلو ۽ صبر ڏئي ٿو. ورزش، تفريح، لڳ، موسيقي، ڊوڙ، مراقبو ۽ عبادت سان سڪون ملي ٿو. ان جو سائنسي سبب اندر جو منشياتي سرشتو آهي.[7] اهڙن عملن سان اندر جو منشياتي سرشتو حرڪت ۾ اچي ٿو ۽ جسم جا فاسفو لپڊس (Phosphlipids) اراڪي ڊونڪ ايسڊ (Arachidonic acid) ٺاهين ٿا جيڪا ايفا مائيڊ مان ايرا ڪيڊو گلائسيرال ۾ تبديل ٿئي ٿو. جيڪو اندرو ڪينا بوائيڊ آهي.[8]



جسم ۾ ٺهندڙ اينڊو ڪينيبوائيڊ، ڪينيبس جو ڪم ڪري ٿي ۽ جسم کان ٻاهر ڪينيبس هڪ ٻوٽو آهي جنهن مان چرس ۽ منشيات جا تيل (Hash oil) ٺهن ٿا.[9]

جسم ۾ جن وصولين تي ڪينيبس اثر انداز ٿئي ٿو انهن ۾

Canaboid Receptor I (CB 1)

Canaboid Receptor II (CB 2)

شامل آهن. اهي وصوليون دماغ ۽ جسم جي مدافعتي سرشتي ۾ ٿين ٿيون.[10] اهي وصوليون نه صرف جسم ۾ نهندڙ منشيات کي وصول ڪن ٿيون پر جيڪڏهن ٻاهريون منشيات واپرايون وڃن ته انهن کي به وصول ڪري جسم تي ساڳي طريقي سان اثر انداز ٿين ٿيون. فرق اهو آهي ته قدرتي ڪينابوائيڊ ضرورت مطابق گهاٽائي (Concentraction) ۾ ٿين ٿا. جڏهن ته واپرائي ويندڙ منشيات جي گهاٽائي گهٽي ٿئي ٿي جنهن ڪري انسان غافل ٿئي ٿو.[11]

پليسيبو جيڪو ٻمي دوا (Inert) آهي. اهو نفسياتي سهاري ڪانسواءِ ڪو ڪم نه ٿو ڪري. اهو جسم جي ڪنهن به حصي کي متاثر نه ٿو ڪري ۽ اعتماد ۽ همت ڏئي ٿو ته "دوا ورتي آهي ضرور اثر ڪندي." اهو اعتقاد صبر جي اهڙي وٿي فراهم ڪري ٿو جو جسم جو مدافعي سرشتو (Immune system) جاڳي پوي ٿو ائين ڪينيبوائيڊ ذريعي ڪيترين علامتن کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. خاص ڪري سور، بخار، ڪنگهه، ڊپريشن ۽ ٻين بيمارين کان.[12]

ڊپريشن هر بيماريءَ جي ماءُ آهي. تانگهه (Stress) پڻ ان جي پيداوار آهي ۽ تانگهه جسم جا سڀ سرشتا بگاڙي وجهي ٿي، ان حد تائين جو جديد سائنس ثابت ڪيو آهي ته ڪينسر جهڙي بيماري به تانگهه جو حصو آهي.[13] تانگهه، بلڊپريشر، شگر، دل جو دورو ۽ گڙدن جي بيماريءَ جو سبب آهي. ڊپريشن تي ورزش، آرام، مراقبي، ننڊ، عبادت، تفريح ۽ ميل جهول وسيلي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. پليسيبو دوائون ان سلسلي ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. انهن جا ڪي به نقصان (Side effects) نه ٿا ٿين. هاڻي انهن تي انڪري تنقيد ٿي رهي آهي جو جديد سائنس ترقي ڪئي آهي. گهڻين ئي کوجنائن ڪانپوءِ دوائون ايجاد ٿي چڪيون آهن. ڪو وقت هيو دوائون تحقيق ڪانسواءِ آزمايون وينديون هيون. مريضن کي اعتقاد ۽ عقيدي تي افاقو ٿيندو هيو پر هاڻي ائين نه آهي.

جڏهن مان ننڍو هوندو هيس ته پيٽ جو سور نه ڇڏيندو هيو. سکر جهڙي شهر ۾ ان وقت چار ايم بي بي ايس ڊاڪٽر هوندا هيا. باقي حڪيم ۽ عطائي هيا. ماڻهن جو اعتقاد تعليم يافتا ڊاڪٽرن کان وڌيڪ حڪيمن ۽ عطائين ۾ هوندو هيو. پيٽ جي سور لاءِ مونکي والد صاحب هڪ حڪيم وٽ وٺي ويندو هيو. ان حڪيم کي "ڇيني جو پٽ" چوندا هيا. ڇيني جو پٽ انڪري ته اهو حڪيم ڇيني مل جو پٽ هيو. جيڪو وقت جو مشهور حڪيم رهيو هيو ۽ اها حڪمت لکيءَ واري غلام شاهه کان حاصل ڪئي هئي. گهنٽا گهر وٽ شهارا منديءَ جي شروع ۾ ان جو دواخانو هيو. ان کي اڇا وار هوندا هيا ۽ سدائين اڇي ڪڙتي ۽ پائجامي ۾ هوندو هيو. مزي جي ڳالهه اها ته اهو جيڪا جتي پائيندو هيو ان جو رنگ به اڇو هوندو هيو.

ان حڪيم جي دواخاني ۾ بوتلن منجهه صرف ليمي جو شربت پيل هوندو هيو. اهو نه ٻڌائيندو هيو ته ڪو انهن ۾ ليمي جو شربت آهي. پر مونکي ان جي پاڙيسري موهن لال ٻڌايو هيو ته سندس گهرواري سڄو ڏينهن ليمن جي رس ڪڍي، کنڊ وجهي چلهه تي ڪاڙهڻ ۾ مصروف هوندي آهي. ان حڪيم وٽ جيڪو به مريض ايندو هيو ته ڪيس بوتل ۾ ليمي جو شربت وجهي ڏيندو هيو ۽ هڪ

معجون جيڪو اڇي رنگ جو ۽ خوشبودار هوندو هيو اهو ننڍڙي ٿين جي دٻيءَ ۾ پري ڏيندو هيو. سڪر جا اڪثر ماڻهو ان کان علاج ڪرائيندا هيا. مون کي ان مان عارضي فائدو ٿيو.

اها تہ هاڻي جي ڳالهہ آهي جڏهن تعليم يافتا ڊاڪٽر ۽ سرجن نہ هيا تہ پوءِ صدين کان عام ماڻهو اهڙن حڪيمن ۽ عطائين کان ئي علاج ڪرائيندو آيو هوندو. تڏهن سائنسي کوجنا جا در کليل نہ هيا. دوائن کي ماڻهن تي آزمايو ويندو هيو. اهو سڀ پليسيبو جو ڪمال هيو جنهن کي لاشعوري آزمايو ويو. پليسيبو جي اهڙي دوا جيڪا هڪ ڀيرو اثر ڏيکاريندي هئي ان کي ان بيماريءَ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏبو هيو.

دنيا ۾ نوي سيڪڙو بيماريون نفسياتي مريضن ڪري آهن. پليسيبو نفسياتي سهارو آهي.

هاڻي بہ اهڙا پير آهن جن جي درگاهن تي موچڙن سان علاج ڪيو وڃي ٿو. زنجيرن ۾ جڪڙي مريضن کي درگاهن ٻاهران وڻن سان ٻڌو وڃي ٿو. جن ڪيڏڻ بهاني مريضن کي تشدد ڪري ماريو وڃي ٿو پير ڪرنٽ شاهہ جسم سان بيٽري ٻڌي ماڻهن کي ياڪر پائي ڪرنٽ هٽي علاج ڪري ٿو. ڀوپو لچ لتي ٿو. عامل بوتي کي سئيون هٽي قبرستان ۾ پوري ٿو تہ جيئن سئين جو جيئري انسان تي اثر ٿئي ۽ اهو عذاب سهي موڪلائي وڃي.

مونکي حيدرآباد جو هڪ حڪيم ياد آهي جيڪو شگر جو علاج ڪنڊ سان ڪندو هيو. ان جي دواخاني ٻاهران مريضن جي قطار هوندي هئي. اهو هر مريض کي ڪنڊ جي پڙي پري ڏيندو هيو. جنهن اسپتال ۾ مان هوندو هيس ان جو هڪ ڊاڪٽر بہ ان کان علاج ڪرائڻ ويو. ڊاڪٽر حڪيم جي تعريف ڪري ٿڪجي پيو. چوندو هيو "جيئن زهر کي زهر ماريندو آهي، ائين شگر کي شگر ماريندي آهي."

انسان ازل کان سهاري جو متلاشي آهي. استحصال، وياڻون، قهر، لقاءَ، جنهن ۾ چنڊ گرهڻ، سج گرهڻ، شهاب ثاقب، جن، فرشتا، ڏاڍيون، ديوَ ۽ حُسن، اهي سڀ اهڙا راز رهندا آيا آهن. جن کي پروڙڻ جا وسيلا نہ هجڻ ڪري انسان راهن تان ڀٽڪندو آيو آهي. سڀ وهم، گمان، خوف، مقدر ۽ تقدير ۾ تبديل ٿيندا رهيا آهن ۽ هو سهاري جي ڳولها ۾ رهيو آهي.

دنيا ۾ وائرس (Virus) اهڙو جراثيم آهي جنهن کي پوريءَ ريت ختم ڪرڻ جي دوا ايجاد نہ ٿي آهي. ماڻهوءَ کي گهڻيون بيماريون وائرس جراثيم ڪري ٿين ٿيون. جنهن ۾ بخار، ڪنگهہ، ڇاتي بند، سنڌن جو سور ۽ ٻيون علامتون ٿين ٿيون. اهڙي سبب ۾ جيستائين جسم جو مدافعتي سرشتو (Immunity system) نہ ٿو جاڳي مريض ٺيڪ نہ ٿو ٿئي. اهو قدرتي نظام آهي جيڪو فطرت انسان ۽ ٻين ساهوارن ۾ پيدا ڪيو آهي. نفسياتي بيمارين کان پوءِ پليسيبو جو اثر وائرس تي رهيو آهي. پليسيبو اهڙي مريض ۾ ٽڪو پنجو (Remedy) آهي. اهو صرف سهارو آهي جيسين مريض جو مدافعتي سرشتو جاڳي جسم ۾ موجود انهن وائرس جي جراثيمن کي ختم ڪري.

جڏهن جراثيم ڪش دوائون (Antibiotics) نہ هيون تہ مدي جي بخار (Typhoid)، مليريا ۽ نمونيا جهڙين بيمارين کي بہ آڙ آزمايل دوائن سان ٺيڪ ڪيو ويندو هيو. اهي دوائون جسم کي آسرو ڏئي وقت فراهم ڪنديون هيون. وقت سان جاڳي جيڪڏهن مدافعتي سرشتو فتحيات ٿيندو هيو تہ انسان تندرست ۽ نوبنو ٿيندو هيو. جيڪڏهن جراثيم فتحياب ٿيندا هيا تہ ماڻهو پيچيدگين ۾ وچي موت حوالي ٿيندو هيو. ان ۾ حڪيم يا عطائيءَ جو ڏوهہ نہ هيو ڇو جو ماڻهو مذهبي طور مڃين ٿا تہ حياتي لکيل آهي جڏهن پوري ٿئي ٿي موت اچي ٿو. ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ؟

پراڻي وقت ۾ ماڻهو ڇوڏا، ڪک، وڻن جو ٻور، پن، پاڙون ۽ مٽيءَ سان ڦٽن جو علاج ڪندا هيا. سکر جو هڪ حڪيم ڦٽ تي جانور جو ڇيڻو هڻي بند ڪندو هيو. چوندو هيو تہ "ڇيڻي جو تاثير ٿڌو آهي." ان کي اها خبر نہ هوندي هئي تہ ڇيڻي ۾ تشنج (Tetnus) جا جراثيم ٿين ٿا. جيڪي زخم مان تنتن (Nerves) ذريعي مٿي وڃي انسان جي مغز تي اثر ڪري مفلوج ۽ ماري سگهن ٿا.

ماڻهو مجبور رهيو آهي ۽ مجبور آهي. وقت تي هو نانگ سان دوستي ڪري پاڻ ڏنگائي ٿو. اهو ممڪن آهي زهر کي زهر ماري سگهي ٿو. جيڪا شيءِ سڌي هاڃيڪار آهي اها اڻ سڌيءَ طرح فائديمند ٿي سگهي ٿي. نانگ جي زهر جي بچاءَ جي دوا نانگ جي زهر مان ئي ٺهي ٿي ۽ هاڻي ڪاري وڇون جي زهر مان اهڙي دوا ٺاهي اٿن جنهن کي واپرائڻ سان لنگ جي Priapsim ٿئي ٿي. عربن ۾ اها دوا مشهور آهي. تمام مهانگي ۽ اثرانگيز آهي. ڪراڙا عرب ان دوا جا عاشق آهن. ڪارا وڇون سنڌ ۾ بہ ٿين ٿا. اسان جا ڪجهہ همراهہ ڪارا وڇون ماري جهولون ڀري خريدارن کي ڳولهي ٿڪجي پيا. ڇو جو کين خبر هئي تہ ڪارا وڇون پنج هزار ڊالر في ڪلو وڪامجن ٿا. پر ڪٿي وڪامجن ٿا، اها خبر نہ هئي.

❖

References:


1. **“ The therapeutic potential of cannabis and cannabinoids ”**
   Dtsch , Arztebl int. 109 ( pmc 3442177 ) : 495 – 501.
2. Pertwee RG ( 2006 ).
   **“ The pharmacology of cannabinoid receptors and their ligands : an overview ”**.
   Int J obes ( Lond ). 30 ( suppl I ) : p. 13 - 18.
3. Azipurua . olaizola et al - ( 2016 ).
   **“Targeting the endocannabinoid system. Future therapeutic strategies”.**
   Drug discovery today.
4. Clarke , Robert C. ( 1991 ) .
   **“Marijuana Botany”**.

2nd ed . Ron . Publishing California.
5. Small E. Beckstead HD. ( 1973 ).
**“ common cannabinoid phenotypes in 350 stocks of cannabis ”**.
Lloydia . 36 ( 2 ) : 144 – 65.
6. Small , E ( 1979 ).
**“Fundamental aspects of the species problem in biology. The species problem in cannabis”**
vol . I : science corpus information services. Toronto Canada – p.5-63.
7. Thompson Z , D. Argueta T – et al – ( 2017 )
**“ Endocannabinoid response to acutely voluntary exercise , are altered in mice selectively bred for high voluntary wheel running , and differ between the sexes”**.
Physiology and behaviour 170 : 141 – 150.
8. Okamoto Y . Morishita J et al ( 2004 ).
**“ Molecular characterization of a phospholipase D , generating anandamide and it’s congeners ”** J. Biol . chem – 279 ( 7 ) : 5298 – 305.
9. Russo , Ethan B ( 2011 ).
**“ Taming THC : potential cannabis synergy and phytocannabinoid terpenoid entourage effects ”**. British Journal of Pharmacology.163 ( 7 ) : 1344 – 1364.
10. Elphick MR. Egertova M ( 2001 ).
**“ The neurology and evolution of cannabinoid signaling ”.**
Philos. Trans . R . Soc . Lond. B , Biol . Sci . 356 ( 1407 ) : 381 – 408.
11. Pertwee RG ( 2008 ).
**“ The diverse CB I and CB2 receptor pharmacology ”**.
Br. J . Pharmacol. 153 (2) :199 - 215.
12. Beck G. Habitat GS ( 1996 ).
**“Immunity and the invertebrates”.**
Scientific American . 275 (5) : 60 – 66.
13. O’ Byrine KJ , Dalgleish AG ( 2001 ).
**“ Chronic immune activation and inflammation as a cause of malignancy ”.**
British Journal of cancer. 85 ( 4 ) : 473 – 83.

❖

# الڪيمياءِ پليسيبو

(Al_chemy and Placebo)

"الڪيميا السادات" الغزالي (1111_1058ع) جو ڪتاب آهي جيڪو ان ڪيميا ۽ روحانيت بابت لکيو.[1]

الڪيميا ڌاتن جي ترڪيب جو فلسفو آهي. اهڙو سائنسي فلسفو يورپ، شام ۽ مصر ۾ گهڻو عرصو رائج رهيو. ان جو اصل مقصد سون ناهڻ هيو.[2]

ڪرسوپويا (Chrysopoera) جيڪو يوناني لفظ آهي. يوناني زبان ۾ سون کي Khrusos چيو ويجي ٿو.

اوروبوروس (Ouroboros) جيڪو هڪ آڳاتو يوناني خيال آهي ته نانگ يا ازدها پنهنجو پڇ ڪائي جيئرو رهندو آهي. ائين اهو سڀ "پاڻ" آهي. ڪائي به پاڻ، جيئي به پاڻ، اهڙي خيال کي سامهون رکي چيو ويندو هيو ته هڪ ڌاتو پاڻ سڀ ڌاتو آهي معنا هڪ ڌاتوءَ ۾ سڀ ڌاتو موجود آهن. ڪرسو پويا جو مقصد به ساڳيو هيو ته بنيادي ڌاتن جيئن سيهو (Lead) آهي، ان کي سون ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.[3]

الڪيميا ۾ اهڙا فارمولا پڻ موجود آهن، جن ۾ اشارا ڏنل آهن ته آبحيات ڪيئن ناهي سگهجي ٿو. آبحيات جنهن کي انگريزي زبان ۾ اليڪسر (Elixir) چيو ويجي ٿو اهو عربي لفظ الاڪثير مان نڪتل آهي.[4] آبحيات جي باري ۾ سمجهيو ويندو هيو ته ان جي پيئڻ سان انسان ڪڏهن نه مرندو ۽ سدائين جوان هوندو. مسلمان سائنسدانن آبحيات جو نالو هڪ دوا کي به ڏنو آهي جيڪا بيمارين کان بچائي ٿي.[5]

الڪيميا جي فارمولن تي عمل ڪندي يونان ۾ پينيشيا (Panacea) علاج جو طريقو عمل ۾ آيو. ان جو مقصد به ساڳيو هيو ته ان جي استعمال سان مريض نوبنو ٿئي ۽ سڄي عمر بيمارين کان محفوظ رهي. پينيشيا يونان جي ديوي آهي.[6]

الڪيميا جو ٻيو مشهور فارمولا الڪاحيسٽ (Alkahest) آهي، جيڪو اهڙو ڳار (Solvent) آهي جنهن ۾ هر شيءِ ڳري وڃي ٿي. خاص ڪري سون.[7]

انسان جو جسم ۽ روح بلندين کي تڏهن ڇهي ٿو جڏهن ان ۾ پارس پٿر (Stone of philosopher) جهڙي قوت اچي ٿي. الڪيميا پارس پٿر جي جستجوءَ ۾ بنيادي ڌاتو (Prima material) جي منفرد مادي کي ڳولهي ٿو.[8] اهو مادو بي ڊول (Formless) آهي. جيئن انساني وجود کان اڳ ڪائنات خول (Void) هئي ۽ اها تخليق طرف سياراتي مرحلا انتشار (Chaos) ۽ تشڪيل

طرف وڌي رهي هئي. پارس مادي جو تخيل بہ ائين آهي، جيڪو خول مان نڪري خلا ۾ پيدا ٿيندڙ ڪائنات جيان وجود وٺي ٿو ۽ اهو پٿر (پارس) ڪائنات جون سڀ خصلتون پاڻ ۾ سمائي ٿو.[9]

ٻارهين عيسوي صديءَ ڪانپوءِ يورپ ۾ جيڪا جاڳرتا (Renaissance) جي لهر آئي، ان تي اسلامي دنيا جي فسلفي جو اثر هيو. جڏهن اسلامي سائنس ترجمو ٿي يورپ آئي تہ ارسطوءَ جي ڪيميائي ۽ فلسفيانا خيالن سان ملي جديد سائنس کي هٿي وٺرائي.[10] خاص ڪري ڪيمسٽري ۽ دوائن جي علم تي ان جا اثر پيا. جيئن مسلمان سائنسدانن ليباريٽريون قائم ڪيون هيون ائين يورپ ۾ ليبارٽرين جو رجحان وڌيو ۽ تجربا ٿيڻ لڳا جيڪي هاڻي عروج تي آهن. انهن تجرباتي عملن جا نتيجا ڳجها رکيا ويندا هيا. ڪو بہ ڪنهن کي ڪيميائي راز نہ ٻڌائيندو هيو ۽ ڪيترا ڪيميادان اهڙا راز سيني ۾ رکي دفن ٿي ويا يا اهڙن ڳجهن اکرن (Cryptography) ۾ ڪوڊ ڏئي سانديندا هيا جيئن اهو ڪوڊ ڪو ٻيو کولي نہ سگهي.[11]

جيڪڏهن لفظ "الڪيميا" تي غور ڪجي تہ اهو سڀ کان پهريون مصر جي پراڻي صورتخطي (Hieroglyphic) ۾ ڪيمي (Khami) جي نالي سان ملي ٿو.[12] عربي زبان ۾ اهو الڪيميا ٿيو ۽ پوءِ لاطينيءَ ۾ ان کي الڪائيما (Alchyma) چيو ويو.[13]

مصر جو شهر اسڪندريا علم جو مرڪز رهيو آهي. اهو هڪ اهڙي ديڳڙيءَ جيان هيو جنهن ۾ مختلف ڪيميادانن جا فلسفا پچندا رهيا آهن.

اسڪندريا ۾ جيڪي فلسفا نئين صورت ۾ پروان چڙهيا انهن ۾ فيثا غوريزم، پليٽونيزم ۽ اسٽواڪزم هيا.

فيثا غورث عيسا کان ڇهہ سوَ سال اڳ ڄايو. سندس فلسفي جا موضوع ڪيميا، رياضي ۽ صوفيزم هيا.[14] افلاطون جو نظريو (Platonism) جيڪو خاڪي (Abstract) کي اهميت ڏئي ٿو ۽ اهڙو خاڪو جيڪو اندر يا ٻاهر جي شعور ۾ موجود نہ آهي. افلاطون جو اهڙو خيال صوفيزم جو تصور آهي.[15] اسٽوا ڪزم فلسفي جو پايو وجهندڙ زينو (Zeno) (334_262BC) آهي. ڪي چون ٿا تہ ان جو تعلق قبرص سان هيو ۽ ڪن جو خيال آهي تہ اهو فينيشين هيو.

زينو يونان جي شهر ايٿنس ۾ فلسفو پڙهائيندو هيو. اسٽواڪ ان مخصوص هنڌ کي چوندا هيا جتي هو فلسفي جا خطبا ڏيندو هيو. سندس چوڻ هيو تہ جيئڻ جو مقصد قدرت سان اهڙو معاهدو آهي جنهن ۾ فطرت جو حصو ٿي گهارڻو پوي ٿو. هو دنيا کي اهميت ڏئي ٿو. سندس چوڻ موجب جيڪي آهي سامهون آهي. هو چڱائي، امن ۽ سڪون جي ڳولها فطرت سان سمجهوتي ۾ ڳولهي ٿو.[16]

اسڪندريا ۾ اهڙن علمن ڪانسواءِ جنهن فلسفي تي عمل ڪيو ويندو هيو، اها گنوسٽيسزم (Gnosticism) هئي. يوناني ٻوليءَ ۾ جاڻ کي گنوسس چئبو آهي. اهڙي جاڻ تڏهن پيدا ٿي جڏهن آسماني ڪتابن خدا متعلق ٻڌايو ۽ پوءِ خدا انسان ۾ جوت جاڳائي.[17]

اسڪندريا اندر ساڳي ديڳڙيءَ ۾ اهي سڀ نظريا ڪڙهي هڪ ٿي ويا. اهڙو علم پوءِ يونان پهتو.[18] ساڳي وقت خالد بن يزيد اهڙي علم کي اسڪندريا مان اسلامي دنيا ۾ ڪٺي آيو.[19]

جابر بن حيان کي جديد ڪيمسٽريءَ جو ابو ڪوٺيو وڃي ٿو. ڇو جو جابر بن حيان (815ـ 721ع) جي علم جو انحصار تجربن ۽ انهن جي نتيجن تي هيو. روم جي زوال کانپوءِ علم جو مرڪز اسلامي دنيا رهي آهي. جابر بن حيان باقاعدي ليبارٽريءَ جو تصور ڏنو ۽ ان ۾ تجربا ڪيا. انڪري کيس جديد ڪيمسٽريءَ جو ابو ڪوٺيو وڃي ٿو. جابر بن حيان چوي ٿو "ڪيمسٽريءَ جو بنياد تجربي تي هجڻ گهرجي، تجربي کانسواءِ حقيقت حاصل نہ ٿي ڪري سگهجي."[20]

يعقوب بن اسحاق الڪندي (873ـ 801ع) جنهن کي الڪنديءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ محمد بن ذڪريا الرازي جيڪو الرازيءَ جي نالي سان مشهور آهي. انهن ڪيميادانن گندرف جو تيزاب، شوري جو تيزاب ۽ نائٽرڪ ايسڊ دريافت ڪيو. آب سلطاني (Aqua regia) پڻ ٺاهيو جيڪو نائٽرڪ ايسڊ ۽ شوري جي تيزاب جو مرڪب هيو. ان ڳار ۾ سون ۽ پليٽينم حل ٿي ويندا آهن.[21]

جابر بن حيان جي کوجنا جو اصل مقصد تڪوين (Takwin) هيو. تڪوين جو مقصد ليبارٽريءَ ۾ زندگي تخليق ڪرڻي هئي.[22]

هن هر مادي جو ان جي بنيادي تاثرات (گرم، ٿڌو، گهميل، خشڪ) جي حوالي سان جائزو ورتو ۽ تخليق جي ڪوشش ڪئي. جابر بن حيان موجب هر ڌاتوءَ ۾ بہ اندروني ۽ بہ بيروني خاصيتون ٿين ٿيون. مثال سيهو جيڪو ٿڌو ۽ خشڪ آهي. جڏهن تہ سون گرم ۽ گهميل آهي. هن اهڙين خاصيتن کي جاچي چيو تہ خاصيتون بدلائي هڪ ڌاتوءَ کي ٻئي ڌاتوءَ ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

سندس تحقيق جو بنياد ستن عنصرن تي مشتمل آهي. جن ۾ ايٿر، هوا، ڌرتي، باھ ۽ پاڻي قدرتي حيثيت رکن ٿا جڏهن تہ بہ ڌاتو سلفر (جنهن کي ٻرڻ جي شڪتي آهي) ۽ پارو جنهن ۾ گهڻ ڌاتوئي خلصتون موجود آهن. هن آخر ۾ لوڻ کي انهن ۾ شامل ڪيو.[23]

جديد ايٽمي نظريو جابر بن حيان جي تحقيق سان لاڳاپيل آهي. جنهن موجب ايٽم ۾ اندروني ذرا ۽ ٻاهران شيل (Shell) ٿين ٿا. اندروني ذرن ۾ اليڪٽران، پروٽان ۽ نيوٽران ٿين ٿا.[24]

اڳتي هلي ابو الريان البيروني، ابن سينا ۽ ابن خلدون، جابر بن حيان جي اهڙي نظريي جي مخالفت ڪئي تہ هڪ ڌاتو ٻئي ڌاتوءَ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.[25]

جابر بن حيان جو اهڙو خيال تہ هڪ ڌاتو ٻئي ڌاتوءَ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. گهڻن جي مت منجهائي، هر شخص ان ڪوشش ۾ هوندو هيو تہ جيڪر کيس اهڙو فارمولا ملي پوي تہ هو سستي ڌاتوءَ کي سون ۾ بدلائي سگهي. اهڙي جستجوءَ پويان ڪيترا ماڻهو سچا ٿي ويا، سکر جي شاهي بازار ۾ ڪجھ سنڌي سينين جا دوڪان هوندا هيا. ان زماني ۾ بئنڪ جو تصور نہ هيو. انهن وٽ ايڏا پئسا هوندا هيا جو لڪائڻ لاءِ وهاڻن ۽ سوڙين ۾ وجهي ڇڏيندا هيا، کين سون ٺاهڻ جو شوق ٿيو. اهڙا واندا عامل هوندا هيا جيڪي سينين کي پئسي جي سيڙپ لاءِ ابتا سبتا ڏس ڏيندا هيا. اهي سيٺ بہ اهڙن

ٽڳن جي ور چڙهي ويا. سون جي لالچ ۾ انهن هزارين روپيا خرچ ڪيا. عامل ڪيميڪلز جي بهاني انهن کان هر هر پئسا وٺندا هيا ۽ هر دفعي چوندا هيا "سيٺ بس ڪم تيار هيو هڪ شيءِ ڪٽي پئي."

انهن عاملن وٽ باهه جون بنيون هونديون هيون. هر دفعي ڌاتو ۾ ڪيميڪل ملائي باهه تي چاڙهيندا هيا ۽ رک ۾ پوري ڇڏيندا هيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪڍندا هيا ته ان ۾ ڏوڙ ڪانسواءِ ڪجهه نه هوندو هيو.

هڪ دفعي سيٺ رب رکيو اهڙي عامل سان گڏ هيو جڏهن تجربو ڪندي ڌماڪو ٿيو ۽ ٻئي مرندي بچيا. ماڻهن جڏهن کين ٻاهر ڪڍي سمهاريو ته پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ عامل سيٺ ڏي منهن ڪندي، زوريءَ مرڪندي چيو.

"بس سيٺ لوهه ذرو ڪٽي پيو نه ته سون ته تيار هيو."

سون جي لالچ ڪنهن کي نه آهي؟ غريب هجي يا امير، هر ڪنهن جي حسرت هوندي آهي ته جيڪر سون حاصل ڪيان. سون ٺاهڻ جو اهڙو ڪو به فارمولا نه آهي. سائنسدانن ايٽم کولي پروٽان ٽوڙي سوءَ ٽڪر ڪيا آهن ۽ گاڊ پارٽيڪل تائين پهتو آهي. عنصرن جي اهڙن انتهائي تجربن ڪانپوءِ ان شيءِ جي ڪا گنجائش موجود نه آهي ته هڪ ڌاتو ٻئي ڌاتوءَ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. جڏهن ٻه ڌاتو ملندا ته مرڪب ڌاتوءَ ۾ انهن ٻنهي ڌاتن جون خاصيتون هونديون. ان ۾ ڪا نئين خاصيت پيدا نه ٿيندي.

اندر جي تسڪين ممڪن آهي؟ انسان تسڪين لاءِ جستجو ڪري ٿو. اها جستجو هاڪاري هجي يا ناڪاري. ڪڏهن صحيح ڏس ملي ٿو، ڪڏهن نه ٿو ملي. ڪڏهن اعتقاد تي ڪڏهن ڏاهي جي ڏس تي اطمينان حاصل ٿئي ٿو، نه ڪرڻ کان ڪجهه ڪرڻ بهتر آهي. دنيا ان سوچ تي هلندي آئي آهي. انسان مفروض کي موزون بنايو آهي. آبحيات، پارس پٿر يا ڪيميا. جنهن ۾ سون ٺاهڻ، چاندي ٺاهڻ يا اهڙا ڌاتو ٺاهڻ جن سان مرداني قوت وڌي سگهي. اهي سڀ پليسيبو آهن. من کي مطمئن ڪرڻ جون ڳالهيون آهن.

مرداڻي قوت لاءِ سنکيو (Arsenic) مارڻ، هڪ اهڙو طريقيڪار آهي جيڪو حڪيم سنڌ ۾ صدين کان آزمائيندا آيا آهن. خبر نه آهي سنکيو ماريندي انهن ڪيترا بي گناهه ماريا آهن. سنکيو اهڙو زهر آهي جيڪو ماڻهن کي مارڻ لاءِ استعمال ٿيندو آيو آهي ڇو جو ان ۾ نه ذائقو آهي ۽ نه بوءِ.

مون ڪيترا ماڻهو ان مئل سنکيي سان مرندي ڏٺا آهن.

پارس پٿر جي باري ۾ هڪ ڳالهه آهي ته ڪو ٻڪرار جابلو علائقي ۾ ٻڪريون چاريندو هيو. هر طرف پٿر هوندا هيا. پهاڙن تي هِتي هُتي گاهه اپريل هوندو هيو. اهڙو خشڪ علائقو هيو جيئن جاهل جو مغز. ٻڪرار ٻڪريون چاريندو هيو. گوشت ڪائيندو هيو. کير پيئندو هيو ۽ ٻڪريون وڪڻي ٻيون ضرورتون پوريون ڪندو هيو.

ان برپٽ ۾ هڪ شخص جنهن جي ڏاڙهيءَ جا وڏا وار منجهيل ۽ ڪپڙا ڦاٽل هوندا هيا, ڪنهن پيو ڳولهيندو هيو. هڪ دفعي اهو شخص ٻڪرار وٽ آيو ۽ چيائينس "مان جنهن کي ڳولهيندي ٿڪيو آهيان, نظر ته نه آيو آهي پر پڪ اٿم ته ضرور ڳولهي لهندس."

ٻڪرار ٻڌو ۽ بي دليءَ سان جواب ڏنائين. "پوءِ مان ڇا ڪيان؟"

ان پوڙهي شخص ٻڪرار کي رحم جي نظرن سان ڏٺو ۽ چيو "تون به ڳولهه پر ان کي نه ڳولهه جنهن کي مان ڳولهيان ٿو."

ٻڪرار هڪ دفعو وري چس "ته پوءِ ڪنهن کي ڳولهيان؟"

پوڙهي وري ڳالهايو.

"مان جنهن کي ڳولهيان ٿو ان لاءِ مان ڪافي آهيان پر هڪ ٻئي ناياب شيءِ جنهن کي پارس پٿر چيو وڃي ٿو. اهو انهن جبلن ۾ ڪٿي موجود آهي. تون ان کي ڳولهه."

ٻڪرار وري جواب ڏنو. "ان کي ڳولهي ڇا ڪيان؟"

پوڙهي وري ڳالهايو.

"ان کي ڳولهڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين ته پوءِ تون لوهه کي سون ڪري سگهندين. ان پٿر کي لوهه سان گسائبو آهي ته اهو سون ٿي ويندو آهي."

ڳالهه ٻڌي ٻڪرار جي منهن ۾ رونق اچي وئي, مرڪيو ۽ چيائين.

"ڪيئن حاصل ڪيان؟"

پوڙهو ان ويجهو آيو ۽ سمجهايائين.

"تون سيني ٻڪرين جي کرن ۾ لوهه جا نعل هڻ, اهي جبلن ۾ گهمنديون جڏهن موٽنديون, تون انهن نعلن کي جاچ, جيڪڏهن ڪنهن ٻڪريءَ جو نعل سونو آهي ته سمجهه پارس پٿر موجود آهي."

ٻڪرار کي ڳالهه وڻي, سوچيائين ته گهاٽي جو سودو نه آهي. آهي به بزرگ ماڻهو ڏاڙهي به وڏي اٿس, لڳي به ڏاهو ٿو ڪپڙا به درويشي اٿس, سچ چوندو هوندو.

ٻڪرار عمل ڪيو ۽ لوهر وٽي ٻڪرين کي کرن ۾ نعل هڻائي ڇڏيائين. پوڙهو شخص ٻڪرار سان گڏ رهي پيو ۽ کير مکڻ کائي وقت گذارڻ لڳو. ٻڪريون روز جبلن تي گهمي واپس اينديون هيون پر نعل اهي ئي لوهه جا هوندا هيا. ڪڏهن ڪو نعل سونو نه ٿيو. هڪ ڏينهن ٻڪرار ڪاوڙجي پوڙهي کي چيو.

"ڏي خبر سچ ٿو ڳالهائين يا ڪوڙ؟"

پوڙهو جيڪو ڦهريون کان تندرست ٿي پيو هيو. ان جواب ڏنو.

"ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ سچ ته بينو نچ"

"هاڻي ڇا ڪيان؟" ٻڪرار پڇيو.

“تون ائين ڪر جو ٻڪرين ڪي صفا آزاد ڇڏي ڏي، پل پري پري تائين پٽر لتاڙين متان ڏور وادين ۾ ڪٿي پارس هجي ۽ ڪنهن ٻڪريءَ جو نعل سونو ٿي پوي.”

ٻڪرار سوچيو ۽ پوءِ راضي ٿيو.

ان ڏينهن کانپوءِ ٻڪرار ۽ پوڙهو سمهيا پيا هوندا هيا ۽ ٻڪريون دربدر پيون جبلن تي ڦرنديون هيون. ڏٺيءَ ڪانسواءِ ڪهڙو ڏڪ آهي، وڪرجي ويون ۽ الڳ ٿي جبلن ۾ گم ٿي ويون. ڪن کي بگهڙ کائي ويا، ڪي کامن ۾ ڪري مري ويون ۽ ڪي رستو ڀلي ويون. گهڻو وقت گذريو گهر نہ آيون تہ ٻڪرار پريشان ٿي ويو. آخر هڪ موٽي آئي تہ ان کي ڏسي پوڙهي خوشيءَ مان رڙ ڪئي.

“او اها ٿي ٻڪري جنهن جو انتظار هيو.”

ٻنهي ڏڪي ٻڪريءَ جا نعل چڪاسيا تہ ڏٺائون نعل هيا ئي ڪونہ.

ٻڪرار ڪنو منهن ڪري پوڙهي کان پڇيو.

“هي ڇا؟”

پوڙهي منهن جي پڪائيءَ سان جواب ڏنو.

“ابا دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي ڪڏهن لوهہ پارس، ڪڏهن پارس لوهہ، ڪڏهن نعل نوان، ڪڏهن ڪر خالي.”

❖

References:


1. Malouin . Paul. Jacques (1751).
   **“Alchemy encyclopedia”.**
   Volume I Paris. Collaborative translation project.
2. **“Chemical knowledge in early modern world”.**
   Chicago university press 2014.
3. Wouter J. Hanegraaff .
   **“Alchemy between science and religion”.**
4. Cambridge university press:2012
   **“A Greek . English Lexicon”**.
   ( English edition ) oxford : clarendon press (1901).
5. Allen G. O. Debus.
   **“Alchemy and early modern chemistry”.**
   The society for the history of alchemy and chemistry .p.34.
6. Yves Bonnefoy.
   **“Roman and European mythologies”.**
   University of Chicago press.1992.pp.211-213.

7. **"Alchemy" Dictionary.com.**
8. Staff.
   **"Come into a new state of being"**
   Tufts university. Retrieved 17 September 2014.
9. Ragai – Jehane ( 1992 ).
   **" The philosophers stone : Alchemy and chemistry"**
   Journal of comparative poetics 12 ( Metaphor and Allegory in the middle ages ) : 58-77.
10. Starn . Randolph ( 1998 ).
    **"Renaissance Redux".**
    The American historical review. 103(1):122-124.
11. Tara E. Nummedal.
    **"Alchemy and Authority in the holy Roman empire"**
    university of chicago press 2007.p.49.
12. **"Alchemy".**
    Oxford English Dictionary (3rd ed.). Oxford university press. (2005).
13. Harper. Douglas
    **" Alchemy ".**
    On line etymology dictionary. Retrieved 2010.
14. **"Pythagoreanism".**
    Translated by Edwin L. Minar Jr. Cambridge mass : Harvard university press-p.106.
15. **"Platonism"**
    cross FL . ed. The oxford dictionary of the Christian church. New York. Oxford university press.2005.
16. Gilbert Murray.
    **"The stoic philosophy"**
    (1915).p.25. In Bertrand Russell, A history of western philosophy (1946).
17. Stanley E. Porter , David yoon (2016).
    **"Paul and Gnosis"**.
    Brill p.9.
18. **"A history of chemistry".**
    Bensaud – vincent. Isabelle strangers. Harward university press. 1996.p.13.
19. Glen warren , Bowersock , Peter Robert , et-al.
    **"Late antiquity: a guide to the postclassical world".**
    p.284-85.
20. Kraus P. (1962).
    **"Djabir B. Hayyan"**.
    Encyclopedia of Islam.2 ( 2nd - ed.) Brill Academic publishers.p.357-59.
21. Holmyard E,J. (1931).
    **"Makers of chemistry".**
    Oxford clarendon press.p.57-8.
22. O'Connor , Kathleen Malone. (1994).

**"The chemical creation of life ( takwin ) and other concepts of Genesis in medieval Islam".** University of Pennsylvania. Retrieved 2007.

23. Strathern , Paul (2000).
**"Mendeleyev's Dream. The quest for the elements".**
New York : Berkley Books.
24. Moran , Bruce T. (2005).
**"Distilling knowledge : alchemy , chemistry and scientific revolution".**
Harvard university press.p.146.
25. Marmura ME (1965).
**"Concept of nature and methods used for its study by the Ikhwan Al-Safa'an – Al. Biruni and Ibn.sina"**
by Syed Hussain Nasr. Speculum. 40(4):744-6.

❖

# آبحيات ۽ پليسيبو

(Elixir and placebo)

آبحيات الاڪيسر لفظ مان نڪتل آهي. يونان ۾ جيڪا دوا شفا ڏيندي هئي ان کي الاڪيسر (Elixir) چوندا هيا.[1]

ارسطوءَ روحاني هاضمي جو فلسفو پيش ڪيو. جنهن کي اَڪائڻ (Concoction) چيو ويجي ٿو. ان فلسفي موجب جيئن ساڳي ڪنيءَ ۾ مختلف شيون باهہ تي بچي راس ٿين ٿيون. ائين جسم اندر موجود مختلف مواد جسم جي گرميءَ تي پچي راس ٿين ٿا. جسم جي گرمي اندر کي دوام ڏئي ٿي. جيڪڏهن جسم گرم رکجي تہ اندر ڪڏهن فنا نہ ٿو ٿئي.[2] اهڙو عمل چڪائڻ (Decoction) جي ابتڙ آهي. جنهن ۾ مادي کي گرم ڪري ان مان عرق يا سَت (Extract) ڪڍيو ويجي ٿو. اهو ست مادي جو روح آهي. چڪائڻ جي عمل ۾ جڙي ٻوٽيون گرم ڪري اپرندڙ ٻاڦ کي ٿڌو ڪري ست حاصل ڪيو ويندو آهي.

ارسطوءَ جي فلسفي اڪائڻ ۾ ست (Extract) اندر رهي ٿو ۽ جسم جي گرمائش سان ٻاهر نہ ٿو نڪري. جسم مادو ۽ روح ست آهي. جسم گرم رهي روح کي ست جيان پاڻ ۾ محفوظ رکي ٿو. اهو انساني دوام جو پهريون نظريو هيو.[3]

چين ۾ ڪن شي هيانگ (Qin shi Huang) بادشاهہ (220 BC) ڪيميا جي ماهر زوفوءَ (Xu Fu) کي آبحيات جي ڳولها لاءِ موڪليو هيو. زوفو دائو (Taoist) عقيدي جو قائل هيو. دائو عقيدو هڪجهڙائيءَ جو پيغام ڏئي ٿو. بادشاهہ کيس پنج سوَ نوجوان ڇوڪرن ۽ پنج سوَ نوجوان ڇوڪرين جو وفد ڏنو تہ اهي اوڀر وارن ملڪن ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي وڃي آبحيات ڳولهي اچن. زوفو اهو وفد ساڻ ڪري ويو تہ ڪڏهن نہ موٽيو. اها ڳالهہ مشهور آهي تہ زوفوءَ چين جي اوڀر ۾ آبحيات ڳولهيندي جيان ڳولهي لڌو ۽ اتي ئي ترسي پيو.[4]

آڳاٽي چين ۾ اهڙو عقيدو هيو تہ جيڪڏهن پائيدار ۽ مهانگا ڌاتو کاڌا وڃن تہ اهي ڊگهي حياتي ڏين ٿا. سبب اهو هيو تہ اهي ڌاتو جسم ۾ وڃي ڳرن نہ ٿا، يا هضم نہ ٿا ٿين. جنهن ڪري اهي جسم اندر رهي پنهنجي اثر سان حياتيءَ کي دوام بخشين ٿا. اهڙن مادن ۾ يشب (Jade) جيڪو سائي رنگ جو پٿر آهي. سنبار (Sinnabar) جيڪو پاري جو اهڙو قسم آهي، جنهن ۾ گندرف ملي کيس سِرَ رنگائون ڏيک ڏئي ٿو. ٽئين عيسوي صديءَ ۾ سون کي پاڻياٺ جو اهڙو روپ ڏنو ويو جو ان کي پي

سگهبو هيو.[5] سنڌ ۾ هاڻي بہ ڪجھ حڪيم سون ۽ چانديءَ جا ڪک (Pills) ٺاهيندا آهن. سچا موتي پيسي انهن جو معجون ٺاهيو ويندو آهي.

چين ۾ حڪمت تي باقاعدي لکيل ڪتاب حڪيم سن سمائو (Sun Simiao) (682_581ع) جو ملي ٿو. جنهن ڪتاب جو نالو "ڊائجنگ يائوجو" آهي. ان حڪيم کي تنهن وقت حڪمت جو بادشاهہ سڏيو ويندو هيو. سندس حڪمت جي ڪتاب ۾ آبحيات ٺاهڻ جو فارمولا ڏنل آهي. ان جي ٺاهڻ لاءِ جيڪي دوائون استعمال ٿين ٿيون تن ۾، پارو، گندرف ۽ سنکيو شامل آهن. حقيقت ۾ جيڪي سڀ زهر آهن.[6] جيا جنگ (Jia Jing) بادشاهہ (1567_1507ع) آبحيات جي حسرت ۾ پارو کائي مئو هيو. برطانوي تاريخدان جوزف ندام تحقيق ڪانپوءِ هڪ لسٽ تيار ڪئي آهي، جنهن ۾ چين جي انهن بادشاهن جا نالا آهن جيڪي زهر کي آبحيات سمجهي مئا.[7]

هندستان ۾ آبحيات کي امرت سڏيو وڃي ٿو. ان جو ذڪر ويدن (Vedas) ۾ آهي. آبحيات بابت اهڙو ذڪر چين جي نظر کان مختلف نہ آهي.[8] سنسڪرت ۾ لکيل ڪتاب ارٿشاستر (Arthashastra) جيڪو عيسا کان چار سوَ سال اڳ لکيو ويو. ان ۾ حڪمت، معاشيات ۽ عسڪري موضوعن تي بحث ٿيل آهي. ڪوٽليا جنهن کي وشگپتا پڻ چيو وڃي ٿو. اهو ان ڪتاب جي لکندڙن مان هڪ آهي. ڪوٽليا، چندرگپت موريا جو استاد هيو.[9] هندستان ۾ سون ٺاهڻ جي مقابلي ۾ آبحيات ٺاهڻ تي گهڻو زور هيو پوءِ اهو دوائن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو جيڪي مريض کي وقتي فائدو پهچائينديون هيون.[10]

يورپ ۾ آبحيات جو موجد سينٽ جرمين کي چيو وڃي ٿو. ان متعلق اهو خيال هوندو هيو تہ سندس عمر سوين سال آهي. هو ٿيوسافسٽ هيو. سندس متعلق گهڻيون ڳالهيون مشهور آهن. ٿيوسافسٽن جي عقيدي موجب مرڻ ڪانپوءِ سينٽ جرمين جيئرو هيو. هو انهن ماڻهن ۾ شامل هيو جيڪي ڪيس دفنائي رهيا هيا. چوجو سرِ فرانسس بيڪن، سينٽ جرمين جي روپ ۾ آبحيات پي جيئرو رهيو. سينٽ جرمين روپ بدلائي سرفرانسس بيڪن ٿي رهيو. ٿيوسوفيڪل خيالن موجب انسان جوڙ بدلائي دنيا ۾ موٽي ٿو. "هولي برادر" جو لفظ سينٽ جرمين پويان استعمال ٿئي ٿو.[11]

يورپ ۾ رواج هيو تہ پيئڻ جون شيون گهڙيال ۾ اندر رکي ڇڏيندا هيا. سندن خيال هيو تہ وقت انهن ۾ جذب ٿي عمر پيدا ڪري ٿو.

نوڪولس فليمل (1418_1330ع) کي پڻ آبحيات جي تصور جي تخليقڪارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هو فرانس ۾ ڄايو ۽ مرڻ ڪانپوءِ آبحيات جي باري ۾ مشهور ٿيو.[12]

آبحيات ۽ نان زندگي (Bread of life) جي جدوجهد جڻ پاڻ بچائڻ جي ڊوڙ آهي. نان زندگيءَ جو تصور پڻ رهيو آهي. اهڙو رزق جيڪو کائي انسان امر ٿئي ٿو. جيڪڏهن نانِ زندگي ملي، جنهن کي کائي مٿان آبحيات پئجي تہ ان کان وڌيڪ کهڙي عياشي؟ ماضي ۾ فلسفي ۽ مذهب جو مفهوم انساني عذابن کي گهٽائڻ، سندن وهمن کي مها وهمن سان قيد ڪرڻ، مها وهم جيڪو سچ جو

روپ ڏاري سپني وهمن کي پاڻ ۾ سمائي سگهي. انسان موت کي کهڙو منهن ڏئي سگهي ٿو ڇو جو موت کي منهن آهي ئي ڪونه! وجود انسان کي آهي. موت وجود نه ٿو رکي. انسان حقيقت ۽ موت احساس آهي. ماڻهو مري ٿو مرڻ واري کي موت جي کهڙي خبر؟ موت جيئرن لاءِ آهي جن ماڻهوءَ کي مرندي ڏٺو. موت ۽ ننڊ کي خواب الڳ ڪن ٿا. موت خوابن بنا ننڊ ۽ ننڊ ۾ خواب زندگي آهن. خواب زندگيءَ جي حقيقت ۽ موت ڪجهه نه آهي. موت جو احساس ائين آهي جيئن ڄمڻ کان اڳ جو تصور. جيئرو سوچي ٿو ڄمڻ کان اڳ مان ڪٿي هيس؟ هڪ اهڙو تصور جيڪو مرڻ کانپوءِ جي تصور کي جنم ڏئي ٿو.

جيترو علم ويڙهيل آهي، حقيقت اوتري ڪليل آهي. اسين علم وسيلي پاڻ کي سهارو ڏيون ٿا. حقيقت کي سهاري جي ضرورت نه آهي. انڪري جو حقيقت ڪليل ۽ عيان آهي. ان جو اهڙو روپ نه وڻندڙ ۽ قبول ڪرڻ لائق نه آهي، ڇو جو من کي آٿت ڏيڻ لاءِ لفظن جي ضرورت پوي ٿي. مئل کان جيئري کي پليسيبو جي ضرورت پوي ٿي. بادشاهه، وزير، عالم، امڙ، ابو ۽ ٻار ٻچو مري ويو بس ڳالهه ختم! ڪيڏو نه ڏکوئيندڙ تصور آهي. پر جڏهن چون ته ڪو مري نه ٿو اهو جيئرو آهي. اهو سوچي ڪيڏو آٿت ملي ٿو.

آبحيات ناهي موت کي مات ڏيڻ انسانن جي حسرت رهي آهي. ڪيترا بادشاهه زهر کي آبحيات سمجهي فنا ٿي ويا، پر آبحيات ناهڻ جي جستجو ڪڏهن ختم نه ٿي. ان کي ڇا چئجي؟ ڏاهپ جي چريائپ؟ موت جي حڪمت؟ اوندهه جو فلسفو؟ يا انڌي سائنس؟

مسڪين ماڻهو ڏند ڪٿائون ٻڌي دل خوش ڪندا هيا. آبحيات کي حاصل ڪرڻ جون ڏند ڪٿائون. جبل جهاڳي، ديون سان مقابلا، پهچ کان پري رکيل آبحيات جو ڪوزو. ترڪيب سان شهزادي جو حاصل ڪيل آبحيات جيڪو پوڙهي مرندڙ بادشاهه کي حياتي ڏئي ٿو.

"سبحان الله" سڀ مسڪين ٻڌي چوندا هيا، ماضيءَ جي اونداهين راتين ۾ ٻرندڙ قصا، ڪهاڻيون، داستان گوئيءَ جو وڻندڙ انداز. بلند آواز ۽ آواز مان پرواز ڪندڙ لافاني ڪردار، حورون، جن، ڀوت، جادوگر، بادشاهه، راڻيون، شهزادا، انهن جا عشق ۽ حسن جي ڪليل پڌر ۾ لڳندڙ ٿڏي هوا جهڙي وصف. "فنا... فنا... فنا" وڻ تي وينل اوجاڳي جي ماريل پکيءَ جو آواز. آبحيات جا قصا ٻڌائيندڙ داستان گو مري ويا. ڏاڏا احمد زوار ٻيڙي ڇڪي ڳالهه ٻڌائيندو هيو. هر جملي کانپوءِ هوا ۾ ڇڏيل هن جي ٻاڦ جي دونهي ۾ شڪليون ٺهنديون هيون. ڪردارن جا عڪس. مان اڄ به انهن ٻيڙين جو دونهون محسوس ڪريان ٿو. جڏهن تصور ۾ اهو دونهون نڪ ۾ ويندو آهي ته ڪردار جيئرا ٿي پوندا آهن ۽ مان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪندو آهيان.

امڙ ننڍي هوندي ڳالهه ٻڌائيندي هئي، سياري جو سوڙ پائي سڀ ان کي ٻڌندا هياسين، سکر جهڙي شهر ۾ تن ڏينهن بجلي نه هئي. ڪمري ۾ هڪ هٿ بتي ٻرندي هئي. جنهن جي هيڊي روشنيءَ ۾ اٿندي ويهندي ڀتين تي وڏا پاچا ٺهندا هيا. امڙ ڳالهه ٻڌائيندي هئي. چوني لڳل ڀتين جا چاپڙ لٿل

هوندا هيا. مان انهن لٽل چاپڙن ۾ عڪس ڏسندو هيس، جيڪي امڙ جي ٻڌايل ڳالهہ جي ڪردارن جهڙا هوندا هيا.

ڀل سوَن جا ڳنڍا هجن پر هٿ خالي آهن. رستو ڪوڙ آهي. سچ رستو نہ آهي، ڇو جو سچ هر رستي جي منزل آهي ۽ اسين ڪوڙ جي رستي تي هلي سچ ڳولهيون ٿا. سچ تہ اهو آهي، سچ آهي ئي ڪونہ. جيڪي آهي بس پليسيبو آهي.

❖

References:


1. Roger D. Woodard ( 2008 ) .
   **“ Greek dialects ”**
   The ancient Languages of Europe . Cambridge university press . p.51.
2. Stephen Toulmin ; June Goodfield ( 1982 ).
   **“The architecture of matter”**,
   university of Chicago press , p.87.
3. Grassberger P.
   **“ On the critical behaviour of the general epidemic process and dynamic percolation ”** Mathematical Biosciences.
4. Ren changhong et al .
   **“ Rise and fall of Qin dynasty”.**
   Asiapac Books PTE ltd. 2000.p.172-5.
5. Ong , siew chey. Marshall Cavendish ( 2006 ).
   **“China condensed 5000 years of history and culture”**.
   p.17.
6. Nathan sivin,
   **“Chinese alchemy”**
   Preliminary studies (Cambridge Harvard university press 1968).
7. The Cambridge history of china . vol . 7 :
   **“The Ming dynasty”**
   P.1368 – 1644 part I. “ The prince of Ning treason ”. by Frederick w. Mote and Denis twitchett.
8. Rathakrishanan and Moore ( 1957 ).
   **“ Vedas and upanisads ”**
   Sanskrit literature p.29-39.
9. Roger Boesche ( 2002 ).
   **“ The first great political realist : Kautilya and his Arthashastra ”**.
   Lexington books . p. 7.
10. Joseph Spengler ( 1971 ).
   **“Indian economic thought”.**

Duke university press p. 72 – 73.
11. **“ The count of ST , Germain ”**.
Johan Franco , Musical quarterly ( 1950 ) XXXVI ( 4 ) : 540 – 550.
12. Dixon Laurinda ( 1994 ).
**“Nicolas Flamel”** .
His exposition of the Hieroglyphical Figures ( 1624 ). Garland Publishing.

❖

# اڏند غاليچو ۽ پليسيبو

(Flying carpet and Placeo)

الف ليلا ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو. شهزادو حسن جيڪو اندومان جي سلطان جو وڏو پٽ آهي، اهو وجيا نگر جو سفر ڪري ٿو ۽ اتان اڏند غاليچو خريد ڪري ٿو.[1]

وجيا نگر جنهن کي فتح ڳڙ بہ چئي سگهجي ٿو. اهو ڏکڻ هندستان ۾ هيو جنهن جا کنڊر اڄ بہ موجود آهن. الف ليلان ۾ ائين لکيل آهي تہ "اڏند غاليچو خريد ڪرڻ کانپوءِ شهزادو سوچڻ لڳو تہ اهو ڪيس اک ڇنڀ ۾ پنهنجي منزل تي پهچائيندو ۽ سالن جا فاصلا گهڙين ۾ طي ٿي ويندا. اهڙا فاصلا جن کي طئي ڪرڻ ڏکيو هيو.[2]

حضرت سليمان جو اڏند غاليچو مشهور آهي.[3] جيڪو ريشم جو ٺهيل هيو ۽ پاسن کان سون جون جهليون لڳل هيون. اهو سٺ ميل ڊگهو ۽ سٺ ميل ويڪرو هيو. جڏهن حضرت سليمان ان تي ويهندو هيو تہ اهو هوا ۾ ايڏو تيز اڏامندو هيو جو هو دمشق ۾ ناشتو ڪندو هيو ۽ رات جي ماني ميڊيا ۾ ڪائيندو هيو.[4]

ميڊيا ايران جي اتر اولهہ ۾ قديم شهر هيو جتي جا رهواسي ميڊي سڏبا هيا، اهي زرتشت جا پوئلڳ هيا.

هوا حضرت سليمان جي اشاري جي منتظر هوندي هئي. هو هوا کي جيڏانهن اشارو ڪندو هيو. اڏند غاليچو اوڏانهن اڏامڻ لڳندو هيو. هڪ دفعي اڏند غاليچي کي هوا جو جهٽڪو آيو ۽ چاليهہ هزار ماڻهو ڪري فوت ٿي ويا.[5] اڏند غاليچي تي پکين جو ولر ڇانوَ ڪندو هيو.

شيخ محمد ابن يحيٰ الجواهر لکي ٿو تہ شيخ عبدالقادر جيلاني دجلا نديءَ (Tigris) جي پاڻيءَ تي پنڌ ڪندو هيو. هڪ دفعي پاڻيءَ مٿان سجدي ۾ هيو تہ اوچتو ڇانوَ ٿي وئي. مٿان هڪ اڏند غاليچو لنگهيو. جيڪو حضرت سليمان جو هيو. (بصات سليماني)[6] دجلا ندي عراق، شام ۽ ترڪيءَ مان لنگهي ايراني نار ۾ چوڙ ڪري ٿي.

روس جي لوڪ ڪهاڻين ۾ اهڙي اڏند غاليچي جو ذڪر ملي ٿو. جيئن چريو ايوان (Evan the fool). جنهن ۾ "بابا ياگا" هن کي ڪجهہ جادوئي سوکڙيون ڏئي ٿو. جن ۾ اڏند غاليچو، روشنيءَ جو گولو جيڪو کيس رستو ڏيکاري ٿو ۽ ڪپڙي ٽڪر جيڪو وقت پوڻ تي درياهہ مٿان پل ٿي پوي ٿو.[7]

مارڪ ٽوِن جي ڪتاب "ڪيپٽن اسٽار فيلڊ جو جنت جو دورو" ۾ پڻ اهڙي اڏند غاليچي جو ذڪر آهي.

ڪتاب "الف ليلة وليلة" هڪ هزار هڪ راتيون، اسلام جي عروج وارن ڏينهن ۾ ترتيب ڏنو ويو. اهو عربي زبان ۾ هيو جيڪو پوءِ انگريزيءَ ۾ عرب جون راتيون (Arabian nights) جي نالي سان ترجمو ڪري 1706ع) ۾ شايع ٿيو.[8]

ان ۾ گهڻو ڪري بنو عباس جي خلافت واري دور جون ڪهاڻيون آهن. جڏهن هارون رشيد جي حڪومت هئي. گهڻن جو خيال آهي ته اهو هڪ قديم ڪتاب آهي جيڪو اسلام کان اڳ جو آهي ۽ فارس (ايران) ۾ لکيو ويو. فارس ۾ تڏهن اهو ڪتاب "هزار افسان" جي نالي سان موجود هيو.[9]

ان ۾ ڪهاڻين جا مک ڪردار شهريار ۽ شهرزاد آهن. شهريار ساساني بادشاهه هيو. ساساني عهد جو مدو 224ع کان 651ع تائين آهي. ساساني شهنشاهيت جنهن کي ايران شاهر (Eranshahar) به چيو ويجي ٿو.[10] ان جو پايو اردشير وڌو. اهي پارسي هيا ۽ باهه جي پوڄا ڪندا هيا. ان مملڪت ۾ ايران، عراق، حجاز، شام، مصر، وچ ايشيا، ترڪي، يمن ۽ سنڌ شامل هيا.[11]

شهريار جو پاءُ زال جي دَغا بازيءَ جو شڪار ٿيو. شهريار جو عورت ذات تان ايمان ڪچي ويو. هن پنهنجي زال کي قتل ڪرائي ڇڏيو. هن عورتن کان ان جو انتقام ائين ورتو جو هر رات هڪ ڪنواريءَ سان شادي ڪندو هيو ۽ صبح سان مارائي ڇڏيندو هيو. سندس مقصد هيو ته نڪاح ۾ آيل ڪنهن به عورت کي جيئڻ بيوفائيءَ جو موقعو نه ملي. مملڪت جو وڏو وزير جنهن جي فرضن ۾ اهو ڪم شامل هيو ته ڪيس روز رات جو هڪ ڪنواريءَ جو بندوبست ڪري ڏي. وڏيڪ عورتن جي نه ملڻ تي پريشان ٿي ويو. ان کي خبر هئي ته جيڪڏهن وقت تي شهريار کي عورت نه ملي ته ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيندو. وزير پريشان وينو هيو ته سندس ڌيءَ شهرزاد پريشاني سمجهي ويجهو آئي ۽ عرض ڪيائين ته "هو پريشان نه ٿئي. اڄ رات شهريار وٽ هوءَ پاڻ پيش ٿيندي" هڪ وڏي بحث ڪانپوءِ سندس پيءُ اجازت ڏني. جڏهن ان جي شادي ٿي ته شاديءَ رات ان شهريار کي قصو ٻڌايو. شهريار سڄي رات اهو قصو غور سان ٻڌو. شهرزاد کي قصي ٻڌائڻ جو ڏانءُ هيو. هن سڄ ايرڻ تائين قصو ٻڌائي اهڙي هنڌ انت ڪيو جو قصي جو تجسس رهجي ويو. شهريار ڪيس چيو ته قصو جلد ختم ڪر جيئن ڪيس مارائي سگهي پر شهرزاد انجام ڪيو ته قصو هوءَ ايندڙ رات اڳتي وڌائيندي. ائين شهريار کي ٻئي رات جو انتظار ڪرڻو پيو. ٻئي رات به ائين نئي شروع ڪيل قصي جو انت صبح تائين نه ٿي سگهيو ۽ وري تجسس رهجي ويو. آخر اهڙيءَ ريت هزار راتيون گذري ويون ۽ قصا ختم نه ٿيا.[12]

انهن قصن ۾ جنن، ديون، پرين، ڪوهه ڪاف، اڏند عاليچي، پيار، الميي ۽ مزاح جا قصا شامل آهن.[13]

الف ليلا ۾ ادبي زبان استعمال ٿيل آهي. ان ۾ ڊرامائي انداز به آهي ته تجسس به ۽ ڪئي جذباتي قصا آهن. انهن داستانن ۾ آبحيات ۽ اڏند غاليچن جو ذڪر آهي. دوزخ، جنت، ستارن ۽ سيارن جي دنيا جون ڳالهيون آهن. جن ڀوت، جل پريون ۽ ڳالهائيندڙ وڻن جو ذڪر آهي.[14]

اهڙن قصن کي عباسي خليفن سان جوڙيو ويو پر ڏٺو وڃي ته ان ڪتاب جا اصل قصا ساساني دور جا آهن. جن ۾ وقت به وقت واڌارو ڪيو ويو. الف ليلا جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ هڪ قصي مان ٻيو قصو نڪري ٿو. انهن ڪهاڻين جي آخر ۾ شهريار شهرزاد کي قتل نه ٿو ڪري پر ڪيس راڻيءَ جو درجو ڏئي ٿو.(15)

❖

References:


1. Brewers dictionary of phrase and fable , p.305.1894.
2. Burton , Richards
   **“ The thousand nights and a night ”**.
   volume 13 , 1885.
3. Retold for children by sulamith Ish . Kishor .
   **“The carpet of Solomon”** :
   A Hebrew legend 1966.
4. The Jewish Encyclopedia , s.v . solomon .
   **“ Solomon’s carpet “.**
5. The Jewish encyclopedia . ibid.
6. Qala’id-al-Jawahir . Book – 6.
7. Siniavski Andrai et al .
   **“ Ivan the fool ”**
   Russian folk belief . Glas series. Glas new Russian writing . p.415.
8. See illustration of little page of Grub-st Edition in yamanaka and Nisho p.225.
9. Marzolpha ( 2007 ).
   **“ Arabian Nights ”.**
   Encyclopedia of Islam . I , Leiden , Brill.
10. CTESIPHON
    **“Encyclopedia Iranica ”**
    Iranicaonline . org . retrieved , 2013.
11. Will Durant .
    **“Age of faith”**
    ( simon an Schuster 1950 ). 150 ; Repaying its debt , sasanian art exported it forms and motives eastward into India , Turkestan , and china. Westward into Syria , Asia minor , constantinopole , Balkans , Egypt and spain.
12. David Pinault .
    **“ Story telling techniques in the Arabian nights”.**
    ( Brill publishers 1992 ).
13. Dwight Reynold ,
    **“ A thousand and on nights : a history of the text and its reception ”**.

Cambridge history of Arabic literature Vo1 6 . ( cup 2006).
14. Eva sallis .
**“ Scheherzade through the looking glasses”** :
The meta morphosis of the thousand and one nights ( 1999 ).
15. Yamanaka . Yuriko and Nishio , Tetsuo ( ed ) .
**“ The Arabian nights and Orientalism – Perspective from east and west ”.**
( I.B. Tauris 2006 ).

❖

# مذهب ۽ پليسيبو

(Religion and Placebo)

مذهب، ايمان ۽ عقيدو آهي جيڪو خدا سان ناتو جوڙي اهڙو معاشرو قائم ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو جيڪو برائين کان پاڪ هجي ۽ جنهن وسيلي عبادت ۽ اخلاق سان خدا ۽ بندن کي راضي رکي سگهجي.[1]

دنيا ۾ هڪ هزار جي لڳ ڀڳ مذهب آهن.[2] دنيا جي آباديءَ جو اٽڪل چورياسي سيڪڙو ماڻهو پنجن مذهبن سان لاڳاپيل آهن. عيسائيت، اسلام، هندومت، ٻڌمت ۽ لوڪ مذهب[3] دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو ڪنهن به مذهب سان لاڳاپيل نه آهن. جن کي دهريو (Atheist) يا لا ادراڪي (Agnostic) چئجي ٿو. سائنس جي اثر ڪانپوءِ اهڙن ماڻهن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي.[4]

خدا (Monotheism) يا خدائن (Polytheism) تائين رسد حاصل ڪرڻ جي جستجوءَ ۾ مذهب ماڻهن جو سهارو رهيو آهي. ڪائنات جي تخليق ۽ شعور جاڳڻ سان ساهوارو حيرت ۽ اسرار ۾ ڦاٿل رهندو آيو آهي. ان جو عقيدو/وحدانيت يا ڪثرانيت رهيو آهي. حضرت ابراهيم کان اڳ ڪثرانيت جو عقيدو دنيا تي غالب رهيو آهي. جڏهن ته ان ڪانپوءِ وحدانيت جو پيغام پهتو آهي. دنيا ۾ ميسوپوٽيميا جو خطو مذهبن جو مرڪز رهيو آهي. اهو خطو ٻن درياهن جي وچ ۾ آهي. جيڪي فرات (Euphrate) ۽ دجلا (Tigris) آهن. اهي ٻئي درياهه ترڪي ۽ آرمينيا جي جبلن مان نڪري اڳتي هلي پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ هڪ ڌارا جي صورت ۾ ايراني نار ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. جنهن کي "شط العرب" چئجي ٿو. انهن ٻنهي درياهن جي وچ ۾ مذهب ۽ تهذيبن جنم ورتو. ميسوپوٽيسيا ۾ هن وقت عراق، ڪويت، شام، اتر ايران ۽ ترڪيءَ جو اتر اوڀر وارو حصو شامل آهن. بابل ۽ نينوا جي تهذيبن اتي جنم ورتو. عيسا کان اٽڪل ساڍا ٽي هزار سال اڳ نمرود خدائيءَ جو اعلان ڪيو. نمرود، حام بن نوح جي پوٽي ڪوش جو پٽ هيو. هن دجلا درياهه ڪناري نينوا نالي شهر جو بنياد وڌو ۽ پنهنجي سلطنت قائم ڪئي. بائيبل ۾ نمرود کي شنار جو بادشاهه چيو ويو آهي. شنار کي آشوريا به چيو وڃي ٿو. جيڪو پوءِ بدلجي سريا ٿي پيو.[5]

نينوا شهر ۾ نمرود هڪ مينار ٺهرايو ۽ ان مينار جي اوچائيءَ تي بيهي پنهنجي خدائيءَ جو اعلان ڪيو. نمرود تاريخ جي صفحن تي پهريون شخص آهي جنهن خدا جي وجود جو انڪار ڪري پاڻ خدا سڏايو. هن عقيدن ۽ احڪامن کي پامال ڪري پاڻ کي طاقتور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.[6]

نمرود جڏهن نينوا جو بادشاهه هيو ته حضرت ابراهيم جو ظهور ٿيو. حضرت ابراهيم خدا جي وحدت جو پيغام ڏنو جڏهن ته نمرود پاڻ خدائيءَ جو دعويدار هيو. نمرود ابراهيم کي باهه ۾ ساڙڻ جي

ڪوشش ڪئي پر باهہ گل بنجي وئي.[7] ان واقعي ڪانپوءِ ابراهيم نينوا جو شهر ڇڏي يردن نديءَ جي ڪناري آيو. يردن ندي شام جي اولهہ سرحد وٽ بحر روم جي ڀيٽڻ پرسان آهي. يردن نديءَ جي ڪناري ڪنعان جي قوم آباد هئي. ڪنعاني حام بن نوح جي نسل مان هيا. ابراهيم سان گڏ سندس ڀائٽو لوط بہ اتي آيو. لوط کي حڪم ٿيو تہ هو سدوم (Sodom) شهر وڃي ماڻهن کي برائيءَ کان روڪي. سدوم جو شهر هم جنس پرستيءَ ڪري مشهور هيو. انگريزي لفظ سوڊومي (Sodomy) ان مان نڪتل آهي. ان شهر تي خدائي قهر نازل ٿيو ۽ اهو ٻڏي ويو. ان جاءِ کي بحرمردار (Dead sea) چون ٿا. بحرمردار، فلسطين ۽ اردن جي سرحدن وٽ موجود آهي.

ابراهيم کي ارشاد ٿيو تہ هو واديءِ ذي زرع (حجاز) وڃي ۽ نيڪيءَ جي تاڪيد ڪري. حجاز جنهن کي هاڻي سعودي عرب چئجي ٿو ان کي واديءِ ذي زرع انڪري چيو ويو جو اهو رڻ پٽ هيو ۽ ڪا بہ زراعت نہ ٿيندي هئي. اتي بي بي حاجرا مان کين اسماعيل عطا ٿيو. قربانيءَ جو واقعو پيش آيو ۽ ابراهيم، اسماعيل سان ملي ڪعبي جي اڏاوت ڪئي. ابراهيم ڪنعان موٽيو جتي بيبي سارا ۽ سندس وڏو پٽ اسحاق رهندا هيا.[8]

عيص ۽ يعقوب، اسحاق جا فرزند هيا. عيص ڪنعان جي اتر وارن جبلن کي پنهنجو گهر ٺاهيو. ان جي قوم ادوميءَ جي نالي سان سڏجي ٿي. ادومي جبلن ۾ غارون کوٽي رهندا هيا. جيئن اسان وٽ بلوچستان ۾ اهڙيون غارون آهن ائين ادومين جون غارون ڪنعان جي اتر ۾ اڃان محفوظ آهن.

حضرت يعقوب کي اسرائيل جو لقب مليل هيو. کيس ٻارنهن پٽ هيا، جن مان يوسف سڀ کان ننڍو هيو. ڀائرن حسد مان يوسف کي مصر ڏانهن ويندڙ هڪ قافلي کي وڪيو. يوسف مصر ۾ ڏکيا ڏينهن گذاريا ۽ نيٺ فرعون جي دربار ۾ خاص وزير ٿيو. هن پيغام موڪلي پنهنجي ڀائرن ۽ پيءُ کي مصر اچڻ لاءِ چيو. جڏهن اهي آيا تہ ڀائرن يوسف کان معافي ورتي ۽ پوءِ اتي ئي رهي پيا.[9]

تورات جا ٻہ جلد نينوا بابت لکيل آهن.[10] هيروڊوٽس موجب نينوا جو آخري بادشاهہ سراقس هيو. اهو عياش ۽ ميڪش هيو. اهو ايڏو تہ عياش هيو جو هر قسم جي عياشيءَ جو سامان ان لاءِ بي معنا هيو. کيس ڪو نئين عياشيءَ جو رستو ڪڍي ڏيندو هيو تہ ان کي انعامن ۽ اڪرامن سان نوازيندو هيو. هن جو سلطنت جي امور سان ڪو تعلق نہ هيو. سڄو ڏينهن حرم ۾ پيو هوندو هيو. هن مٿان عورتن جو ايڏو اثر ٿيو جو عورتن جهڙيون حرڪتون ڪندو هيو. ان حد تائين جو عورتن جهڙا ڪپڙا پائيندو هيو. سٽ ڪتيندو هيو. ڪپڙا سبندو هيو ۽ پرت پرپيندو هيو. هو بت پرست هيو.

بابل وارن نينوا تي حملو ڪيو ان کان اڳ جو اهي قابض ٿين، سراقس نينوا کي باهہ ڏئي ساڙائي ڇڏيو جنهن ۾ هو حرم سميت دفن ٿي ويو. اهڙا کنڊر هاڻي بہ دجلا ڪناري موجود آهن.

اڍائي هزار سال قبل مسيح نينوا جي تباهيءَ ڪانپوءِ بابل جي شهر عروج ورتو. اهو فرات ڪناري آباد هيو. ان چوڌاري ڏنل پٽ ايڏي تہ ٿلهي هئي جو پٽ مٿان هڪ مهل تي رٿ گڏ هلي سگهندا هيا. شهر ۾ هڪ وسيع مندر هيو جنهن ۾ "بعل" نالي بت هيو. هڪ عاليشان محل هيو. هٽرادو جبل

هيا، باغ باغيچا، ترڻ جا تلاءَ ۽ هر قسم جي عياشيءَ جو سامان هيو. تورات ۾ ان کي شهرن جو سرتاج چيو ويو آهي. اتي دولت جا انبار ۽ طاقت جو نشو هيو.[11]

عيسا کان چار هزار سال اڳ جڏهن مهاٻوڏ آئي هئي ۽ نوح ٻيڙو تيار ڪيو ته پاڻي لهڻ کانپوءِ اهو ٻيڙو جودي جبل جنهن کي انگريزيءَ ۾ "ارارات" چيو وڃي ٿو اتي اچي ٽڪيو. جودي جبل هڪ ٻرندڙ جبل آهي، جيڪو هاڻي به موجود آهي. اهو جبل آرمينيا، روس ۽ ترڪي جي سرحدن جي ميلاپ وٽ آهي.

آدم جو نسل جيڪو نوح جو اولاد آهي اهو دجلا ۽ فرات جي ڪناري آباد ٿيو. انهن مان ئي مختلف قبيلا ٺهيا ۽ تهذيبن جنم ورتو. جيڪي فرات ڪناري آباد هيا انهن کي بني سام چيو وڃي ٿو اهي توحيد پرست هيا ۽ حضرت نوح جي پيغام تي عمل پيرا رهيا، ڪين هيبرو يا عبرانيءَ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.[12]

مصر، تاريخ ۾ حام بن نوح جي پٽ مصرائيم جي نالي پويان آهي. مصر جو ملڪ نيل نديءَ ڪناري ڦهليل آهي، مصر، علم، فن ۽ عمارتسازيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ رهي آهي. مصر جا اهرام جيڪي فرعونن جا مقبرا آهن اهي ڪاريگريءَ جو ڪمال آهن. فرعون جيڪي بت پرست هيا ۽ انهن جو عقيدو هيو ته ماڻهو مري جيئرو ٿئي ٿو. مرڻ کانپوءِ روح جسم ۾ موٽي زندگي ڏئي ٿو. اهڙي مذهبي عقيدي موجب اهي مرڻ کانپوءِ جسم محفوظ ڪندا هيا. جسم کي اهڙا مصالحا هڻندا هيا جو اهي ڳرڻ کان محفوظ رهندا هيا. مصالحن هڻڻ کانپوءِ ململ جون پٽيون ويڙهيندا هيا جيئن جسم کي سٺي طريقي محفوظ ڪري سگهجي. اهرام ۾ دفنائڻ کان اڳ اتي ضرورت جي استعمال جون شيون، مال خزانا ۽ ڪڏهن جيئرن ڪنيزن کي پڻ دفنايو ويندو هيو جيئن جيئري ٿيڻ کانپوءِ فرعون کي تڪليف نه ٿئي.

ابو لهول جو مجسمو جنهن جو ڌڙ شينهن جو ۽ منڍي ماڻهوءَ جي آهي. مصر جا ماڻهو ان جي عبادت ڪندا هيا ۽ اتي ٻليون چاڙهيندا هيا. انهن وٽ جيڪي نيڪي ۽ بديءَ جا ديوتا هيا. ڪارا ڏاند جن جي جسم تي خاص نشان هوندا هيا، اسائرس ديوتا ڏانهن منسوب ڪري انهن جي پرستش ڪندا هيا، اسائرس نيڪيءَ جو ديوتا هيو. جڏهن ته ڪارو ٽائيفون بديءَ جو ديوتا هيو. ڪتن، ٻلين، واڳن ۽ پکين کي پوڄيو ويندو هيو.[13]

جڏهن اتي حضرت يعقوب جي ٻارهن پٽن جي اولاد وڌي ته وحدانيت جي پيغام فرعونن کي پريشان ڪري ڇڏيو. انهن تي ظلم ۽ ستم ٿيا. نيٺ عيسا کان اٽڪل به هزار سال اڳ موسيٰ نبي جيڪو ساڳي قوم مان هيو بني اسرائيل کي ساڻ ڪري مصر مان نڪتو.

قلزم رڻ ۾ جتي سينا جا جبل آهن. اتي ڪوهه طور تي موسيٰ مٿان ڏهه احڪام نازل ٿيا. انهن ۾ بني اسرائيل لاءِ وحدت جو پيغام ۽ بت پرستيءَ کان منع ٿيل آهي.[14] بني اسرائيل خدا جي اهڙي حڪم کي ٺڪرائي ڇڏيو. مصر مان نڪرڻ کانپوءِ سزا طور اهي پنهنجي منزل تي پهچي نه سگهيا.

چاليهه سال "تيا" جي رڻ پٽ ۾ رلندا رهيا. پوءِ توبا تائب ٿيا ۽ "من وصلوا" نازل ٿيو. ان عرصي دوران حضرت موسيٰ گذاري ويو. ان جي پوئلڳ يوشع بن نون قوم جي رهنمائي ڪئي ۽ اهي ڪنعان جي سر زمين تي پهتا. انهن ڪنعانين جي ڪيترن ئي قبيلن کي بي دخل ڪري جلاوطن ڪيو. ڪنعان جي زمين وسيع ۽ بني اسرائيل جي آدمشماري ڪان وڌيڪ هئي. انهن ڪجهه ڪنعاني قومن کي آزادي ڏني ته پل اتي رهن. جن کي آزادي ڏني وئي انهن ۾ هڪڙا فلسطيني هيا جيڪي ڪنعان جي اتر ۾ رهندا هيا ۽ ٻيا زدوني هيا جيڪي سمنڊ ڪناري لبنان ۾ آباد هيا.

زدوني رومي سمنڊ (Mediteranian) جي ڪناري هاڻوڪن شام، لبنان ۽ اردن جي ملڪن جا رهندڙ هيا. زدوني عظيم الشان قوم هيا ۽ پئسي وارا هيا. اهي واپار ڪندا هيا. زدون ۽ طائر وڏا بندرگاهه هيا. تاريخ ۾ ان قوم کي فينيشين (Phoenician) سڏيو ويو آهي.[15] ڏند ڪٿائي فينڪس (Phoenx) پکيءَ کي ان قوم جي حوالي سان نانءُ ڏنل آهي. اهو اهڙو امر پکي آهي جيڪو مري نه ٿو. باهه جو نهيل آهي ۽ رک تي وري باهه ٿئي ٿو.

زدوني جن شين جي تجارت ڪندا هيا انهن ۾ زيتون جو تيل، سپين مان نهيل رنگ، ساڳ جي ڪاٺي، جن عيوض هو ٻين ملڪن کان اناج ۽ ململ وٺندا هيا. انهن وڏا ٻيڙا ايجاد ڪيا جيڪي آفريڪا مان عاج ۽ ايشيا مان سون ۽ ململ کڻي ايندا هيا. زدوني بت پرست هيا. انهن جي سڀ کان وڏي بت جو نالو "بعل" هيو. اهي آسماني ستارن جي شبيهن ۾ ديوتا جو چهرو ڏسندا هيا. "منجلا" ديويءَ کي زحل ستاري پويان ناهيو ويو هيو. منجلا جي هٿن ۾ ٽئو هوندو هيو. هيٺان باهه ٻرندي هئي. مائرون پنهنجا کير پياڪ ٻار ان ٽئي تي رکي ٻَلي چاڙهينديون هيون. ٻار سڙي خاڪ تي ويندا هيا. "اشورٿ" ديويءَ کي چنڊ جي ديوي چوندا هيا. ٻيو ديوتا جنهن کي "تموز" چيو ويندو هيو اشورٿ جو عاشق هيو. زدوني عورتون انهن اڳيان اگهاڙيون ٿي نچنديون هيون ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان رکنديون هيون. سرءُ جي موسم ۾ تموز ديوتا جو موت ٿيندو هيو ۽ عورتون وار ڪٽائي روح راڙو ڪنديون هيون. بهار جي مند ۾ تموز وري جيئرو ٿي پوندو هيو ۽ عورتون نچنديون ڳائينديون هيون.[16]

بني اسرائيل تي زدوني قوم جو اثر ٿيڻ لڳو. انهن جي وحدانيت تي برا اثر پوڻ لڳا. بني اسرائيل تي بت پرستيءَ جو اثر ان وقت به ٿيو هيو جڏهن موسيٰ جي اڳواٽيءَ ۾ مصر کان ايندي هڪ سامريءَ جي چوڻ تي انهن "سون جو گابو" ناهيو هيو ۽ ان جي عبادت ڪئي هئي. ڪنعان ۾ اچڻ کانپوءِ زدوني تهذيب جا انهن تي اثر پوڻ شروع ٿيا. بني اسرائيل جا ڪيترا قبيلا بت پرست ٿي ويا. اٽڪل پوڻا ٽي هزار سال قبل مسيح حضرت سليمان تحت نشين ٿيو. ان مسجد اقصيٰ ناهي. راهه تان ڀٽڪيل بني اسرائيل کي وري واٽ تي آندو. انهن مٿان بت پرستيءَ جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ زدون ۽ طائر تي قبضو ڪيو. پورو فينيشيا حضرت سليمان جي حڪومت ۾ شامل ٿي ويو. انهن جي حڪومت جون سرحدون ميسو پوٽيميا کان اڳتي مصر ۽ روم تان ڦهليل هيون. بي بي سبا سندن راڻي هئي. سليمان متعلق ڪيترائي قصا ۽ لوڪ ڪهاڻيون مشهور آهن. سليمان جي وفات کانپوءِ بني اسرائيل متحد نه

رهيو ۽ وري وکرجي ويو. ننڍين ننڍين رياستن ۾ تبديل ٿي ويو ۽ وحدانيت جو عقيدو ڪمزور ٿي ويو.[17] مصر جي فرعون سيسو سٽريس جنهن کي شيشاڪ بہ چيو وڃي ٿو بني اسرائيل تي حملو ڪري پنهنجي قبضي هيٺ آندو. شيشاڪ متعلق چيو وڃي ٿو تہ اهو وقت جو وڏو فاتح هيو. ان جي رٿ کي گهوڙن جي جاءِ تي اهي بادشاهہ ڇڪيندا هيا جن کي هن جنگ ۾ شڪست ڏني هئي. اهو انهن شڪست کاڌل بادشاهن کي زنجيرن سان رٿ ۾ جوڙيندو هيو ۽ چهبڪ هٿ ۾ ڪٽي گهوڙن جيان هڪليندو هيو.

مصر ۾ هڪ فرعون جي اهرام اندر اهڙا نقش مليا آهن جن ۾ ڪجهہ غلامن جون شڪليون بني اسرائيل جي ماڻهن سان ملندڙ آهن. ٿي سگهي ٿو اهو اهرام شيشاڪ فرعون جو هجي.[18]

يوشع بن نون جي ڏينهن ۾ جلا وطن ڪيل فنيشن قوم روم جي سسلي ٻيٽ سامهون ميڊيٽرينين جي ڪناري آفريڪا ۾ آباد ٿيا. جن اتي ”ڪارٿيج“ جو بنياد وڌو. جيڪو پوءِ عظيم الشان سلطنت ۾ تبديل ٿي ويو. ڪن جو چوڻ آهي تہ ديدو (Dido) جنهن کي ايلسا پڻ چيو ويو آهي. اها پنهنجي ڀاءُ جي ظلمن کان تنگ ٿي زدون مان اتي آئي ۽ هڪ ڍڳيءَ جي چمڙي جي ٽڪرن برابر هڪ قبيلي کان زمين خريد ڪري ڪارٿيج جو بنياد وڌو. رومي شاعر ورجل, ايلسا ۽ اينياس جو قصو بيان ڪيو آهي جيڪو اينيڊ (Aneid) ۾ ڏنل آهي.[19]

اهي سڀ ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ ڪارٿيج جو بنياد رکندڙ جلاوطن فينيشين زدوني هيا. ڪارٿيج وارا بہ بت پرست ۽ واپاري هيا. ڪارٿيج ان جاءِ تي هيو جتي هاڻي تيونس جو ملڪ آهي. هني بال جو تعلق ان قوم سان هيو جنهن روم کي ٿوتا ڇپايا ۽ ملڪ جو بچاءُ ڪندي جان ڏني.[20]

انسان فطري بت پرست آهي, پوءِ اهي ڪعبي جا بت هجن, ڪنعان جا هجن يا ڪارٿج جا! وحدانيت جي دعويدارن وس ڪيا آهن پر توهم انسان جي اندر ۾ سمايل آهي. توحيد جي هندومت کان گوتم ۽ زرتشت جي تعليمات تائين, انسان کو خدائي حڪم نہ هوندي ڌرتيءَ تي هر تسليم ٿيل طاقتور شيءِ جا بت ٺاهي ان جي پرستش ڪئي آهي. عيسيٰ وحدانيت جو پيغمبر آهي پر سندس بت جي عبادت ڪئي وڃي ٿي. يهودين مسجد اقصيٰ جي بنيادن ۾ هيڪل سليمانيءَ جي پٿ ڳولهي لڌي آهي. انهن کي ڄڻ وڏو خزانو هٿ لڳو آهي. مٿي تي ننڍيون ٽوپيون پائي سڄو ڏينهن پٿ سامهون بيٺا آهن. سنڌ ۾ شاعرن جي گهٽائيءَ ڪري ڪنهن کي ٻڌڻ وارو نہ ملندو آهي تہ اهو پٿ آڏو شعر پڙهي دل خوش ڪندو آهي. يهودي بہ سمجهن ٿا تہ ٻڌڻ وارو نہ آهي ان ڪري هر عبادت پٿ آڏو ڪن ٿا. رومي مذهب ۾ ايڏا ديوتا هيا جيڏي روم جي آدمشماري بہ نہ هئي. آسمان ۾ ڦهليل ستارن جي ترتيب ۾ نظر ايندڙ خيالي عڪس انهن جا ديوتا هيا. روز هڪ نئون وهم (Illusion) هڪ نئين ديوتا کي جنم ڏيندو هيو. هندومت جيان انهن جا مذهبي ڪردار بہ ڏند ڪٿائي هيا. پارسي باهہ جي عبادت ڪن ٿا ۽ ملسمان وحدت جا دعويدار هوندي ٻاهتر فرقن ۾ ورهايل آهن. شيعا, سني, تفرقو لڪين انسانن جي جان وٺي چڪو آهي.

مذهبي بنيادن تي قائم ٿيل حڪومتون خدا جي پيغام کي بچائڻ لاءِ پاڻ بچائي رهيون آهن. توهم پرستي مسلمانن ۾ رهندي آئي آهي. پير پرستيءَ ڳوناٽن کي پينگو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن خدا شهرڳ جي ويجهو آهي تہ پوءِ مرشد ۽ معرفت جي ڪهڙي ضرورت؟ ڪڏهن نوڳي عالم بدڪارين کي نيڪيءَ جو روپ ڏئي خدا ڏانهن منسوب ڪن ٿا. مذهب واپار ٿي پيو آهي. مذهب جيڪو امن ۽ امان جو پيغام ڪٺي آيو هيو ان پويان اڄ ڏينهن تائين لکين انسان قتل ٿي چڪا آهن. مذهب جي فلسفي موجب دنيا ۾ جيڪي مال ۽ دولت ڪنو ڪن ٿا انهن جو خدا ۾ ايمان نہ آهي. مذهب جا مجيندڙ مفلس، غريب ۽ بي پهچ ماڻهو آهن. جن جو سهارو خدا کان وڌيڪ ٻيو نہ آهي. غريب سان بي واجبي ٿئي ٿي تہ اهو خدا جو در کڙڪائي ٿو. خدا ۽ قانون ۾ غريب ۽ امير جو تفاوت آهي. دنيا جي آدمشماريءَ ۾ غريبن جو تعداد تمام گهڻو آهي، ائين خدا ۾ دنيا جي گهڻائي يقين رکي ٿي. جيڪڏهن غريب کان خدا کسيو وڃي تہ هن کان ٻئي جهان کسجي ويندا. غريب جو ايمان آهي تہ هِن دنيا ۾ نہ، هُن دنيا ۾ ڪيس انصاف ملندو. خدا ۾ يقين هن جو پليسيبو آهي. مذهب ڪيس يقين ڏياري ٿو تہ پوڳنائن جا در آسائشن تي کلن ٿا.

وجودي فلسفي تحت مذهب جي حيثيت ڪهڙي بہ هجي پر هر انسان عقيدي ۾ ذاتي طور آزاد آهي. هڪ غريب جنهن وٽ تعليم نہ آهي. ان جي شعور جي وسعت ان حد تائين محدود آهي جيڪا مذهب جي ٻڌايل اصولن تي ڪتي ٿي. ان کي آزادي حاصل آهي تہ ڏکن سان ڀريل زندگيءَ کي سهل بنائڻ لاءِ خدا کي پنهنجي حياتيءَ جو حصو بنائي، دنيا اهڙي جاءِ آهي جتي نفرتن جو مينهن مسلسل وسندو رهي ٿو. اسين پناهگاهون ڳولهيون ٿا. ڪو خدا جي پاڇي ۾ پناهہ وٺي ٿو ڪو ڪتابن ۾ ۽ ڪو عشق ۾.

مُتوا مذهب جو دوڪاندار آهي، امير مذهب خريد ڪري ٿو ۽ غريب عمل ڪري ٿو. ڪڏهن ڪليسيا جا پادري پاڪستان جي بحريا ٽائون وانگر قسطن تي جنت جا پلاٽ وڪڻندا هيا. اهي سندون ڏيندا هيا تہ جنت جي فلاڻي بلاڪ ۾ فلاڻو نمبر پلاٽ تنهنجي نالي، هڪ قيامت کان ٻي قيامت تائين ليز آهي. هاڻي بہ پاڪستان ۾ پير پئسا وٺي جنت جو پروانو ڏين ٿا. ڪيئن بہ هجي مذهب عقيدو هجي يا واپار. جنت جو رستو هجي يا دنياداريءَ جو. ملان جو فلسفو هجي يا صوفيءَ جو راڳ. هر ڪنهن لاءِ اطمينان جو سبب آهي تہ هو ان معرفت جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو آهي اهو رب کي راضي ڪري رهيو آهي. مذهب جي حقيقت ڇا بہ هجي؟ اهو ڄاڻڻ کانسواءِ مذهب پليسيبو آهي، آسرو آهي، اميد آهي.

❖

References:

1. Al – Hallaj , Mansur ( 1913 ).
   **“Kitab al Tawasin”**
   ( ed. Louis massignon ) . Paris.
2. James , Paul and Mandaville , Peter ( 2010 ).
   **“Globalization and culture. Vol 2 . Globalizing religions”**
   London : sage publications.
3. Religiously unaffiliated.
   **“The global religious Landscape”**.
   Pew research centre. Religion and public life . 2012.
4. **“The global religious Landscape”**.
   Retrieved 18 Dec: 2012.
5. Kugel James ( 1998 ).
   **“Traditions of the Bible”.**
   p.230.
6. **“The kitab.i.Iqan”**
   Bahai , reference Library.p.41-80. Retrieved 2014.
7. Effendi, shoghi.
   **“The Dawn-breakers”.**
   Bahai – Library.com.Bahai publishing Trust.p.94. Retrieved 2016.
8. **“Abrahams farewell to Ishmael”.**
   George segal. Miami Art Museum. Accessed 10 Sept: 2014.
9. Boguslawski. Alexandar.
   **“The holy trinity”.**
   Rolins.edu.Retrieved 2014.
10. Shaye J.D. Cohen (1999).
    **“The beginning of Jewishness: Boundries , varieties , uncertainties”**.
    Berkelely : university of california press ; p.7.
11. Waterfield , Robin ( trans. ) and Dewald , Carolyn ( ed ). ( 1998 ).
    **“The histories by Herodotus”.**
    University of oxford press.
12. Lewis , Jack Pearl.
    **“A study of the interpretation of Noah and the flood in Jewish and Christian literature”**. Brill . 1968.p.14.
13. Shaw , Garry J.
    **“The pharaoh , life at court and on campaign”.**
    Thames and Hudson. 2012,p.21-77.
14. St Augustine.
    **“The city of God”**.
    Book XVIII. Chapter 8. Who were kings when moses was born and what God began to be worshipped then.
15. Aubet , Maria Engenia ( 2001 ).
    **“The Phoenician and the west politics , colonies and trade”.**

Cambridge university press.
16. Zalloua , Pierre A. et al ( 2008 ).
**“Identifying Genetic. Traces of history expansions. Phoenician foot prints in the Mediterranian”.**
A.J of human Genetics 83 (5): 633-642.
17. Williamson H.G.M (1976).
**“The accession of Solomon in the books of chronicles”.**
Vetus Testamentum.26(3):351-361.
18. Sagrillo , Troy Leiland (2012).
**“Shishak’s army”:**
2 chronicles 12:2-3. from an Egyptological perspective.
19. C.F , Marlowes.
**“Dido , Queen of carthage (1590)”:**
Middle English still used the lattin form carthago.eg John Trevisa. Polychronicon (1387). 1.169: That woman Dido that founded carthago was comlynge.
20. Lancel ,
**“Carthage”**
( Paris 1992 , Oxford 1997 ) at p.152 – 172.

❖

# شهادت جو فلسفو ۽ پليسيبو

(Martyrdam and Placebo)

انگريزي لفظ Martyrdam ۽ شهادت ۾ فرق آهي. شهادت منفرد آهي. ان جو فلسفو انفرادي ۽ مرتبي جي فلسفي کان الڳ آهي.[1]

Martyr يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنا صبر (Stem) آهي. اهو لفظ ان لاءِ مخصوص آهي ته جيڪو جهيلي (Persecute) ٿو ۽ کيس ان ڏوهه ۾ ماريو وڃي ٿو ته هن عقيدي جي وڪالت ڪئي، وڪالت کان روڪڻ باوجود نه مڙيو ۽ مروج قانون موجب جنهن جو هو مخالف هيو کيس موت جي سزا ڏني وئي. دنيا ۾ اهڙي سزا سڀ کان وڏيڪ مذهبن ۽ پوءِ سياست ۾ ڏني وئي آهي.

Martyr جي اصل معنا گواهه (Witness) آهي، جيڪا بائبل ۾ لکيل آهي. عيسائيت جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڪيترن کي عقيدي جي گواهيءَ سبب جهيلڻو پيو. صبر ۽ پيڙا (Passion) کانپوءِ مصلوب ٿيڻو پيو.[2] عيسائي مذهب ۾ عيسيٰ پهريون شخص آهي جنهن کي سچ جي گواهيءَ سبب صليب تي چاڙهيو ويو.[3]

اسلام ۾ شهادت جو فلسفو شاهدي آهي، هڪ اهڙو شاهد جنهن حق ۽ انصاف جي شاهدي ڏني يا اهو جيڪو بي ڏوهي ماريو ويو. اهي جيئرا آهن ۽ مرڻ کانپوءِ به گواهه آهن. انهن ظلمن جا جيڪي ڌرتيءَ تي جاري آهن پل شهادت کانپوءِ اهي انهن خلاف عملي طور شريڪ ڇو نه هجن.[4] اسلامي فڪر ۾ مرد يا عورت جيڪو حق لاءِ وڙهندي ماريو ويو اهو شهيد آهي. جهاد ان کي چئبو آهي جيڪو جنگ جي ميدان يا ان کان ٻاهر حق ۽ سچ لاءِ وڙهيو وڃي. جنگ جي ميدان ۾ ڪيل جهاد عظيم آهي ۽ جنگ جي ميدان کان ٻاهر ڪثير.[5]

جهاد جدوجهد مان نڪتل آهي. اها جدوجهد جيڪا چڱائيءَ لاءِ ڪئي وڃي. اسلامي قانون موجب جهاد ويڙهه آهي جيڪا ڪفر خلاف ڪئي وڃي.[6] جڏهن ته اسلام جي اعتدال پسندن جو چوڻ آهي ته جهاد اهڙي ويڙهه آهي جيڪا پنهنجي بچاءَ ۾ ڪئي وڃي. صوفي خيال موجب جهاد پنهنجي نفس سان ويڙهه آهي.[7] قرآن ڪريم ۾ جهاد جو ذڪر هٿيارن يا هٿيارن کانسواءِ آهي.[8] چيو ويو آهي ته اهو خدا جي راهه ۾ هجڻ گهرجي. جهاد في سبيل الله. عالمن جهاد جي حدبندين بابت راءِ ڏني آهي ته ان متعلق ڪجهه قاعدا قانون هجڻ گهرجن.[9] انهن کي ڪو نقصان نه پهچايو وڃي جيڪي ويڙهه ۾ شريڪ نه آهن.[10] جديد دور ۾ جهاد پنهنجي معنا وڃائي ويٺو آهي ۽ سياسي راهه رويءَ تي هلي رهيو آهي. اڄڪلهه مسلمان، مسلمان سان وڙهي رهيو آهي ۽ جهاد ۾ حق ۽ سچ جي سڃاڻ نه رهي آهي.[11] جهاد متعلق ائين به چيو ويو آهي ته پنهنجن اعمالن سان جهاد، عظيم جهاد آهي جڏهن ته هٿيارن سان ڪثير جهاد آهي. ٻيا جهاد پڻ شامل آهن. جيئن قلم سان جهاد ۽ زبان سان

جهاد.[12] هڪ تجزيي موجب دنيا جي مسلمان ۾ جهاد متعلق الڳ رايا آهن. اهي رايا هڪ ٻئي کان مختلف آهن. هرڪو ان جو مفهوم پنهنجي سوچ مطابق ڪڍي ٿو. جهاد ۽ جهاد وچ ۾ تصادم آهي. مارڻيندڙ به "الله اڪبر" جو نعرو هڻي ٿو. مرندڙ به "الله اڪبر" چوي ٿو. هڪ ٻئي کي ڪافر قرار ڏنو وڃي ٿو.[13]

جيڪو شخص جهاد ڪري ٿو ان کي مجاهد چيو وڃي ٿو. انگريزي ٻولي ۾ جهاد کي مقدس جنگ (Holywar) چيو وڃي ٿو. ٿي سگهي ٿو ان لفظ جو ترجمو غلط آهي.[14]

آخر قرآن ڪريم جي موجودگيءَ ۾ اهڙا تضاد ڇو آهن. قرآن پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود آهن. ان ۾ بائيبل يا توريت جيئن وقت جي تقاضائن کي ڏسي ڪي ترميمون نه ڪيون ويون آهن. قرآن ڪريم جي سلامتيءَ جو ذمو خود خدا ڪنيو آهي. دراصل اسين خدا کان وڌيڪ پاڻ کي مڃيون ٿا. عقيدو پٿر تي ليڪ کان وڌيڪ اٽمٽ هوندو آهي. اسان جو عقيدو سمنڊ جي واريءَ تي ليڪ آهي. جيڪا هر لهر سان مٽجي وڃي ٿي ۽ اسين نئين لڪير پايون ٿا. جڏهن خدا موجود آهي ۽ اسين ڄاڻون ٿا ته فيصلي جي قوت ان وٽ آهي، ڇو جو قيامت ڏينهن اهو انصاف ڪندو. ڏوهيءَ کي سزا ڏيندو ۽ نيڪ کي جزا، خدا جي اهڙي فيصلي کي اسان پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي. جڏهن ڪو جهاد جي نالي ۾ پنهنجي ئي ڪنهن ڀاءُ کي ماري ٿو ته يقين ڪيو ته ان جو خدا ۾ ايمان نه آهي. اهو پاڻ خدائيءَ جو دعويدار آهي ۽ ان جو خيال آهي ته ڪيس فيصلي جي قوت آهي ۽ ڪنهن کي جهنم رسيد ڪري سگهي ٿو.

دنيا ڪڏهن به جنگ کان پاڪ نه رهي آهي. جڏهن هابيل ۽ قابيل جي ويڙهه ٿي ته ڌرتيءَ تي لهندي شرط آدم جي اولاد پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ شروع ڪيا. ويڙهه جي انتها ڪٿي نه آهي. ڏنو وڃي ته نه ڪو ڪفر جي وصف تي متفق آهي ۽ نه ڪو حق کي سڃاڻي ٿو. عقل جي هٿ ۾ بندوق آهي ۽ عقل انڌو آهي. اهو ڪٻي اک بند ڪري نشانو هڻي يا سڄي اک بند ڪري، ان سان ڪو فرق نه ٿو پوي.

هڪ مزاحيا خاڪو ٻڌائيندو هلان ته ڪنهن وقت ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هيو اتي هزاريءَ نالي هڪ بزرگ دلچسپ قصا ٻڌائيندو هيو ان هڪ قصو ٻڌايو "نورالدين ۽ شمس الدين جي پٽ تي ويڙهه" ڪنهن ٻڌايو ته پٽ جي ديڳ ٿي پچي. جيڪا نوران ٿي پچائي. پٽ پچندو ته نوران هٿن سان ڪارائيندي، نوران جا نقش ڪنهن حور کان گهٽ نه هيا. هر ڪنهن کي حسرت جاڳي ته ڇو نه منو پٽ نوران جي هٿن سان کائجي. بقول هزاريءَ جي ته مسجد جي ملان چيو ته نوران جو پٽ اهو کائيندو جيڪو اوٺتيهه جي اونداهه ۾ ان کي ڳولهي لهندو. سو شمس الدين ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري اوٺتيهه جي اونداهه ۾ ديڳ کي ويجهو ٿيڻ لاءِ گهر کان نڪتو. رستي ۾ ڪجهه ماڻهن ان کي روڪيو. اوندهه يا جهالت ايڏي هئي جو ماڻهن کي هڪ ٻئي جا منهن نظر نه پئي آيا. مزاڪرو ٿيو ته "نوران جو پٽ اهو کائيندو جنهن کي وات هوندو." ٻئي چيو ته "نه اهو کائيندو جنهن کي اکيون هونديون."

پهرين چيو ته "جيڪڏهن وات نه هوندو ته ڪيئن کائيندو؟"

ٻئي چيو "اکيون نه هونديون ته نوران کي ڪيئن ڏسندو؟"

اڇي ويڙهه لڳي. اوندهه ۾ ڪا خبر نه ٿي پئي ته ڪير مئو؟ ڪير بچيو؟ نيٺ اسر ٽيو سج اڀريو ته ڏٺائون اهي پاڻ ۾ پائر هيا، شمس الدين ڏٺو ته سندس سامهون نورالدين هيو ۽ نورالدين ڏٺو ته سندس سامهون شمس الدين هيو.

لک شابس سج کي جيڪو اڀريو ۽ پائرن کي سڃاڻپ ڏنائين.

هڪ اهڙي ئي سج جو انتظار آهي، ڇو جو اوندهه ۾ ويڙهه جاري آهي ۽ پاءُ پاءُ سان وڙهي رهيو آهي.

بيشڪ سچا شهيد اهي آهن جن حق کي سڃاتو ۽ ناحق ماريا ويا. هلندڙ ويڙهه نورالدين ۽ شمس الدين جي ويڙهه آهي. جيڪا مزاح نه الميو آهي. اڳي هرڪو ڏيڍ سِرَ جي مسجد ٺاهيندو هيو. هاڻي اڌ سر جي مسجد اڏجي ٿي. شهادت ۽ جهاد جا مقصد ساڳيا نه رهيا آهن. اسان جو خدا ۾ ايمان نه رهيو آهي. ڇو جو خدا جا فيصلا اسين پاڻ ڪري رهيا آهيون. سڀ خدا جي ذات تي ڇڏڻ گهرجي. ان جي نالي ۾ بي قصور انسانن جو خون وهائڻ ڪٿان جو انصاف آهي؟ پليسيبو ڪڏهن اهڙو هٿيار ٿي پوي ٿو جيڪو تلوار، توپ يا بندوق جو روپ ڌاري ٿو ۽ ڪڏهن اهو گناهگار جي هٿ ۾ جهليل تسبيح ۾ تبديل ٿي پوي ٿو.

هڪ ملان نوجوان کي جنت جو نقشو ڏيکاري مائل ڪري ٿو ته هو جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي اهو حق، سچ ۽ خدا جي راهه ۾ آهي. هو شهيد ٿي جنت ۾ ويندو. جتي حورون، باغات ۽ ماکيءَ جون نديون هونديون. اهو سڀ پليسيبو آهي. جيڪو ڪڏهن خوفناڪ روپ اختيار ڪري ٿو.

گذريل پنجاهه سالن ۾ مسلمانن هٿان جيترا مسلمان شهيد ٿيا آهن ايترا تاريخ ۾ ڪنهن ٻئي مذهب هٿان شهيد نه ٿيا آهن. ڇا شهيد ڪندڙ ۽ شهيد ٿيندڙ ٻئي جنت ۾ ويندا؟ خدا ۾ ڪير يقين نه ٿو ڪري؟ ڪهڙو مذهب آهي جنهن جو بنياد خدا نه آهي؟ خود دهريو لاشعوري طور خدا کان ڊنل هوندو آهي. خدا انسانن جو مرڪز آهي. واحد ملان آهي جيڪو خدا جو دشمن آهي. ان خدا جو تصور بگاڙي ڇڏيو آهي. هو پاڻ کي خدا جو وارث ٿو سڏائي. خدا کي پنهنجي بگڙيل عقيدي سان انسانن تي نافذ ٿو ڪرڻ چاهي. جڏهن ته خدا ۽ انسان جي وچ ۾ تعلق ذاتي آهي. اهو اجتماعي نه آهي.

پليسيبو منتر آهي، جيڪڏهن توهان وٽ لفظن جا ذخيرا ۽ لفظن جي استعمال جو ڏانءُ آهي ته ڪنهن مٿان هٿ ڦيري شوڪاريو ۽ آگر جو اشارو ڏئي راهه رسايو. اهو ان راهه تي سڌو ويندو پل سندس رستي ۾ کوهه ئي کوٽيل ڇو نه هجي.

❖


References:

1. A . Ezzati ( 1986 ).
   **“ The concept of Martyrdom in Islam ”.**

Tehran university.
2. Alison A , Trites ,
**“The new testament Concept of witness”**
ISBN . O – 521 – 609384 – 8.
3. Eusebios.
**“Early Christians”**
church history . 5 , p. 1-2.
4. Mohammad Saeed . Abdul Rehman ,
**“Islam : Questions and answers. Jurisprudence and Islamic rulings. General and transactions – Teil” ,**
MSA publication limited 2004 , p. 18.
5. John L . Esposite . ( 2014 ) .
**“Jihad”**
The oxford dictionary of Islam . Oxford university press.
6. **“What is Islamic philosophy”?**
Roy Jackson , page 173.
7. Wael B . Hallaq ( 2009 ).
**“Sharia : Theory , practice , transformation”**
Cambridge university press . p. 334 – 338.
8. Peter , Rudolph ( 2015 ) .
**“Islam and colonialism : The doctrine of Jihad in modern history”**.
De Gruyter Mouton – p.124.
9. Al. Dawoody Ahmed ( 2011 )
**“The Islamic Law of war : Justifications and regulations”**.
Palgrave Macmillan . p – 56.
10. William , M . watt ,
**“Islamic concept of the holy war , in : Thomas P . Murphy The holy war”**
( Ohio state university press 1974 ) p. 143.
11. Gerhard Bowering . Patricia crone . ( 2013 )
**“ Jihad ”**
The Princeton encyclopedia of Islamic political thought. Princeton university press.
12. Bernard Lewis ( 2001 ).
**“ Jihad VS Crusade ”**
opinion journal . com. Retrieved 2016.
13. Blankinship , Khalid yaha ( 2011 ).
**“ Parity of muslim and western concept of Just war ”**.
The muslim world. 101 (3) : 416.
14. Rudolph Peters .
**“Jihad in medieval and modern Islam”**
( Brill , 1977 ) . p – 3.

❖

# توهم پرستي ۽ پليسبو

(Superstitions and Placebo)

توهم پرستي اهڙو عقيدو آهي جنهن پويان ڄاڻ، سبب يا پنهنجو فيصلو نہ هجي. جيئن مقدر، تقدير، نصيب، لکيو، ڪارو علم، تعويذ، خوف، آسيب، خدشو يا مذهبن جا گمراهہ ڪندڙ تفسير.[1]

اهو اڳڪٿي (Prediction)، بشارت (Prophecy) ۽ روحانيت (Spiritualism) تي پڻ لاڳو ٿئي ٿو.[2]

لفظ Superstition لاطيني لفظ Super_stratum (سپر معنا مٿان، استراٽم معنا طاري ٿيڻ) مان ورتل آهي. جنهن جو مطلب آهي مٿان طاري ٿيڻ يا سوچن تي حاوي ٿيڻ[3] لاطينيءَ ۾ اهو لفظ عيسا کان هڪ صدي اڳ ان وقت جي شاعرن لائوي (Liey) ۽ اوئڊ (Ovid) جي شعرن ۾ ملي ٿو.[4]

يونان ۾ ماڻهو ديوتائن جي قهر کان ايذا تہ ڊنل هوندا هيا جيئن ڪو غلام اهڙي مالڪ کان جيڪو بي رحم ۽ ظالم هجي. خدا جي خوف کي رومن ۾ توهمات چيو ويو.[5]

ڊينس ڊيڊيرو 1784_1719ع) فرانس جو روشن خيال مفڪر هيو جنهن انسائيڪلو پيڊيا پڻ ترتيب ڏني. سندس چوڻ موجب مذهب جي زيادتي ۽ ان جو هر شيءِ ۾ استعمال توهم پرستي آهي.[6]

1948ع ۾ بي، ايف اسڪينر ورتاءَ جي نفسيات ۾ پکين جو مشاهدو ڪندي چوي ٿو تہ توهم پرستي نہ صرف انسانن ۾ آهي پر پکي ۽ جانور پڻ ان جو شڪار آهن. هن چيو تہ ڪبوتر داڻي لاءِ اهڙيون حرڪتون ڪن ٿا جيئن ڪين انهن حرڪتن جي صدقي داڻو ملي پوندو. اهي ڪڏهن بي مقصد گول ڦرن ٿا ۽ ڪڏهن پينگهہ ۾ ڪنڌ وجهي ٻيهن ٿا. جن جو مقصد انهن ۾ توهم پرستيءَ ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهي تہ ائين ڪرڻ سان کين اناج ملي پوندو.[7] اسڪينر جي پکين ۽ جانورن ۾ توهمات جي موجودگيءَ جي نظريي کي ڪن دانشورن غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن ۾ اسٽيڊن ۽ سملهگ شامل آهن.[8]

تازو جين رائيس توهمات متعلق نظريو پيش ڪيو آهي. توهمات نفسيات جي ٻٽي سرشتي (Dual process) جي پيداوار آهن. نفسيات جو ٻٽو سرشتو لاشعور ۽ شعور جي وچ تي هلي ٿو. جيڪا شيءِ لاشعور ۾ اچي ٿي، شعور ان جي نفي ڪري ٿو. دراصل توهمات، الهام (Intiution) جي صورت ۾ نازل ٿين ٿا جيڪي انساني خدشن ڪري ٿي سگهن ٿا. انهن پويان ڪو سبب نہ آهي. الهامن جي نفي ڪڏهن شعور نہ بہ ڪري سگهندو آهي.[9]

ڪڏهن توهمات اندروني طاقت ڏين ٿا ۽ صلاحيتن کي وڌائي وجهن ٿا جيئن ڪو تعويز جنهن ۾ عقيدو آهي تہ ڪيس مدد ڪندو. اهڙيون اندروني صلاحيتون ڪڏهن ٻاهرين صلاحيتن کان وڌيڪ ڪارآمد ٿين ٿيون، خاص ڪري راندين ۽ ٻين ورزشي مقابلن ۾[10] جديد سائنس جي وجود وٺڻ سان ترقي يافتا ملڪن اندر توهمات ۾ گهٽتائي آئي آهي. جاڳرتا (Renaissance) ۾ سبب ۽ سبب کي حل ڪرڻ جي طريقن جي ڳولها ۾ توهمات اثر وڃائي ويٺيون آهن.[11]

شعور ماڻهوءَ جي مت منجهائي آهي. جڏهن شعور جاڳيو تہ لاشعور نہ هيو. لاشعور شعور جي پيداوار آهي. شعور لقائن (Phenomenon) جو حل نہ ٿو ٻڌائي. شعور جي ادراڪ (Perception) جي حد آهي. ان ڪانپوءِ توهمات شروع ٿين ٿا. لاشعور وجداني ادراڪ (Extrasensorty Perception) جا در کولي ٿو. انسان جي ڇهين حس انڪري آهي تہ سندس پنج حسون نامڪمل آهن. پنجن حسن سان هو نامڪمل ڪم ڪري ٿو جنهن ڪري ڇهين حِس مدد ڪري ٿي. ڇهين حس وهم جا در کولي ٿي. الهام جي پنهنجي خاصيت آهي. اها خاصيت ائين آهي تہ اهو ڪنهن مٿان نازل ٿئي ٿو. نبيءَ مٿان يا امت جي ڪنهن فرد مٿان؟ الهام جي خاصيت جو فرق شعوري مقدار تي منحصر آهي. توڙي جو الهام لاشعوري آهي پر لاشعور، شعور جي انتها آهي. شعور ماڻهوءَ جي وس ۽ لاشعور وس کان ٻاهر آهي.[12]

ٻار جمي ٿو تہ ڪيس چنيءَ رات ڪارو سڄو ٻڌو وڃي ٿو. سرمي جو تلڪ ڪڍيو وڃي ٿو. دنيا ۾ داخل ٿيڻ سان توهمات شروع ٿي وڃن ٿيون. ائين ڪائنات پيدا ٿي تہ ان سان گڏ خوف پيدا ٿيو. طبعات جي ماهرن مطابق ڪائنات جي ابتدا وڏي ڌماڪي سان ٿي. شعور ان ڌماڪي جو پريل چرڪ آهي. اهو نيڪ آهي تہ شعور کي شعور وٺڻ لاءِ ڪروڙين سال لڳي ويا. ساهوارن مان شعور انسانن جي حصي ۾ آيو. شعور ۽ سمجهہ ۾ فرق آهي. جانورن ۾ سمجهہ آهي پر شعور نہ. ايف جي اسڪينر جي پکين بابت تحقيق تہ پکي بہ توهمات جو شڪار آهن. ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي؟ پر ٻيا ساهوارا اجان شعور ۽ لاشعور جي ادراڪ کان آجا آهن. ڪڪڙين جو گوشت وڪڻندڙ دوڪاندار وٽ پڃري ۾ ڪيترڻيون ئي ڪڪڙيون پيل هونديون آهن. اهي ڪڪڙيون اکين سان اڏيءَ تي پنهنجي ساٿي ڪڪڙ کي ڪسجندي ڏسنديون آهن پر سندن طبيعت تي ڪو اثر نہ پوندو آهي. انهن وٽ اهو شعور نہ هوندو آهي تہ ڪجهہ دير ڪانپوءِ سندن وارو اچڻ وارو آهي. اهڙي شعور کانسواءِ اهي ڪائڻ پيئڻ ۽ موج مستيءَ ۾ مگن هونديون آهن. هڪ دفعي ڪاسائيءَ ڪڪڙ ڪهندي ان جي چرٻي ڪٽي پڃري ۾ اڇلائي تہ ان جون ساٿي ڪڪڙيون چرٻي چڳي ويون. پکين ۽ جانورن ۾ ڪاڏو حاصل ڪرڻ، ٻچا ڏيڻ، نسل جي حفاظت ڪرڻ ۽ پاڻ بچائڻ جي سمجهہ آهي.

اسين حسرتن جي پورائي ۾ تڪڙي تي ڪرتا (Short cut) ڪرڻ چاهيون ٿا. ان ڪرتا کي ڪرڻ لاءِ غير منطقي وسيلي جي ضرورت پوي ٿي. اهڙن وسيلن جو پورائو توهمات ڪن ٿيون. پير تي

باس باسيون ٿا تہ "پير پڙ پارائيندا سين، شل ڇوڪر کي نوڪري ملي." "پير پٽ ڏي" شاھ لطيف جي درگاھ تي صدا هڻن ٿا "ديگ لاھيندا سين"
"سچل پٽ ڏي" سچل جي مزار تي سين هڻن ٿا. "نقل ريوڙيون ورهائيندا سين."

پٽ ڄمين ٿا، ڪو لطيف ڏنو آهي تہ ڪو سچيڏنو شاعر پٽ ڏين ٿا. شاعر وڏا پير آهن. ماڻهو سُک ڪٽي اچن ٿا. باسون باسن ٿا. پڙ چاڙهين ٿا. دنيا جي سوچ جو محور توهم پرستي رهيو آهي ۽ رهندو پيو اچي. توهم اسان جي نامڪمل اميدن کي پوري ڪرڻ جو بهانو آهي. سهارو آهي جيڪو دلي طرح مطمئن ڪري ٿو. ماڪي پير جو تعويذ ڳچيءَ ۾ لڙڪي ٿو. مان مصيبتن کان محفوظ آهيان. اهو پليسيبو آهي. ڪاري ٻلي هلندي اڳيان رستو ڪٽي وئي، نقصان ٿيندو. اڇي ٻليءَ کي کير پٽاريان تہ ان جو توڙ ٿيندو. اهو پليسيبو آهي. هٿ ۾ خارش ٿئي ٿي ضرور پئسو ايندو. گهوڙن جي ريس ۾ تيرهون نمبر ٽوڪن مليو آهي، بيبدلڪ. ٽوڪن تبديل ڪري پندرهون وٺان، گڊ لڪ. ٻاهر مينهن وسي ٿو ڇٽي کنيائين، ڪمري ۾ اندر کلي وئي، خير نہ آهي، توڙيءَ ڇٽي ڪٽي ٻاهر نڪرڻ. گهوڙي جو نعل دوڪان جي چائنٽ تي لڳل، گراهڪ گهڻا ايندا. هڏڪي آئي آهي. ڪو ياد ڪري ٿو. هڪ ڇڪ آئي آهي، ضرور پرپٺ ڪنهن تعريف ڪئي آهي. ٻہ ڇڪون آيون آهن، ڪنهن پرپٺ گلا ڪئي آهي. گلا جو توڙ ٽي ڇڪون.

ڇوڪريءَ کي طلاق ٿي وئي ضرور شاديءَ رات ڪنهن ڇريءَ سان ڪٽي ڪارايو هوندس. توڙ ڪڏهن بہ ڪنوار کي شاديءَ رات ڇريءَ جو وڍيل نہ ڪارائبو آهي.

بيماري لڳي اٿس وچي ٿو ڳرندو پڪ سان ڪنهن بوتو پوريو اٿس. پوپا بوتي تي نانءُ پڙهي سنهيون سئيون هڻي ان کي قبرستان ۾ پوريندا آهن. عقيدو آهي تہ بيمار ٿي ڳرندڙ شخص جو بوتو پوريل هوندو آهي. توڙ پوپي کي پئسا ڏئي بوتو ڪيرائڻ.

سانجهيءَ ڪانپوءِ ڪنهن سچي گهر جو سکيي کان اڇي رنگ جي شيءِ جيئن کنڊ، کير، بيدو، ڏهي، لسي، مکڻ گهرڻ، عقيدو آهي تہ سانجهيءَ ڪانپوءِ اڇي رنگ جي شيءِ مان برڪت سکيي گهر کان سچي گهر ۾ داخل ٿيندي آهي.

اڄ ڪلھ ڪراچيءَ جون پٽيون پوپن جي مشهوريءَ سان پريون پيون آهن. جتي ڏس ڪنهن بنگالي بابا جو نانءُ لکيل آهي. گهڻو ڪري مسلمان پوپا هندن جهڙا نالا رکي اهو ڪم ڪن ٿا. ماڻهن جو عقيدو آهي تہ ڪارو علم گهڻو ڪري هندن، عيسائين ۽ بنگالين وٽ آهي. هڪ اهڙوئي نالو پٽ تي لکيل هيو. عامل موهن لال. مون پنهنجي دوست موهن لال بسنتاڻيءَ کي فون ڪري مبارڪ ڏني تہ اڪين جي اسپتال بند ڪري واھ جو ڪم شروع ڪيو ٿي. جواب ڏنائين اڪين جي اسپتال ۾ جن جو بہ علاج ڪيم اهي سڀ انڌا ٿي چڪا آهن. مون کي شرمسار ٿيڻو پيو ڇو جو جڏهن بہ اکيون خراب ٿينديون آهن تہ منهنجو علاج موهن بسنتاڻي ڪندو آهي. ننڍي هوندي ڪلاس ۾ گڏ پڙهندڙ ڇوڪرن جو عقيدو هوندو هيو تہ جيڪو خواب ڏسبو آهي ان جي تعبير ڏنل خواب جي ابتڙ ٿيندي

آهي. ڪلاس ۾ هڪ ڇوڪرو اهڙو هوندو هيو جيڪو سدائين مون سان وڙهندو هيو. مان ننڍي هوندي ڪان شريف ماڻهو الله کي پيو عرض ڪندو هيس ته يا رب هن مصيبت مان جان ڇڏاءِ. هڪ ڏينهن اهو ڇوڪرو مون سامهون هٿ ٻڌي بيهي رهيو. چيائين "رات خواب ڏٺو اٿم. مان توکي صفا ماري ڇڏيو آهي، جيئن ته خواب جي تعبير ابتڙ ٿيندي آهي. ان ڪري مون کي پڪ آهي ته تون مون کي ماري ڇڏيندين. ان کان اڳ جو تون مارين. تو کان معافي ٿو گهران ته جيڪي ٿيو سو ٿيو وري توسان نه وڙهندس."

اهو ڏينهن، اهو شينهن، ان ڇوڪري وري ڪڏهن مون سان جهيڳڙو نه ڪيو ائين ڄڻندو هيو جيئن شاگرد ڄڃي ماستر کان.

ننڍي هوندي ۽ هاڻي مان پاڻ توهمات جو شڪار رهيو آهيان. ننڍي هوندي پير ۾ ڌڪ لڳندو هيو ته يقين هوندو هيو پيو جيڪو به ڌڪ لڳندو اهو ساڳي جاءِ تي لڳندو جتي پهريون ڌڪ لڳل آهي ۽ ٿيندو به ائين ئي هيو. پاڙي ۾ ٻار ڪرڪيٽ کيڏندا هيا مون کي پڪ هوندي هئي ته اتان لنگهيندس ته بال ضرور لڳندو. ٿيندو به ائين هيو. ڪيترو به احتياط ڪيان، خبر نه پوندي هئي ته بال بيٽ سان لڳي اچي منهنجي پنيءَ ۾ لڳندو هيو. بوٽ پهريون سڄو پائيندو آهيان. ڪوشش ڪندو آهيان ته فرش جي ڊزائين ۾ پاتل ڪنهن لڪير تي پير نه اچي. جڏهن ڪنهن مصيبت جي باري ۾ سوچيندو آهيان ته اها ضرور نازل ٿيندي آهي. منهنجا وهم ۽ توهمات ٻين کان الڳ نه آهن. دراصل مان اندر ۾ تَتل ڦتل ۽ خوف ۾ ورتل شخص آهيان. مان ڄاڻان ٿو ته منهنجيون اهي حرڪتون چريائپ جي حدن کي ڇهن ٿيون پر ڊپ ۾ ورتل آهيان ته جيڪڏهن ائين نه ڪيو ته متان نقصان ۾ وڃان. انسان مٿان مصيبتن جو مينهن وسي ته سڀ پناهگاهون پليسيبو جو روپ ڌارين ٿيون.

انسان اندر جي اطمينان جي ڳولها ۾ معاشري جون منع ٿيل ريتون (Taboo) تي عمل پيرا ٿئي ٿو. اهو اهڙو موضوع آهي جنهن تي لکڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ معاشري لاءِ ناقابل برداشت آهي. مان ڇاڻيندي به بحث نه ڪندس. صرف ايترو چوندس ته ستر واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪي ڪلبز (Key Clubs) هونديون هيون. گاڏين وارا پنهنجين گهروارين سان ان ڪلب ۾ ايندا هيا. گاڏين جي چاٻين کي ملائي ڇيو ويندو هيو ته "هڪ هڪ چاٻي ڪڍو" جنهن جي نصيب ۾ جهڙي چاٻي! هر چاٻيءَ تي نانءُ لکيل هوندو هيو. جنهن چاٻيءَ تي جنهن جو نانءُ هوندو هيو اها گهرواري ان حوالي ڪئي ويندي هئي.

متا (Swing) هڪ اهڙي روڪيل ريت (Taboo) آهي جنهن تي دنيا ۾ لکين ماڻهو عمل ڪن ٿا. ان جو پسمنظر نفسياتي آهي. انهن خاص ڪلبن ۾ زال سامهون مرد ڌاري عورت سان همبستري ڪري ٿو ۽ سندس زال ان سامهون غير مرد سان سمهي ٿي. ان عمل ۾ مبتلا ماڻهن جو چوڻ آهي ته ائين ڪرڻ سان سندن من ۾ حسد جاڳي ٿو جيڪو زال ۽ مڙس جي رشتن کي پڪو ڪري پيار جاڳائي ٿو.

مٿا جي عمل تي جيڪي شخص عمل پيرا آهن, انهن ۾ هزارين ڊاڪٽر, انجنيئر, آفيسر ۽ تمام گهڻا لکيل پڙهيل ماڻهو شامل آهن.[13]

ارتقائي طور انسان اڃا صاف (Purify) نہ ٿيو آهي, ان ۾ حيواني خصلتون موجود آهن. جانور وٽ غيرت جو فقدان هوندو آهي. خاص ڪري سوئر وٽ تہ غيرت هوندي ئي نہ آهي. پکين ۽ جانورن وٽ رشتن جي سڃاڻ نہ آهي. ماڻهوءَ ۾ انسان ٿيندي ٿيندي اهي خصلتون رهجي ويون آهن. سڀ انسان هڪجهڙا نہ آهن. اهڙا بہ آهن جو شڪ جي بنياد تي ڪارو ڪاري ڪري مارين ٿا. ڪو وقت هيو دنيا ۾ ڪارا انسان قربان ڪيا ويندا هيا ۽ هاڻي ڪارن ٻڪرن جي قربانيءَ تي زور آهي. هٿ سان ڪيل عملن کان وڌيڪ هٿ تي پاتل لڪيرن ۾ ايمان آهي. اسين ٻڪر کهين مطمئن ٿيون ٿا تہ قرباني اسان کي آفتن کان آجو ڪندي. اهڙي عمل سان خاميون دور ڪرڻ بجاءِ انهن جو ازالو توهم سان ڪيون ٿا ۽ اهڙو عمل اسان کي اندروني تسڪين ۽ اطمئنان ڏئي ٿو تہ جيڪو ڪيون ٿا ان مان چڱائي ٿيندي, اهو پليسيبو آهي.

دل چوي ٿي توهان کي هڪ ملڪ ۽ ان جي جهازن جي ڳالهہ ٻڌايان, هڪ ملڪ هيو جنهن جا جهاز هر چوٿين ڏينهن جبلن ۾ ڪري تباهہ ٿيندا هيا. ڪيترا مسافر موت جي ور چڙهي ويا. ڊائريڪٽرن هر دفعي گڏجاڻي ڪئي ۽ اهو فيصلو ڪيو تہ جهاز بلڪل ٺيڪ آهن. دراصل جهازن کي نظر لڳي آهي جنهن ڪري اهي تباهہ ٿين ٿا. طريقو اهو تجويز ڪيو ويو تہ ڪارن ٻڪرن جو صدقو ڪيو وڃي جيئن جهاز حادثن کان بچي سگهن.

جام ڪارا ٻڪرا ڪٺا ويا پر حالت ساڳي رهي جتي چوٿين ڏينهن جهاز تباهہ ٿيندو هيو اتي هڪ ڏينهن ڇڏي ٻي ڏينهن جهاز تباهہ ٿيڻ لڳو. نيٺ وقت آيو جو جهاز هلڻ کان معزوري واري وينا ۽ ائرپورٽ تي بيهجي ويا. هڪ غير ملڪي ماهر کين پيغام موڪيلو تہ "ڇو خانو خراب ٿيوا ٿوَ حياتين جي ڪڍ پيا آهيو. ڪارا ٻڪر ڇا ڪندا جهازن کي! ڪو مستري ڳولهيو انهن جي مرمت ڪرايو."

نيٺ فيصلو ٿيو تہ ڪارن ٻڪرن جي قربانيءَ تي جيڪو خرچ ٿئي ٿو ان خرچ کي ڪنهن مستريءَ مٿان قربان ڪيو ويندو. آخر رني پني هڪ اهڙو مستري هٿ ڪيائون جيڪو تمام قابل ۽ نالي وارو هيو. مستري آيو ۽ ان بيٺل جهازن جو جائزو ورتو. پوءِ ٿيلهي مان هٿوڙو ڪڍي جهازن کي هڪ هڪ هٿوڙو هنيو. اهي ائين هلڻ لڳا ڄڻ نوان هجن. سڀ ڊائريڪٽر حيران ٿي ويا تہ هٿوڙي جي هڪ ڌڪ سان جهاز هلڻ شروع ڪيو! سوچيائون تہ مستري تہ محنت ڪئي ڪونہ آهي, پڪ سان پئسا گهٽ وٺندو, پڇيائونس "تنهنجي محنت جا گهڻا پئسا ٿيا"

مستريءَ چيو "ڏهہ لک"

اهو ٻڌي سيني جون وايون بتال ٿي ويون. عرض ڪيائونس تہ "هنيو تہ هڪ هڪ هٿوڙو ٿي, ايڏا پئسا ڇو؟"

مستريءَ مٿو کنهيندي چيو "برابر هڪ هڪ هٿوڙو هنيو اٿم، هٿوڙي هڻڻ جا صرف پنج سئو روپيا ۽ هٿوڙو ڪٿي هڻجي باقي پئسا ان جا."

سو اهميت هٿوڙي کي نہ آهي، هٿوڙي جي استعمال کي آهي.

❖

References:


1. Vyse , stuart A ( 2000 ).
   **"Believing in magic . The psychology of superstitions".**
   Oxford , English , oxford university press . p. 19 – 22.
2. **" Superstition ".**
   Retrieved 2015.
3. **" Orig , a standing still over or by a thing , hence , amazing , wonder , dread esp. of devine or supernatural "**
   Chartton T , Lewis , Charles short , A Latin dictionary.
4. **"Oxford Latin dictionary".**
   Oxford England : Oxford university press – 1982.
5. Paul veyne
   **" comment on history of the superstitions "**.
   Paris : Le seuil 1970.
6. Arthur M. Wilson .
   **"Diderot : The testing years 1713 – 1759".**
   New York oxford university press – 1957 , p.14.
7. Skinner B,F ( 1948 ) .
   **" Superstitions in the pigeon ".**
   Journal of experimental psychology – 38 ( 2 ) : 168 – 172.
8. Staddon , J.E and simmelhag V.L ( 1971 )
   **" The superstitions experiment : A re – examination of its implications for the principle of adaptive behaviour ".**
   Psychological Review 78 (1):3- 43.
9. Risen , Jane L .
   **" Believing what we do not believe : Acquiescience to superstitions beliefs and other powerful intuitions".**
   Psychological review 123 (2) : 182 -207.
10. Hamerman , Eric J ; Morwedge carry K (2015)
    **" Reliance on luck identifying which achievement goals elicit superstitious behavior "**
    psychology Bulletin . 41 ( 3 ) : 323 – 335.
11. Wilson , Helen , Judy et al.
    **"Encylopedia of the enlightment".**
    New York . Facts on file-p.577.

12. Matt Ffytche
**“ The foundation of the unconscious : schelling , Freud and the birth of modern psyche ”.** Cambridge university press , 2011.
13. Bergstrand , Curtis R , Sinski , Jennifer Blevins ( 2010 ) .
**“Swinging in America : . Love , Sex and marriage in the 21st century”.** Santa Barbara calf : Praeger / ABC – CLIO.

❖

# روح ۽ پليسيبو

(Spirit and Placebo)

قرآن ڪريم ۾ روح سان گڏ نفس جو به ذڪر آهي. روح جسم ۾ موجود غير مادي جوهر آهي. جيڪو مري نه ٿو.[1]

صوفين جي الطائف الستہ ۾ انسان اندر ڇهه غيبي قوتون ائين موجود آهن جيئن سندس اندر جا عضوا هجن. اهي قرآن ڪريم جي حوالي سان آهن. انهن ۾ روح، نفس، سِرُ، قلب، قافي ۽ اقفا شامل آهن.

نفس (Soul) انسان جو پاڻ يا خودي آهي. جيڪو ان سان گڏ مري ٿو. مذهب موجب ڪڏهن روح نفس جو روپ ڌاري ڌرتيءَ تي گشت ڪري ٿو.

روح (Spirit) جسم کان اڳ تخليق ٿيو جنهن ڪري اهو امر آهي. نفس جسم ڪانپوءِ جنم ورتو جنهن ڪري فاني آهي. نفس جو تعلق ساهواري جي خواهشن سان آهي، جڏهن ته روح انسان جو لافاني جوهر آهي جيڪو خواهش کان پاڪ آهي ۽ جيئرو رکي ٿو.[2]

لطائف الستہ موجب نفس جي جاءِ پيٽ ۾ دن هيٺان آهي ۽ اهو هيڊي رنگ جو آهي. نفس جو مطلب ساهه يا ساهه کڻڻ آهي.[3]

قلب سيني جي کٻي پاسي آهي. قلب دل نه آهي پر روشني آهي. ان جو رنگ هيڊو آهي. اندر جي روشنيءَ سان انسان غيب کي پهچي ٿو. اهو عشق جو دروازو آهي. قلب جي روشني عقل کي عيان ڪري ٿي.[4]

روح سيني ۾ سڄي پاسي موجود ٿئي ٿو ۽ ان جو رنگ ڳاڙهو آهي. روح کي عبادت سان جاڳائي سگهجي ٿو. جڏهن جاڳندو آهي ته سندس ڌڙڪن سڄي پاسي محسوس ڪري سگهبي آهي. ان ڌڙڪن مان "رب... رب" جو آواز ايندو آهي. روح پرواز ڪري رب سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو.[5]

سِرُ پيٽ ۾ معدي پويان ٿئي ٿو ۽ ان جو رنگ اڇو آهي. سِرُ معنا "ڳجهه". ان جو تعلق ذڪر سان آهي. انسان جو لکيو لوح محفوظ، سِر تي اثر انداز ٿئي ٿو.

سِر، لوح محفوظ کي عملي جامو پارائي ٿو. اهو خوابن ۾ ڳجهه جا راز کولي ٿو.[6]

قافي (Khafi) انسان جي ٽئين اک آهي، جيڪا ٻن اکين جي وچ تي ٿئي ٿي. ان جو رنگ ڪارو آهي. اها اک خدا جي هيڪڙائي ڏسي ٿي ۽ وحدت جو نشان آهي. الهام ان تي نازل ٿئي ٿو.

اقفا (Akhafa) معنا لڪيل ۽ رازدار. اها دماغ ۾ ٿئي ٿي ۽ سائي رنگ جي آهي. اها تجلي آهي جنهن سان خدائي رموز نمايان ٿين ٿا.[7]

روحن جا ٽي قسم آهن.

1. روح حيواني: قلب ۽ نفس پاڻ ۾ ملي روح حيواني ٺاهن ٿا، اهو جانورن ۾ ٿئي ٿو.
2. روح انساني: روح ۽ سِرُ ملي روح انساني ٺاهين ٿا.
3. روح اعظم: قافي ۽ اقفا ملي روح اعظم ٺاهين ٿا. اهو چمڪندڙ دائرو آهي جنهن ۾ اڻ ڏٺل ظاهر ٿئي ٿو. اهو روح نبين ۽ اوليائن جي حصي ۾ آيو آهي.

آڳاٽي مصر ۾ اهو تصور هيو ته انسان عنصرن ۽ روح جو مرڪب آهي. اهڙا ئي ويچار دجلا ۽ فرات درياهن جي ڪنارن تي آباد قومن جا رهيا.

عيسا کان اٺ سوَ سال اڳ مطاموا (Kuttamuwa) جيڪو مصر جو حاڪم هيو. ان حڪم صادر ڪيو ته سندس مرڻ کانپوءِ قبر تي لوح لڳائي وڃي. ان لوح تي لکيو وڃي ته منهنجو روح ان لوح ۾ محفوظ آهي. مرڻ کانپوءِ مون کي ياد ڪيو وڃي ۽ دعوتون ڪيون وڃن. اهو تاريخ ۾ روح جو پهريون ذڪر آهي. اٺ سوَ پوند لوح جيڪا ٻرندڙ جبل جي لاوي مان ٺهيل آهي. اورينٽل انسٽيٽيوٽ آف شڪاگو الينوائس کوٽي هٿ ڪئي آهي.[8]

ٻڌ عقيدي موجب ڪا به شئي ساڳي حالت ۾ نه ٿي رهي، سڀ شيون وهڪري ۾ وهن ٿيون. نيون پراڻيون ٿين ٿيون ۽ پراڻيون نيون ٿين ٿيون. اهڙو خيال صرف انسانن سان لاڳو نه آهي پر ڪائنات جي هر شيءِ تي اثرانداز آهي. تنهن ڪري انفرادي طور ڪا به شيءِ امر نه آهي. ٻڌ فلسفي ”اناتما“ موجب ڪو به روح نه آهي. لفظ ”مان“ ڪنهن به شيءِ تي لاڳو نه آهي پر ڌارا جي تبديلي ان جي معنا بدلائي وجهي ٿي.[9]

اناتما ڪو ماديت پرست نظريو نه آهي. پر ٻڌ روحانيت جي خلاف آهي. هو مغز (Brain) ۽ دماغ (Mind) ۾ فرق ڪري ٿو. گوتم ٻڌ سنئون سڌو روح جو انڪاري آهي پر هو اُٽسڌيءَ طرح روحاني ڳالهيون ڪري ٿو.[10] جوڻ بدلائڻ (Reincarnation) جو فلسفو جنهن ۾ هر شيءِ جوڻ مٽائي ٿي. اهو مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي ٻئي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.[11]

ڪرمن جي نظريي (Karma) موجب هر انسان کي هڪ ڳنڍڙي ساڻ آهي. جيڪڏهن اهو گناهه ڪري ٿو ته اها ڀرجي وڃي ٿي ۽ جڏهن چڱايون ڪري ٿو ته ڳنڍڙي هلڪي ٿئي ٿي ۽ مڪتي ملي ٿي.[12]

عيسائيت ۾ وجود جا ٽي حصا آهن. آگسٽن جيڪو عيسائيت جو مشهور عالم هيو. اهو روح کي جسم جو حڪمران ڪوٺي ٿو. سندس چوڻ موجب وجود، جسم (Soma)، نفس (Soul) ۽ روح (Spirit) مان ترتيب ڏنل آهي.[13] گهڻن جو خيال اهو به آهي ته وجود جا ٻه حصا آهن، جسم ۽ روح. پال موجب حياتي روح ۽ جسم جي جنگ آهي، خدا جي تيز ترار روح کي جسم کان الڳ ڪري ٿي.[14]

روح جي پيدائش بابت مختلف نظريا آهن.

تخليقڪار (Creationist) فرقي موجب، هر روح خدا پاڻ تخليق ڪري ٿو. ان جي تخليق ٻِيرجڻ (Conception) وقت يا ان کان ٿورو پوءِ ٿئي ٿي. مورثي نظريي (Transducianism) موجب روح والدين کان وراثت ۾ ملي ٿو. اڳ موجود (Pre_existence) نظريي موجب روح ٻِيرجڻ کان اڳ تخليق ٿئي ٿو.

سيني روحن جو حساب ٿيندو، هڪ ڏينهن جڏهن عيسا ڌرتيءَ تي ايندو ۽ خدا جي عدالت لڳندي.[15]

پروٽسٽنٽ فرقي جا پوئلڳ روح کي مجيين ٿا. سندن عقيدو ٻن خيالن ۾ ورهايل آهي. ڪيلون (Calvin) جا پوئلڳ چون ٿا روح امر آهي ۽ شعور موت کانپوءِ جيئرو رهي ٿو.[16]

مارٽن لوٿر جو چوڻ آهي تہ جسم ۽ روح ٻنهي جو موت ٿئي ٿو پر لاشعور قبر ۾ ننڊ ڪري ٿو، ان وقت تائين جڏهن قيامت ۾ اهي جسم ۽ روح جيئرا ٿيندا.[18]

هندومت ۾ روح کي آتما يا جيوُ چيو وڃي ٿو. جيڪي سنسڪرتي لفظ آهن. جن جي معنا "پاڻ" آهي پر روح ۽ آتما ۾ فرق آهي. ڇو جو روح معروضي (Objective) آهي جڏهن تہ آتما، معروضيت جو ادراڪ (Perception) آهي.

جين ڌرم موجب، جنهن جو پيشوا مهاوير آهي. هر ساهواري ۾ جيوُ (روح) آهي. انسانن، وڻ ٻوٽن، جانورن ۽ جيتن ۾ جيوُ آهي. جيوُ ٻن حالتن ۾ آهي. هڪڙا مڪتي ورتل جيوُ جن کي "موشڪا" چيو وڃي ٿو. انهن کي اعمالن ڪري مڪتي ملي ٿي ۽ وري زندگيءَ جي ڪنهن ٻوڙ ۾ شامل نہ ٿا ٿين. ٻيا مڪتي نہ ماٽيندڙ جيوَ جيڪي ڪائنات جي گهٽائي ۾ قاتل آهن. اهي زندگي جي گهاٽي (سمسر) جو حصو آهن. مرن ٿا ۽ وري پيدا ٿين ٿا. انهن جي مڪتي نہ ملڻ جو سبب ڪرم (Karma) آهن. سٺا ڪم ڪندا تہ مڪتي ماٽيندا، ورچند گانڌيءَ جو موجب "روح پنهنجي زندگي گذارين ٿا، جسم لاءِ نہ. پر جسم جيئرو رهي ٿو روح لاءِ."

جيڪڏهن سمجهيو وڃي تہ روح کي جسم قابو ڪري ٿو تہ پوءِ روح بي وس ٿي ويندو.[19]

يهوديت ۾ روح کي "روح" چيو وڃي ٿو روح جو مطلب ساهہ کڻڻ آهي. جينيسس ۾ لکيل آهي خدا آدم کي مٽيءَ مان ٺاهيو ۽ پوءِ نڪ ذريعي ساهہ وڌو. جيڪو انسان سٺن اعمالن ڪري خدا کي ويجهو ٿئي ٿو ان کي صادق (Tzadik) چيو وڃي ٿو.[20] يهودي فڪر قبالا (Kabbalah) ۾ انساني جوهر جا پنج حصا آهن. نفش (Nephesh)، روح (Rauh)، نيشاما (Neshamah)، قيا (Chayah) ۽ يقيدا (Yechidah).[21]

شمنزم (Shamanism) جيڪو آمريڪا جي اصل باشندن ريڊ انڊين جو مذهب آهي. ان موجب عورت کي چاليهہ روح آهن ۽ مرد کي هڪ.[22]

سکن جي عقيدي موجب روح خدا آهن ۽ خدا روح آهي. گرو گرنٿ صاحب ۾ لکيل آهي ته روح جسم جي روشني آهي جيڪا ڪيس جيئرو رکي ٿي ۽ ان کي هلائي ٿي. اهڙي روشني جنهن ۾ خدا جي تجلي آهي، سو عبادت ڪيو ۽ بندن سان پيار ڪيو.[23]

چين جي ٽائوزم موجب هر انسان ۾ ٻن قسمن جا روح آهن. ينگ ۽ ين جو تصور اهڙي ئي خيال تي ٻڌل آهي، جن کي ين ۽ يو به چيو ويجي ٿو.



"ين" ۽ "يو" جي شڪل

ٿي "ين" ۽ ست "يو" آهن. يو جو تعلق ميت سان آهي ۽ ين جو شجري سان.[24]

پارسي عقيدو جنهن جو بنياد عيسا کان پنج سوَ سال اڳ زرتشت وڌو. ان عقيدي موجب خدا هڪ آهي پر ڪائنات ۾ نيڪي ۽ بديءَ جو مقابلو آهي.[25] زرتشت خدائي پيغمبر هيو ۽ ان مذهب جو ڪتاب زندر وستان (Avestan) آهي. ان مذهبي فلسفي موجب آهورا مزدا جيڪا خير ۽ روشنيءَ جي قوت آهي، ان جو مقابلو اهرمن سان آهي. اهرمن شر ۽ اوندهه جي قوت آهي.[26]

مشهور فلسفي نطشي زرتشت کي علامتي طور پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو آهي. نطشي جو مشهور ڪتاب "جيئن زرتشت چيو" ۾ هو زرتشت کان ڪفر جو اعلان ڪرائي ٿو. چوي ٿو "خدا مري چڪو آهي ۽ هاڻي سپرمين راڄ ڪندو." سپرمين جو تصور نطشي جو ڏنل آهي.

پارسي مذهب ۾ جسم کي اهميت نه آهي. قيامت ڏينهن روح کان پڇا ٿيندي، مرڻ کانپوءِ اهي ميت کي هڪ بلند جاءِ (Tower of silence) تي رکن ٿا جتي ڳجهون، ڪانءَ ۽ ٻيا گوشت خور پکي اها کائي وڃن ٿا.

ڪانگا سڀ تن کائيو، سو چن چن کائيو ماس،
دونينان مت کائيو، انهين پيا ملن کي آس.
(ڀڳت ڪبير)

پارسي مذهب ۾ جنت دوزخ ۽ پلسراط جو ذڪر آهي، پارسيت جا يزيدي عقيدي تي وڏا اثر آهن. ميسو پوٽيميا جي اڪثريت ڪڏهن يزيدي عقيدي سان لاڳاپيل هوندي هئي. اهو مذهب جنهن جو پيشوا مهردار ايزدي آهي اسلام کان پهريون جو آهي ۽ پارسيت جي شاخ آهي، جنهن مٿان

عيسيائيت ۽ يهوديت جا اثر رهيا ۽ پوءِ انهن پاڻ ۾ اسلام جون سنيون خاصيتون شامل ڪيون. اهو ڪردن جو آبائي مذهب آهي.[27] تازو عراق ۽ شام ۾ داعش جي قدم ڄمائڻ سان هزارين يزيدي جلاوطن ٿيا ۽ ائين انتهاپسندي پرامن انسانن کي بي دخل ڪري پنهنجا پير ڄمائيندي پئي وڃي.

سائنس ۾ روح ثابت ٿيل نـ آهي پر روح جي تصور جو سائنسي نظريو پيش ٿيل آهي.

طبعات جي ماهر ستين ايم ڪيرول مطابق روح جو تصور مقداري نظريي (Quantum field theory) جي خلاف آهي، مقداري نظريو توانائيءَ جو اهڙو نظريو آهي جنهن ۾ هر عنصر اندر ايٽم موجود آهن. ان ۾ ذرا (Particles) ۽ ننڍا ذرا (Sub_Particles) موجود آهن. اليڪٽران، نيوٽران ۽ پروٽان آهن. جڏهن تـ ننڍين ذرن ۾ گاڊ پارٽيڪل پڻ آهي. مقداري نظريو انهن ذرن مان پيدا ٿيندڙ توانائيءَ جو مقدار آهي. هر ذرو انهن ذرن مان پيدا ٿيندڙ توانائيءَ جو مقدار آهي. هر ذرو پنهنجي خاصيت مطابق توانائي خارج ڪري ٿو. جيئن يورينيم جو عنصر جنهن جي ذرن جي توانائي حيرت انگيز طور تمام گهٽجي آهي. ان مان خارج ٿيندڙ شعاعون (Radiations) ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿيون تـ ان جا ننڍا ذرا مقداري لحاظ کان قوت سان ڀريل آهن. ايٽم بم ٺاهڻ لاءِ اهو نظريو استعمال ڪيو ويو.

روح جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو جسم اندر روح جا ڪي بـ ذرا يا ننڍيا ذرا ڳولهي لهڻ ۾ ناڪامي ٿي آهي.[28] ان جي برعڪس پروفيسر هينز جو چوڻ آهي تـ مقداري نظريو مادي جي ماپ جو ذريعو آهي. جڏهن تـ اجان تحقيق جي ضرورت آهي.[29] سندس چوڻ موجب مغز، دماغ ۽ شعور ماپڻ جا انتظام نـ آهن. دماغ ۽ شعور جي لهرن جي تحقيق سان وڌيڪ خبر پئجي سگهي ٿي.

بائلاجيءَ جي ماهر ڪرائيل بيريٽ موجب روح ان شيءِ جو نالو آهي جنهن وسيلي اسان وجود کي محسوس ڪيون ٿا پنهنجي شعور ۽ ضمير سان، شعور ئي آهي جيڪو روح سڏجي ٿو.[30]

تنتي سائنس (Neuroscience) موجب ساهواري جو وتاءُ ۽ سوچ جيڪو مغز ۾ ٿيندڙ طبعاتي لقائن جو نتيجو آهن، روح جي تصور اتان ئي جنم ورتو. انسان ڪجهه نـ آهي، ڪيميڪل آهي جنهن ۾ موجود ڪيميڪل جي هر عنصر کي پنهنجا ذرا آهن ۽ اهي مختلف ويلنسيز (Valencies) سان چارج ٿيل آهن. هڪ توازن ۾ اهي چارج ٿيل جزا جسم ۾ حرڪت ڪن ٿا جيئن:

لوڻ= $Na^{+} + Cl^{-}$

کار = $Na^{+} + OH^{-}$

تيزاب= $H^{+} + Cl^{+}$

انهن جي چرپر جو مدار جسم ۾ پيدا ٿيندڙ توانائيءَ تي آهي، جيڪا کاڌي جي صورت ۾ حاصل ٿئي ٿي. اهي ذرا آهن جن جي چرپر جيئرو رکي ٿي. انسان ڪجهه نـ آهي پر مغز (Brain) آهي. مغز زندگيءَ جو سرچشمو آهي. وقت سان انساني جيوگهرڙا ڪمزور ٿين ٿا ۽ جسم جو ساٿ نـ ٿا ڏئي سگهن جنهن ڪري موت واقع ٿئي ٿو.[31]

1920ع ۾ ڊوڪان روح جو وزن ڪيو. هن اهڙي شخص جي جيڪو موت جي ويجهو هيو تور ڪئي ۽ مرڻ ڪانپوءِ وري توريو ته ايڪويهه گرام وزن گهٽ هيو. هن اندازو لڳايو ته روح جو وزن ايڪويهه گرام آهي.[32] بروس هوڊ جيڪو طبعات جو ماهر هيو ان اهڙي تجربي کي مذاق ڪوٺيو.[33]

روح بقا جو خواب آهي. اها اميد آهي ته موت انت نه آهي. اهو آٿت آهي ته انسان هڪ دنيا ڇڏي ٻي دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو. جيڪا مستقبل آهي ۽ پالڻهار سان ملي هڪ ٿئي ٿو. ڪيترن ئي عقيدن ۾ مڙهه کي دهلن سان دفنائيندا آهن. ان سوچ سان ته موت ڏک ۽ روئڻ جو سبب نه آهي، پر ان ڪري خوشيءَ جو باعث آهي جو روح خدا سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو. روحانيت جي فلسفي ڌرتيءَ تي راڄ ڪيو آهي. ان فلسفي تحت انسان دنيا ۾ سنا ڪم ڪري ٿو. ظلم سهي ٿو ۽ ان جو استحصال ٿئي ٿو. روح حيرت انگيز شيءِ آهي جنهن کي نه بوءِ آهي نه ذائقو نه دونهون آهي ۽ نه ٻاڦ. نه جهڙ جهڙو آهي، نه پاڻيءَ جهڙو هوا يا گئس به نه آهي. روح مٽيءَ جي گهر ۾ رهي ٿو. گهر ڊهي ٿو روح ٻيو گهر ڳولهي ٿو. فلاسافر ايترو پاڻ به نه رليا هوندا جيترو انهن روح کي رلايو آهي. مذهبن جو بنياد روح آهي، دنيا جي آدمشماريءَ جو وڏو حصو مذهبي آهي. مذهب ۽ فلسفو انسان اندر روح جيان پريل آهن. سوچون ڏينهون ڏينهن شعور کي تيز ڪن ٿيون، شعور جي تيز ڌار هڪ هڪ نظريي جا سوَ ٽڪر ڪري ٿي.

”مان آهيان تڏهن سوچيان ٿو.“ هڪ چوي ٿو ٻيو چوي ٿو ”مان سوچيان ٿو انڪري آهيان ۽ مان سوچيان ٿو ته آهيان ئي ڪونه.“

سوچن جو انت ڪٿي آهي؟ انسان اندر ۾ روئي ٿو ۽ پاڻ پرچائڻ جا جتن ڪري ٿو. ڪمزور کي ڇڏيو هڪ طاقتور به مدد جو طلبگار آهي.

حياتيءَ جي ڏاڪڻ به عجيب آهي، مٿي چڙهڻ جي اجازت آهي هيٺ لهڻ جي نه. مٿي چڙهي جتي ٽڪجي ٿو اتي انت آهي. ڪا منزل نه آهي، روح عرش چمي ٿو ۽ جسم ڏوڙ چٽي ٿو. ڪي ساڙين ٿا. ڪي ڳجهن حوالي ڪن ٿا. روح جسم ۾ موٽندو ۽ جيئرو ڪندو. جسم مڪمل محفوظ هجڻ گهرجي نه ته ڪٽيل هوندو. مذهبي عقيدن ڪري ڪيترا انسان جسم جا حصا عطيي ۾ نه ٿا ڏين پر اهي ڏين ٿا جن وٽ جسم جي نه، روح جي اهميت آهي.

روح جو تصور ڪيڏو نه مزيدار آهي؟ جيئن ڪير ۾ ڪنڊ. ڪير جسم آهي نظر اچي ٿو ۽ روح، ان ۾ ملايل ڪنڊ جيڪا نظر نه ٿي اچي. صوفي عقيدي موجب روح کي رنگ آهي. ذائقو نه آهي، جيڪر روح چکي محسوس ڪري سگهجي ها، سڀ مونجهارا ختم ٿي وڃن ها. غيب ۾ ايمان پڪو ٿئي ها. شايد زبان کي سگهه نه آهي ته اها چکي سگهي، ڳالهائي سگهي، عقل ڳالهائي ٿو زبان چپ آهي، ڪن بند آهن شعور ٻڌي ٿو. ڪير ڳالهائي؟ ڪير ٻڌي؟

مان عاملن کي عرض ڪندو آهيان ته ”مهرباني ڪري ڏس ڏيو ڪٿي جن هجن ته ڏسان جيئن غيب تي ايمان اچي“ منهنجو عقيدو ڏسي پاڻ غائب ٿي ويندا آهن.

روح جو فلسفو آرام آهي، سڪون آهي، اميد آهي تہ جيئنداسين، موت بهانو آهي، اهو در آهي جيڪو هِن جهانن جي وچ تي کلي ٿو. هيڏانهن بہ زندگي، هوڏانهن بہ زندگي آهي. زندگي لافاني آهي. جنت ۾ بہ جيئرا رهنداسين، دوزخ ۾ بہ سڙي نہ مرنداسين. هڪ پاسي شرابن طهورا، ٻئي پاسي ٿوهر جي رَسُ، هڪ پاسي حورون، ٻئي پاسي حورن جا خواب. پر زندگي بقادار آهي. دنيا فاني آهي ۽ انسان امر. روح جي حيثيت ڪهڙي بہ هجي. پل اهو مذهب ۽ فلسفي جو بنياد هجي يا سائنس جو فتور. واهہ جو تصور آهي. انسانن لاءِ آساني پيدا ڪري ٿو. دنيا ۾ جيئري رهڻ جي همت ڏئي ٿو ۽ زندگيءَ جو ڪارج ٻڌائي ٿو. روح نہ هجڻ جو تصور مايوسي آهي ۽ هجڻ جو تصور اميد.

پليسيبو سيني جي ساڄي پاسي رکيل سهڻو هٿ، دلجاءِ ڏئي ٿو تہ بہ دليون آهن. هڪ هلڻ بند ڪندي تہ ٻي هلڻ شروع ڪندي.

❖

References:


1. Dr. Sultan Ahmed.
   **“Islam in perspective”.**
   Author house 2011 – p.180.
2. Anna . Teresa Tymieniecka ,
   **“Reason , spirit and the sacral in the new enlightenment : Islamic metaphysics”**
   Revived and recent phenomenology of life springer science & business media 2010.
3. Shah idries ( 1999 ).
   **“The sufis”**
   London : octagon press ltd.p.379.
4. Wikisource : The religion of God / The spiritual entity
   **“Qulb”**
5. Wikisource : The religion of God / The human
   **“Soul”.**
6. Wikisource : The religion of God / The spiritual entity
   **“Sirri”**
7. Wikisource : The religion of God / The spiritual entity
   **“Khafi and Akhfa”.**
8. **“Found : An ancient monument to the soul”**.
   New York times . Retrieved 2008p11-18.
9. Walpola Rahula ,

**“what the Buddha taught”**
( NY : Grove 1962).p.55.
10. **“Source of Indian tradition”.**
vol I, ed. Theodore de Bary ( NY : Columbia UP , 1985 ).p93-94.
11. Conze , Edward (1993).
**“A short history of Buddhism”.**
One world .p.14.
12. Walpola Rahula.
**“What the Buddha taught”**
( NY: Grove 1962 ) p.26.
13. Smith , Joseph (1981).
**“Doctrine and convent”.**
Salt lake city . utah , USA. The church of Jesus Christ of Latter. Day saints ).p.286.
14. **“Forth council of Constantinople”.**
( Roman Catholic )1970-P.8-10.
15. **“Catechism of catholic church”**
paragraph 382. Vetican. va – Retrieved 2011.
16. Paul Helm. John calvini
**“Ideas”**
2006-p.129.
17. Anthony Grafton , Glenn W.
**“Luther mentioned contemptuosly that the council . Father had decreed the soul immportal**”.
The classical tradition 2010.p.480.
18. Richard Marius Martin Luther :
**“The Christian between God and death”**
1999.p.429.
19. Virchand Gandhi (1864-1901).
**“Advocate of universal brotherhood”**
All famous quotes , Archived from the original on 21st sept: 2013.
20. **The only person mentioned in “Torah”**.
Celeberating birthday party is the wicked Pharaoh of Egypt. Genesis 40:20-22.
21. **“Soul”.**
Jewish encyclopedia.com.
22. Pope. Huge (2006).
**“Sons of the conquerors”.**
Overlook Duckworth.p.270.
23. **SGGS** , MI.p.1153.
24. Li.Fang-Kuei.
**“Studies on Archaic Chinese”**
Transtated by Gilbert L. Mattos , Monumenta serica 31 , 1974:219-287.

25. Boyd , James w. et al (1979).
**“Is Zoroastrianism dualistic or monotheistic”?**
Journal of American Academy of religion. Vol.4. p.557-588.
26. **Zarathustra – “Iranian prophet”**.
Retrieved a June 2017.
27. Foltz , Richard.
**“Two Kurdish sects : The yezidis and the yaresan”.**
Religions of Iran : From prehistory to present.p.219.
28. Carroll , sean M (2011).
**“Physics and immortality of the soul”**
scientific American. Retrieved 2014.
29. Hans Halnorson.
**“The measure of all things: Quantum mechanism and soul in the soul hypothesis.”**
(2011) ed : by Mark Baker and steward Goetz.
30. Barrate , cyrille.
**“La science et lame”**.
Retrieved 2016.
31. Kandel , ER ; Schwartz JH et al.
**“Principles of neuroscience”.**
Fifth ed. (2012).
32. Mac Dougall , Duncan ( 1907 ).
**“How much does the soul weights” ?**:
American medicine. New series 2:240-243.
33. Hood , Bruce ( 2009 ).
**“Supersense : From superstitions to religion”.**
The brain science of belief. Constable p.165.

❖

# صوفيزم ۽ پليسيبو

(Sufism and Placebo)

صوفيزم (Sofism) ۽ صوفيزم (Suphism) مختلف خيالن تي مشتمل آهن.

آڳاٽي وقت صوفيزم تعليم جو حصو هئي، يونان ۽ روم ۾ اهڙي تعليم جو آغاز ٿيو. اهي صوفسٽ فلسفي، موسيقي، راندين ۽ رياضيءَ جي تعليم ڏيندا هيا، انهن جي تعليم جو بنياد اريٽي (Arete) هيو. جنهن مان آرٽ جو لفظ نڪتو.[1] ادارن ۾ پڙهائيءَ جي فيس ورتي ويندي هئي. جنهن کي ارسطو افلاطون ۽ زينوفون پنهنجن ڪتابن ۾ ننديو آهي. ڏنو وڃي ته ارسطو پاڻ به سڪندر اعظم جي پڙهائيءَ جا پئسا وٺندو هيو. جنهن جي هن ترديد ڪئي آهي. صرف اهو مڃيو آهي ته هن پئسا نه ورتا پر سڪندر اعظم جي پيءُ فلپ کي اهو چيو هيو ته پئسن بجاءِ ڪيس استاگرا (Stagira) ۾ پراڻي گهر جي جاءِ تي نئون گهر ٺهرائي ڏي. استاگرا يونان جو هڪ ڳوٺ هيو جتي ارسطو جي پيدائش ٿي.

سسيرو (Cicero) (43_106 BC) ارسطوءَ جي صوفسٽن تي ڪيل تنقيد کي ناجائز قرار ڏنو ائين چيو ته ارسطو خدا ۽ ڏاهپ کي الڳ ڪرڻ چاهي ٿو.[2] ان ڪانپوءِ بحث جو سلسلو هلندو آيو آهي، جنهن ۾ ڪن صوفسٽن جي حمايت ته ڪن مخالفت ڪئي آهي. عيسوي صديءَ جي شروع ۾ صوفسٽن جو هڪ ٻيو ڏڙو سامهون آيو جن کي سوفسٽ ثاني (Second suphist) چيو وڃي ٿو.[3_5] جيڪي نيرو (Nero) جي عهد کان وٺي 230ع تائين موجود رهيا. نيرو جو عهد چوونجاهه کان اٺهٺ عيسويءَ تائين آهي. اهو تڏهن روم جو بادشاهه هيو ۽ مشهور آهي ته جڏهن روم کي باهه لڳي ته نيرو بين پيو وڄائي.[4]

صوفي لفظ صوفيا مان نڪتل آهي، صوفيا ڏاهپ جي ديوي آهي. اها ديوي اهڙو ادراڪ ڏئي ٿي جو انسان خدا کي ڳولهي لهي ٿو. ان وقت اهڙي خيال کي هر ڪنهن پنهنجي طريقي بيان ڪيو آهي پر ايليڊ (Illiad) ۽ اوڊيسي (Odyssey) جي تخليقڪار هومر جو خيال حقيقت کي ويجهو آهي. هومر اکين کان معذور هيو ۽ سندس تعلق انوطوليا جي شهر سان هيو جيڪو ترڪيءَ ۾ آهي.[6]

صوفسٽن جي تعليم جو طريقو تبليغي ۽ مبالغا آميز (Rhetoric) هيو. انهن کي لفظن جي استعمال جي خبر هئي ته اهي ڪيئن ٻڌندڙن تي اثر انداز ٿي سگهن ٿا.[7]

ان وقت صوفسٽن کان ديوتائن جي وجود ۽ طاقت جي باري ۾ سوال ڪيا ويندا هيا. انهن سوالن جا جواب صوفسٽ سني نموني ڏيندا هيا. ڇو جو انهن وٽ مباحثي جو فن هوندو هيو ۽ لفظن جا

ڪاريگر هيا. ان وقت جي ڪجھ ڊراما نويسن جي ڪردارن ۾ صوفسٽن کي لفظن جو زيور ساز چيو ويو آهي.[8]

افلاطون جي "ڊائلاگ" ۾ هڪ مڪالمي اندر سقراط اعتراف ڪيو آهي تہ صوفسٽ پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ هن کان طاقتور آهن. هن پنهنجو هڪ شاگرد صوفسٽن وٽ پڻ موڪليو هيو تہ هو اها تعليم پڻ حاصل ڪري.[9]

افلاطون جي ڊائلاگ ۾ اهڙا ڪيترائي مڪالما آهن جن ۾ سقراط صوفسٽن جي گهڻين ڳالهين کي غلط ثابت ڪيو آهي. ان جو سبب پروٽا غورث جو نظريو آهي. پروٽا غورث سقراط کان اڳ جو فلسفي آهي. جنهن چيو خدا نہ پر انسان هر شيءِ جو مرڪز آهي. صوفسٽن ۽ سقراط ۾ مخالفت جو سبب بہ اهو ئي هيو.[10] سقراط ۽ ارسطو صوفسٽن کي لالچي ۽ اقتدار جا متلاشي چيو آهي. ان وقت يونان ۾ صوفسٽ نوجوانن کي اها تعليم ڏيندا هيا تہ بحث ڪيئن ڪجي ۽ ڪهڙا جملا استعمال ڪري ماڻهن جي دل کٽجي.[11]

يونان ۾ صوفيزم جو نظريو ڪمائي، لفاظي ۽ حڪمرانن جي پنيرائي رهيو آهي. پر سقراط جو نظريو جيڪو پروٽا غورث کان اڻ سڌيءَ طرح متاثر آهي تہ ڪائنات جي هر طاقت جو مظهر انسان آهي. اسلامي صوفيزم ان جي اهڙي خيال سان ملندڙ آهي.

صوفيزم يا تصوف اسلامي فڪر آهي. اها اسلام جي وسعت آهي. ان ۾ روحاني رمزن کي اهميت حاصل آهي.[12] صوفي صف مان نڪتل آهي. صف اوني ڪپڙي مان ٺهيل الفيءَ کي چوندا آهن. ابن خلدون اهڙي خيال جي مخالفت ڪئي آهي تہ صوفي لفظ صف مان نڪتل آهي. صوفي صفاءَ مان نڪتل آهي جنهن جي معنا پاڪيزگي آهي. ڪن عالمن ٻنهي خيالن کي ملائي ائين چيو آهي تہ صوفي اهو آهي جيڪو صاف جسم تي الفي پائي ٿو.

صوفي ان عقيدي تي مختلف طريقن سان عمل پيرا آهن. خيالن تي ورهايل صوفين جا ڪجھ ڏڙا آهن. انهن ۾ "موالي" بہ شامل آهن. اسلامي فڪر ۾ موالي ٻن معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. هڪ مولا ٻيو مددگار. اسلام ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ موالي انهن ماڻهن يا قبيلن کي ڪوٺيو ويو جيڪي غير عرب هيا. مولا جو مطلب دوست يا ويجهو آهي. مولائي يا موالي غير عرب هيا. جيڪي عربن جا مددگار ۽ ٻانها هيا. اسلام کانپوءِ ڪين مولائي ۽ موالي جي نالي سان سڏيو ويو.[13]

بنو اميا جي دور ۾ جيڪي فارسي، آفريڪي، آزري، ترڪ ۽ ڪرد اسلام ۾ شامل ٿيا انهن کي موالي چيو ويو. بنو اميا جي وقت انهن کان ٽيڪس اوڳاڙيو ويندو هيو ۽ ڪين فوج ۾ شامل ٿيڻ کان جهل هئي. ابو مسلم خراسانيءَ جي مدد سان آيل عباسي خلافت ۾ اها ٽيڪس معاف ٿي ۽ موالين کي فوج ۾ شامل ڪيو ويو. صوفين جي روحاني مجلس جا خاص طريقا آهن. انهن ۾ زاويا، تڪيا، قلندر خانا ۽ خانگاهون شامل آهن.[14] زاويا سلطنت عثمانيا ۾ ترڪي، ايران ۽ ٻين اسلامي ملڪن ۾ هيا. زاويا گول گنبز واري بيٺڪ آهي. جنهن ۾ صوفي مجلس ڪندا آهن. خانگاھ کي رباط پڻ چيو ويندو

آهي. خانگاهون صوفين جي رابطي ۽ آرام جون جايون آهن. جتي مسافرن، شاگردن ۽ مريدن جي رهڻي ڪرڻي ۽ کائڻ پيئڻ جو بندوبست ڪيو ويجي ٿو. اهي گهڻو ڪري مدرسن، درگاهن ۽ مسجدن پرسان ٿهيل هونديون آهن. عثمانيان دور ۾ انهن کي تڪيو به چيو ويندو هيو. ان کانسواءِ قلندر خانا به هوندا هيا، قلندر درويش کي چوندا هيا جنهن لاءِ ضروري نه هيو ته ڪنهن طريقت سان لاڳاپيل هجي. پوءِ قلندر خاص معنا ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. اهو لقب وڏن عالمن جي حصي ۾ آيو جيئن دنيا جا اڳاٽي قلندر، هڪ قلندر شهباز، ٻيو بو علي شاهه قلندر ۽ بي بي رابعا بصري جنهن کي اڏ قلندر چوندا آهن. صوفي حضرت محمد صہ کي ڪامل ۽ خدائي ذات مڃين ٿا.[15]

حضرت عليءَ کي اسلامي صوفيزم جو ابو چيو ويجي ٿو.[16] صوفين جو چوڻ آهي ته صحابا ڪرام خاص ڪري حضرت عليءَ معرفت محمد صہ وسيلي خدا کي رسيا.[17] حضرت محمد صہ چيو "مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي."[18] علي هجويري، حضرت عليءَ کي تصوف جي بلندي چيو آهي ۽ جنيد بغداديءَ حضرت عليءَ کي تصوف جي اصولن ۽ عملن جو امام ڪوٺيو ويو آهي.[19] اسلامي دنيا جا عالم ان ڳالهه کي رد ڪن ٿا ته صوفيزم جو آغاز يورپ مان ٿيو.[20] ڪن جو خيال آهي ته ان جو عروج وچ ايشيا جي ملڪن ۾ اتان جي عالمن ڪري ٿيو. خاص ڪري بايزيد بسطامي جنهن هڪ دفعي اهو چئي هنداڻي کائڻ کان انڪار ڪيو ته ڇا حضرت محمد صہ ڪڏهن اهو کاڌو هوندو؟ ڇو جو پڪ نه آهي انڪري هو هنداڻي کي هٿ نه لائيندو. صوفي حضرت محمد صہ جي طريقت جو قائل آهي. جيئن انهن ڪيو اهي ڪن ٿا. جيئن انهن نه ڪيو اهي نه ٿا ڪن.[21]

نورالدين عبدالرحمان جاميءَ موجب صوفيزم جي وچين دور ۾ عبدالله ابن محمد ابن الحنفيا اهو شخص آهي جنهن کي پهريون صوفي چئي سگهجي ٿو.[22] شيعن ۽ سنين ۾ صوفي خيال الڳ نه آهي. صوفيزم ۾ نفرت جي گنجائش نه آهي. اها انسانن کي ويجهو آڻي ٿي.[23] شاهه لطيف، سچل سرمست، بابا فريد، خواجا احمد پسوي، رومي ۽ عطار نيشاپوري صوفيزم جا وڏا شاعر آهن. انهن جي شاعريءَ جو اثر هندستان، ترڪي، ايران ۽ وچ ايشيا جي رياستن تي تمام گهڻو آهي.[24]

سلطنت عثمانيا کي قائم ڪرڻ ۽ زور وٺائڻ ۾ صوفيزم جو حصو آهي.[25] صوفيزم ٻارهين عيسوي صديءَ تائين اسلام ۾ عروج تي رهيو. پوءِ ان مٿان جديديت جا اثر پيا[26] ۽ ان جو جهيڙو وهابي خيالن سان وڌيو.[27] صوفيزم جيڪو اسلام جو روحاني جز هيو ان جي سلفي طريقت (Salafism) سان به اهميت گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سلفي پراڻي سني طريقي جا پرچارڪ هيا. سلفي طريقت کي ارڙهين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سلفيءَ جو مطلب آهي "سلف" معنا ڪُد يا پشت، حضرت محمد صہ کانپوءِ سندن ٽن نسلن کي سلفي چون ٿا. سلفين جي اڪثريت سعودي عرب، قطر، دبئي، بحرين ۽ ڪويت ۾ رهي ٿي.[28]

صوفين جي خيال موجب اهو ممڪن آهي ته خدا ۽ جنت کي هن جهان ۾ ڳولهيو وڃي. صوفين جي حڪمت خدا جي خوشي حاصل ڪرڻ آهي. هو خدا کي پاڻ ۾ ڳولهين ٿا. اهي فطرت (Fitrah)

ڪي ترجيح ڏين ٿا. فطرت صوفيزم ۾ اهڙي حڪمت ڪي چيو وڃي ٿو ته انسان توحيد جو مجموعو آهي. جنهن ۾ ذات فطرت ۾ ويڙهيل آهي ۽ اها ذات وڏي چاڻ واري آهي. دنيا ۾ توحيد جا مثال حضرت ابراهيم ۽ حضرت محمد صہ جن آهن. جيڪي پنهنجي فطرت ۾ ذات ويڙهي آيا. ائين خدا ۽ بندو الڳ نه آهن. انسان عشق جي تند سان رب سان ڳنڍيو پيو آهي.[29] عشق لفظ قرآن پاڪ ۾ استعمال ٿيل نه آهي پر ان جي جاءِ تي حب جو لفظ آهي. عشق، "عشاق" مان نڪتل آهي. جيڪو آويءَ (Ivy) جي ول يا اهڙين ٻين ولين کي چيو ويندو آهي. عشاق جي ول جون لامون پاڻ ۾ ائين ويڙهيل هونديون آهن جو انهن کي الڳ ڪرڻ مشڪل هوندو آهي. اهڙن پيچن ڪري ڪيس "عشق پيچان" پڻ چيو ويندو آهي.[30]

عشق اهڙي تاس آهي جيڪا محبوب لاءِ بي تاب ڪري ٿي. هو اهڙي جام جو طلبگار آهي جيڪو ڪيس ڪمال جو درجو ڏئي حسن دنيا ۾ تڏهن آيو جڏهن خدا آدم جي روپ ۾ آيو.[31]

صوفيزم جو هڪ طريقو "موجان مومن" جو پيش ڪيل آهي. موجان مومن بهائي فرقي جو عالم هيو. ان فڪر جو خيال "انسان الڪامل" آهي. ڌرتيءَ تي قطب نازل ٿيندا آيا آهن جيڪي خدا ۽ بندي جي وچ ۾ رابطي جو وسيلو آهن. اهڙو عقيدو صوفيزم ۾ قطب ۽ امام کي الڳ ڪري ٿو. ڏنو وڃي ته بهائي عقيدو پڻ شيعا فرقي جي شاخ آهي. ان فرقي جو باني بهاءُ الله آهي جيڪو ايراني هيو. ان 1863ع ۾ ان فرقي جو بنياد وڌو جنهن جو مقصد انسان جي اهميت ۽ مذهبن کي ويجهو آڻڻ هيو. بهائي عقيدي جا پوئلڳ، پاڪستان، هندستان ۽ ايران ۾ موجود آهن.[32] ان فرقي جو عقيدو آهي ته حضرت محمد صہ دنيا ۾ موٽي ايندو ۽ انسانن کي وري نئين دڳ لائيندو.

1863ع ۾ ايران اندر ان فرقي تي پابندي لاڳو ڪئي وئي. بهاءُ الله اهڙي فڪر ڪري گهڻو جهيليو چون ٿا هن نبوت جي دعوا پڻ ڪئي، سلطنت عثمانيا ۾ هو شام ۾ قيد رهيو ۽ 1892ع ۾ گذاري ويو. بهائي عقيدي جا ٽي متا آهن.

1. پاڻ کي خدا سان ڳنڍڻ
2. مذهبن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ
3. انسان کي انسان سان ڳنڍڻ[33]

"الانسان الڪامل" جو فلسفو ابن عربي (1165_1240ع) جو ڏنل آهي. ابن عربي جنهن جو پورو نالو ابوعبدالله محمد بن علي هيو. جنهن کي شيخ الاڪبر به چوندا هيا. صوفيزم جو انتهائي معتبر نانءُ آهي. اهو شاعر ۽ فلسفي هيو.[34] هو اسپن ۾ ڄايو ۽ شام ۾ وفات ڪيائين. هن انسان الڪامل جو فلسفو پنهنجي ڪتاب فسو الحڪمت ۾ بيان ڪيو آهي.[35] هن توحيد جي فلسفي کي آئيني سان تشبيح ڏني آهي. جيئن حقيقت ۽ آئينو هڪ هوندا آهن. هن مخلوق کي اڻ ڳڻت آئينن سان تشبيهه ڏني آهي جيڪي هڪ ذات جو عڪس آهن. خدا حقيقت آهي ۽ بندو آئينو انڪري خدا جي وجود کانسواءِ بندي جو هجڻ ناممڪن آهي.[36] خدا ڏسي، ٻڌي ۽ ڳالهائي ٿو. ان وٽ صبر به آهي

تہ علم بہ. اهي سڀ خدا جون خصلتون آهن جن سان بندو مستفيد ٿيو آهي. دانش دلين تي نازل ٿيندي آهي، دماغ تي نہ.[37] جيئن تہ عيسا ۾ خدا جو روح هيو ان ڪري خدا عيسا ذريعي ڳالهائيندو، ڏسندو ۽ ٻڌندو هيو.

بندو مٽي ۾ خدائي خصلتن جو مجموعو آهي انڪري ڪامل آهي.[38] ابن عربيءَ جو فلسفو اهو واضح ڪري ٿو تہ انسان ڪٿيل نہ آهي پر ڪامل ۽ مڪمل آهي. ان وٽ خدا جون صفتون آهن. خدا وجود رکي ٿو ۽ اهو وجود انسان ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ان کي تڪميل جي ضرورت نہ آهي. ڇو جو اهو ڌرتيءَ تي مڪمل ٿي آيو ۽ مڪمل آهي. اهڙو فلسفو انسان جي عظمت کي اجاگر ڪري ٿو. جيڪڏهن هرڪو اهو فلسفو سمجهي تہ ڪو ڪنهن جي تذليل نہ ڪري ڇو جو انسان جي توهين خدا جي توهين آهي. انسان جي اهڙي عظمت جنهن کان دنيا خالي آهي.

ڌرتيءَ تي انسانذات جي تذليل ڏسي لڳي ٿو انسان نامڪمل آهي. ڪامل هجڻ جو فلسفو پليسيبو آهي. هڪ سهارو آهي تہ جيڪي خدائي صفتون ان ۾ موجود آهن. انهن جي موجودگيءَ ڪري ڪيس مايوس نہ ٿيڻ گهرجي.

الحسين بن منصور الحلاج (922_858ع) جو تعلق ايران سان هيو. هو صوفين جو سردار آهي. استاد ۽ شاعر هيو. هن جو فلسفو "اناالحق" آهي. هن تي ذالنون المصري ۽ بايزيد بستاميءَ جو اثر هيو ۽ جن کي متاثر ڪيو انهن ۾ حافظ شيرازي، رومي، سنائي، سچل سرمست، عطار، بالم سلطان، قلندر شهباز ۽ ٻيون شخصيتون آهن.

عربيءَ ۾ حلاج ڪَتڻ وارن کي چوندا آهن. جيڪي ڪپهہ ڪتي بابيني يا ريل تي ويڙهين. هن جو ڏاڏو پارسي مذهب سان لاڳاپيل هيو ۽ ڪوري هيو.[39] منصور ٻارهن سالن جي عمر ۾ قرآن حفظ ڪيو. هن دين جي تعليم سهل شوستريءَ جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي. سهل شوستري ايران جو صوفي استاد هيو.[40] اهو ساڳيو وقت هيو جڏهن منصور کان فارسي زبان وسري وئي ۽ ان عربيءَ کي اظهار جو ذريعو بنايو. ويهن سالن جي عمر ۾ هو عراق جي شهر بصري ويو ۽ شادي ڪيائين. هڪ پنهنجي ساٿي معرفت ان قبيلي سان رابطو ڪيو جيڪو ان وقت بنو عباس جو مخالف هيو ۽ باغي تحريڪ جي اڳواٽي ڪري رهيو هيو. تحريڪ جو نالو ٿورت الزنج (Zang Rebelion) هيو. ان تحريڪ جو سرواڻ علي بن محمد هيو جيڪا ڪارن غلامن تي مشتمل هئي جن کي آفريڪا جي اوڀر وارن علائقن مان قيد ڪري غلام بنايو ويو هيو. اهي بنتو (Bantu) زبان ڳالهائيندا هيا ۽ کين زنج چيو ويندو هيو. اها بغاوت انهن جي آزاديءَ لاءِ هئي.[41] ان بغاوت جي نتيجي ۾ هزارين غلام ۽ انهن جا حامي ماريا ويا ۽ انت بغاوت جي ناڪاميءَ تي ٿيو. زنج بغاوت جا حامي شيعا هيا. منصور سني فڪر جو عالم هيو پر ان تي شيعا فلسفي جا اثر گهرا هيا.[42] زنج بغاوت جي ناڪاميءَ کانپوءِ هو جنيد بغداديءَ جي روڪڻ باوجود مڪي روانو ٿيو.

مڪي ۾ هڪ سال عبادت ۾ گذاريائين. مڪي مان موٽڻ ڪانپوءِ هن الفي پاتي ۽ صوفي عقيدي جو پرچار ڪيو.[43] انالحق جو نعرو هڻڻ ڪري ڪيس ڪافر ڪوٺيو ويو. هن جي جن مخالفت ڪئي اهي المعتزالا (Al_Mutuzila) فڪر جا ماڻهو هيا.[44] هن جا گهڻا مخالف پيدا ٿيا جن هن مٿان خدا جو انڪاري ۽ انسانن کي راهه تان ڀٽڪائيندڙ جا الزام هنيا. هو عراق ڇڏي ايران آيو ۽ اتي پنج سال گذاريائين. وري ٻيهر عراق ويو ۽ پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان اتي ئي مقيم ٿيو. هن مٿان ڪيترائي مقدما هليا. آخري مقدمو انڪري هليو ته سندن مٿان الزام هيو ته هن قرامطن جو ساٿ ڏنو. قرامطي جيڪي اسماعيلي هيا انهن مٿان زرتشت جو اثر هيو. انهن بنو عباس خلاف بغاوت ڪئي. انهن جو اڳواڻ ابو طاهر الجنابي هيو.[45] انهن ڪعبت الله تي حملو ڪري نقصان پهچايو. حجرِ اسود جي چوري ڪئي ۽ زم زم جي چشمي ۾ لاش اڇلائي ان جي پاڪيزگي مجروح ڪئي. اهو واقعو حج دوران 920ع ۾ پيش آيو.[46]

منصور مٿان قرامطن جو ساٿ انڪري ثابت ڪيو ويو ته سندس چوڻ هيو ته "ڪعبي چوڌاري ست طواف ڪان بهتر آهي ته دل چوڌاري هڪ طواف ڪجي." هن مٿان اهو الزام هيو ته هن انهن غريبن لاءِ جيڪي حج نه ٿا ڪري سگهن هڪ الڳ ڪعبو ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪيس عباسي خليفي مقتدر باالله (932_895ع) جي دور ۾ سر قلم ڪيو ويو. دجلا درياهه ڪناري اهڙو منظر هزارين ماڻهن ڏٺو. جتي هن کي منهن ۾ ڌڪ هڻي بيهوش ڪيو ويو ۽ اڏيءَ تي سِر رکي قلم ڪيو ويو يا ڦاهيءَ چاڙهيو ويو.[47]

منصور قرآني آيتون پڙهندو رهيو ۽ انالحق جو نعرو هنيو. ڦاهيءَ ڪانپوءِ سندن جسم ساڙيو ويو ۽ رک دجلا درياهه ۾ اڇلائي وئي. سندس پوئلڳن ڦاسيءَ واري جاءِ تي يادگار ناهيو. اهڙو يادگار 1920ع تائين هيو. ساڳي سال آيل ٻوڏ اهو يادگار مٽائي ڇڏيو.[48]

عقيدو بحث کان پاڪ هوندو آهي. جنهن فڪر ۾ بحث جي گنجائش هجي اهو عقيدو نه آهي. عقيدي ۾ اعتبار ۾ هٿيار ڦٽا ڪبا آهن. هار مڃي پاڻ کي پيش ڪرڻو پوندو آهي. ڇا مذهب مڪمل نه آهي؟ ڇا اولياءَ ان کي پنهنجي طريقي مڪمل ڪرڻ چاهين ٿا. مذهب جي نج معنا ۾ خدا جي حيثيت نج ۽ منفرد آهي. نه ان جهڙو آهي، نه ٿي سگهندو. انسان ڪوتاهين جو گهر آهي ۽ ڪوتاهيون هن جو ذاتي فعل آهن. ڇا خدا انسان ۾ رهي ان جي مونجهارن جو حل نه ٿيو آهي؟ خدا جيڪو هر شيءِ ڄاڻي ٿو ڪيس جيئن وڻي تيئن ڪري، ان ڌرتيءَ تي هڪ لک چوويهه هزار پيغمبر موڪليا، ڇا هڪ پيغمبر ڪافي نه هيو؟ پيغمبر وسيلو آهي ۽ رب مالڪ جنهن کي جيئن وڻي تيئن ڪري. انسانن جو امتحان ونٺو هيو ته عمل جو مالڪ پاڻ آهي. ڪو به ڪک سندس اجازت ڪانسواءِ نه ٿو چُري، ماڻهوءَ کي دوزخ ۾ وڃڻ جو ڪو شوق به نه آهي. جنت ڪير نه چاهيندو؟ جڏهن پاڻ قادر آهي ته پوءِ انسان ڏي ڪهڙو ڏوهه؟ ڪائنات جو چرخو پاڻ هلائي ٿو. چرخي ۾ هزارين پرزا آهن پر انسان واحد پرزو آهي جيڪو جلد خراب ٿئي ٿو.

خدا هڪ آهي جيڪر مذهب بہ هڪ هجي ها. مذهبن جي گهڻائيءَ ماڻهن جي مت منجهائي آهي. دنيا اندر وڏ ۾ وڏ ماڻهو مذهبي بنيادن تي ماريا ويا آهن. انسان جو الميو آهي، جيڪو مذهب سندس سلامتيءَ جو پيغام کڻي آيو. ساڳيو مذهب فساد جو سبب بنيو. قرآن ڪريم ۾ هر شيءِ واضح آهي. ان ۾ ڪو بہ ترميم نہ ٿو ڪري سگهي. ٻين مذهبي ڪتابن ۾ وقت جي تقاضائن ڪي سامهون رکي ترميمون ڪيون ويون پر قرآن ڪريم پنهنجي اصلي حالت ۾ موجود آهي. اسلام جي نج مذهبي فلسفي ۾ صوفيزم جي ڪا گنجائش نہ آهي. صوفي مذهب ۾ فلسفيانا ترميم ڪري ان کي وقت سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. صوفي اهڙن خيالن کي خدا ۽ مذهب سان ملائي ٿو. خدا ۽ مذهب ڪائنات جي هر شيءِ تي حاوي آهن. هر ڳالهہ اوڏانهن منسوب ڪرڻي آهي جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ ڳالهہ قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اها پراثر نہ رهندي. صوفي اهڙو مبلغ (Rhetoric) آهي جيڪو انسانيت جي حق ۾ مذهب جون معنائون بدلائي ان جي نج صورت (جنهن ۾ لچڪ جي ڪا گنجائش نہ آهي) کي نئون روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

جيڪڏهن انجيل، توريت ۽ زبور ۾ تبديليون نہ ڪيون وڃن ها تہ اهي مذهب ختم ٿي وڃن ها. گيليليو سچ ڳالهائي توبا تائب ٿيو پر سائنس پراڻن خيالن تي حاوي ٿيندي پئي وڃي. اسلام ۾ ترميم جي گنجائش نہ آهي. صوفي اڄ سڌي ريت ترميمن جا رستا کولي وقت جي ملان جو شڪار ٿئي ٿو. صوفي مذهب جي ڍهندڙ ديوارن کي سهارو ڏئي ٿو. صوفي خدا جي ڍال آهي.

صوفيزم ماڻهوءَ کي ڪامل انسان ڪوني ٿي. ڪيس خدا جو عڪس چوي ٿي. خدا دنيا اندر انسان جي روپ ۾ آيو. انسان ۾ سڀ خصلتون خدا جون آهن. ان حد تائين جو انسان پاڻ خدا آهي. چون ٿا جڏهن منصور جو سِر قلم ٿي رهيو هيو تہ ڪيس جلاد جي منهن ۾ خدا نظر آيو. وري ان جي برعڪس هڪ عيسائي فلاسافر جي دعا آهي تہ "اي خدا منهنجي ٻار کي پنهنجي ٻار کان بچاءِ."

دراصل اسين منجهيل ۽ ڪمزور آهيون. انسان جي اها حيثيت آهي ئي ڪونہ جنهن حيثيت جو ڪيس مالڪ سمجهيو وڃي ٿو. انسان مجبور ۽ نادار آهي. هو هر جاءِ رحم جو طلبگار آهي. جيڪڏهن ٿر ۽ اوپر آفريڪا جي ملڪن ۾ خوراڪ جي گهٽتائيءَ سبب مرندڙ ٻارن کي ڏسجي تہ خدا تان اعتبار ئي کڄي وڃي. جيڪڏهن ڪو شام، عراق ۽ يمن ۾ بي گناهہ مري ويل ٻارن جي جسم جا ٽڪر ڏسي تہ خدا کي ڳولهيندو رهجي وڃي. ڌرتيءَ جي سيني تي مذهب ۽ سياست ڪري جيڪي ظلم ٿيا آهن انهن ۾ خدا جو ڪهڙو ڪردار آهي؟ ڏنو وڃي تہ انسان کي ڏسي سڀ گناهہ توبا تائب ٿين ٿا. انسان تعريف جي لائق نہ آهي. انسان کان وڌيڪ ٻيا ساهوارا، جانور، پکي ۽ وڻ وڌيڪ امن پسند آهن. اهو ئي سبب آهي جو جنت جو تصور جانورن، پکين ۽ وڻن کانسواءِ نامڪمل آهي، دوزخ جو تصور خاص انسانن لاءِ آهي. صوفي انسان جي اندر کي تسلي ڏئي ٿو ۽ اها تسلي پليسيبو آهي.

❖

References:


1. **“ Arete / Agathon / Kakon ”**.
 G.B Kerferd. The encyclopedia of philosophy ( 1967 ). New York. Macmillan & the free press.
2. H. Jones . Master Tully :
**“Cicero in Tudor England”**
( Nieuwkoop : De Graaf . 1998 ).
3. Bruce W. Winte .
**“Philo and Paul among the sophists”.**
2nd . ed. Grand rapids : Wm.B.Eerdmans. 2002.
4. Dando – Collins , Stephen ( 2010 ).**“ The great fire of Rome : The fall of the emperor Nero and his city”.**
Cambridge , MA : DA Capo press.
5. Philostratus : **“The lives of the sophists”**
page 20. Trans , wright , wc Cambridge. Harvard university press. 1961.
6. **“ Homers Iliad and odyssey : The essential books ”**.
Oxford university press ( 2014 ).
7. Jarratt , Susan C. **“Re – reading the Sophists : classical rhetoric refigured”.**
Carbodale and Edwardsville : southern Illinois university press 1991.
8. Poulakos , John ,
**“Sophistical Rhetoric in classical Greece ”.**
Columbia SC : university of south Carolina press. 1995.
9. Plato ,
**“The Republic”**
493-a-e.
10. Shiappa , Edward. **“Protagoras and Logos”**
( University of south Carolina press 1991).
11. Gainer, Robert N (1997).
**“Philosophy & Rhetoric”.**
Pennsylvania: Penn State university press.p.1-12.
12. Qamar ul Huda (2003). **“Striving for Divine union: spiritual exercises for suhraward sufis”.**
Routledge Curzon.p.1-4.
13. Titus Burckhardt. **“Art of Islam: Language and meaning”.**
(Bloomington world wisdom.2009).p.223.
14. Editors.
**“Tariqa Islam”**.
Britannica. Com. Retrieved 2015.
15. Kabbani , Muhammad Hisham. (2004).
**“Classical Islam and the naqshband: Sufi tradition”.**
Islamic supreme council of America.p.57.
16. **“Khalifa Ali bin Abu Talib. Ali the father of Sufism”.**

Alim.org.retrieved 2014.

17. **“Taking initiation ( Bay’ah)”.**
The Naqshbandiyya Nizimiyya sufi order of America: Sufism and spirituality. Retrieved 2017.

**18. “Shaikh Tariq Knecht”.**
Journal of a sufi odyssey. Tauba press.

19. Qadri
**“Origin of Sufism”.**
Sufi way 2003.

20. Encyclopedia Britannica. Retrieved on August 2016.

21. Nasr. Hossein ( 1993 ).
**“An Introduction to Islamic Cosmological doctrines”**
suny press.

22. Rashid Ahmad Jullundhary.
**“Quranic exegesis in classical literature”.**
p.56. New well minister press.2010.

23. J.Spencer Trimingham,
**“The sufi order in Islam”.**
Oxford University press. 2015.

24. Seyyed Hossein Nasr.
**“Islam religion , history and civilization”.**
Harper , san Francisco 2003. (ch.I).

25. Dina Le Gall .
**“A culture of sufism Naqshbandis in ottoman world”.**
p.1450-1700.

26. **“Islam in the modern world**”.
by Seyyed Hossein Nasr.

27. **“The Jamaat Tableegh and Deobandis**”
by Sajid Abdul Kayum. Chapter I.

28. Lacey , Robert ( 2009 ).
**“Inside the kingdom , kings , clerics , Modernists , Terrorists and struggle for Saudi Arabia”.**
New York. Viking . p.9.

29. Tuba Boz.
**“Religious conversion : Models and paradigms , Epiphany”**
: journal of transdisciplinary studies . 2011, p.130.

30. Steingas , Francis Joseph
**“ Ishq”**
A comprehensive persian . English dictionary. Asia education services 1992.p.850.

31. **“Sufism , sufis , and sufi orders. Sufism many paths”.**
Uga.edu.2015.

32. **“Haykal”**.

About.com.14 Nov: 2011. Retrieved 23 Feb: 2012.

33. Affolter. Friedrich w. ( 2005 ).
**" The Bahais of Iran . war Crimes. Genocide"**
crimes against humanity.1 (I):75 – 114.

34. Hossein Nasr.
**"Sufi assays**"
.p.116 It is well known that Ibn Arabi from the point of view of his madhhab was sunni……

35. Chittick william C
**" Ebn al-Arabi , Mohyi-al-Din , Abu Abdulah Mohammad Ta l Hatemi "**.
Encyclopedia Iranica (1996): web.3 April 2011.

36. Little , John T ( January 1987 ):
**"Al Insan , Al . Kamil. The Perfect man according to Ibn-Al-Arabi".**
The muslim world. Hartford seminary. 77(1):43-54.

37. Fitzpatrick and walker
**"Muhammad in history through the culture".**

38. Zubair Ali Zai.
**"The takfeer of Ibn Arabi".**
Trans-Abu Khuzaimah Ansari. Muktabah Ashaabul Hadeeth,2009.

39. Jawaid Mojaddedi. **"Hallaj Abu , I, Mogid , Hosain b. Mansur b. Muhammad Bayzawi"**
encyclopedia Iranica.

40. Lous Massignon , Louis Gardet ( 1986 )
**"AL.HALLAJ"**
Encylopedia of Islam. 2nd ed. Vol.3 Brill.p.99-100.

41. Fields,Philip M. (1987).
**"The history of al-Tabari"**,
volume xxxvii : The Abbasid recovery. The war against the zanj ends. Albany , New York state university of New York press.

42. Furlonge , Nigel D ( 1999 ).
**"Revisiting the zanj and Re-visioning revolt. Complexities of the zang confilict".**
Negro history Bulletin. 62(4):7-14.

43. Louis Massign. Louis Gardet (1986) Al-Hallaj.
**"Encyclopedia of Islam".**
2nd edition vol-3.. Brill.p.101.

44. **"Ashariyya and Mutazila"**
muslim philosophy.com ( Neal Robinson ) 1998.

45. Madelung Wilfred
**" Karmati "**
Encylopedia of Islam , 2nd . ed , Brill . 2012.

46. **"Mecca's history"**.
form encyclopedia Britannica.

47. Massignon , Louis ( 1982 ).
**“The passion of al. Hallaj , Mystic and Martyr of Islam”.**
Princeton university press.
48. Qadri.
**“Origion of Sufism”**
2012 - p.238.

❖

# شيطان ۽ پليسيبو

(Satan and Placebo)

شيطان تاريخ ۾ پراڻو لفظ آهي. ان جو توريت ۾ ذڪر آهي. جنهن جو مفهوم آهي، "دشمن". ان جو ذڪر دينِ ابراهيميءَ جي سيني ڪتابن ۾ آهي.(1) قرآن ڪريم ۾ شياطين جو ذڪر آهي ۽ ابليس جو لفظ خاص وڏي شيطان لاءِ آهي.(2) ابليس باهہ مان ٺهيل آهي. اهو فرشتو هيو. ان خدا جي حڪم جو انڪار ڪندي آدم کي سجدو نہ ڪيو. جڏهن خدا آدم کي خلقيو تہ چيو "هن اشرف المخلوقات کي خلقيو آهي" فرشتن جواب ڏنو. "ڇا اهو ڌرتيءَ تي بدامني نہ ڦهلائيندو رت نہ وهائيندو؟" خدا سجدي جو حڪم ڪيو. سڀ فرشتا جهڪيا سواءِ ابليس جي، جنهن چيو "مان باهہ جي پيداوار، ان مٽيءَ کان مٿي آهيان."(3) ابليس خدا کان اجازت ورتي تہ هو اهو ثابت ڪندو تہ انسان کان بهتر آهي.(4)

الطبريءَ کان روايت آهي تہ جِنَ ابليس جو قبيلو آهن. ابليس کي باهہ مان خلقيو ويو ۽ جن باهہ جي روشني آهن، جيڪي پڻ باهہ جو حصو آهن.(5)

عبدالله ابن عباس، الطبريءَ جي تائيد ڪئي آهي، چيو آهي تہ ابليس سيني فرشتن کان ممتاز هيو، ڪيس جنن جو قبيلو هيو. جن روشنيءَ ڪري نظر نہ ٿا اچن.(6)

ابليس جي اصليت جي باري ۾ مختلف رايا آهن. منصور الحلاج موجب ابليس فرشتو هيو، جيڪو نافرمانيءَ ڪانپوءِ بہ عرش تي فرشتن کي نيڪيءَ جي تعليم ڏيندو هيو ۽ ڌرتيءَ تي انسانن ۽ جنن کي بديءَ جو سبق پڙهائيندو هيو. ان جو سبب اهو هيو تہ جيئن انسانن ۽ جنن کي برائين جي ڄاڻ هوندي ڇڱائين جي تميز ٿئي ۽ اهي سچ ۽ ڪوڙ ۾ تفاوت ڪري سگهن.(7)

حسن البصري (728_642ع) کان روايت آهي تہ ابليس اڳ ۾ ئي جن هيو. خدا جي نافرمانيءَ ڪانپوءِ هو پهريون جن هيو جنهن جنن کي جنم ڏنو، جيئن آدم پهريون انسان هيو جنهن انسانن کي جنم ڏنو.(8)

صوفيزم ۾ ابليس متعلق اهو خيال آهي تہ هو ڪڏهن خدا جو سچو عاشق هيو. منصور الحلاج کان روايت آهي تہ حضرت موسيٰ جڏهن طورسين جبل تي خدا سان ملڻ وڃي رهيو هيو تہ ڪيس رستي ۾ شيطان مليو. هن شيطان کان سوال ڪيو "تون آدم کي سجدو ڇو نہ ڪيو؟" شيطان جواب ڏنو. "اهو خدا جو حڪم نہ هيو پر امتحان هيو. تہ ڪير ان سان سچي محبت ڪري ٿو. مان يا انسان؟ مان جيڪو خدا سان انڪري محبت ڪيان ٿو جو جنت جي لالچ نہ آهي ۽ انسان جنهن کي جنت جي لالچ آهي." ابليس چيو "هو دوزخ ۾ وڃڻ پسند ڪندو جيڪڏهن خدا ڪانسواءِ ٻئي کي سجدو ڪندو.(9)

روميءَ کان روايت آهي ته ابليس ڪاٺو آهي. جنهن هڪ اک سان ڏٺو ته آدم مٽيءَ جو هيو ۽ ٻئي اک اهو نه ڏسي سگهي ته ان ۾ خدا جو روح پيل آهي. اهو نه سمجهي سگهيو ته آدم جي هيٺ ڇا آهي؟[10]

عفريتن جو تصور شيطان ۽ جن کان ٿورو مختلف آهي. عفريت کي خوفناڪ غيبات سڏيو ويو آهي. اها باهه مان ٺهيل مخلوق آهي جنهن کي پر آهن. اهي سنسان جاين ۽ کنڊرن ۾ رهن ٿا ۽ انهن جو چڱو مڙس ٿئي ٿو. اهي پاڻ ۾ شاديون ڪن ٿا پر ڪڏهن انسانن سان به شادي ڪن ٿا. هٿيارن جو انهن تي اثر نه آهي، پر اهي آيتن جي اثر هيٺ آهن ۽ ڪين آيتن سان ڪمزور ڪري ماري سگهجي ٿو.[11] عفرتون به جنن جيان خدا جي احڪامن کي مڃيندڙ يا نافرمان آهن. ڪڏهن عفرتون قتل ٿي ويل ماڻهوءَ جو روپ ڌاري قاتل کان بدلو وٺڻ ايندبون آهن.[12]

لوڪ داستان ۾ عفرتن جو ذڪر آهي. الف ليلا ۾ "ڪنيز ۽ شهزادي" ۾ عفرتون شهزاديءَ کي اغوا ڪن ٿيون. شهزادو ان کي ڳولهي لهي ٿو. عفرتون شهزادي کي پولو بنائي ڇڏين ٿيون.[13] عفرتون شيطانگيري به ڪن ٿيون. اهي مختلف روپ ڌاري سگهن ٿيون. اهي ڪڏهن آنڌي يا طوفان جي صورت ۾ اچن ٿيون.[14]

پراڻي مصر ۾ شيطان کي "آپيپ" چيو ويو آهي. آپيپ جنهن کي ديوتا جو درجو حاصل هيو اهو روشني ۽ سچ جو دشمن هيو.[15]

عيسائيت ۾ شيطان کي سيطان (Satan) ڪوٺيو ويو آهي. جيڪو خدا جو فرشتو هيو. جنهن ڪيترن ئي پاڻ جهڙن فرشتن سان بغاوت ڪئي. شيطان نانگ جي روپ ۾ حوا وٽ ويو ۽ ان کي گمراهه ڪيائين ته اها آدم کي ڪڻڪ جو داڻو کارائي. آدم حوا جي چوڻ تي ڪڻڪ کاڌي ۽ جنت مان نيڪال ٿيو. (بائيبل)

ٻڌ ڌرم ۾ شيطان کي "مارا" چيو ويو آهي. مارا انسان کي عبادت کان روڪي ٿو. اهو برائيءَ کي سهڻو روپ ڏئي ٿو. گوتم ٻڌ کي مارا هڪ سهڻي عورت جو روپ ڌاري گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.[16]

يهوديت ۾ شيطان جو تصور اسلام ۽ عيسائيت وانگر آهي. "ڏاهپ جي ڪتاب" موجب موت شيطان جو خلقيل آهي. شيطان نيڪي ۽ بديءَ جو سنو چيد ڪندو آهي. شيطان کي "ماسطيما" پڻ چيو ويو آهي جنهن حضرت ابراهيم کي قربانيءَ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.[17]

يزيدي مذهب جيڪو اسلام کان پهريون جو آهي ۽ جنهن تي پارسي ۽ ابراهيمي مذهبن جو اثر آهي. ان ۾ شيطان کي "طائوس الملڪ" چيو ويو آهي. ان عقيدي موجب شيطان "طائوس" مور وانگر آهي. خدا "هفت سِرِ"، ست پاڪ نفس ناهيا ۽ ڪائنات جو نظام انهن حوالي ڪيو. طائوس الملڪ انهن مان هڪ هيو جنهن خدا جي نافرماني ڪئي.[18]

پارسي عقيدي موجب شيطان کي اهرمن چيو ويو آهي، جيڪو انسان کي غلط رستو ڏيکاري ٿو. اهرمن ۽ آهورا مزدا ٻاهر نه آهن پر اهي انسان جي اندر آهن. آهورا مزدا نيڪيءَ جو رستو ڏيکاري ٿو.(19)

## شيطان تي طنزيا ۽ مزاحيا خاڪو:

خدا انسان کي فيصلي جي قوت ڏني ته شيطان جو مقابلو ڪري سگهجي. اهڙي مقابلي ۾ انسان هارايو آهي، سواءِ انبيائن ۽ اوليائن جي جن نفس کي قابو ڪيو. انسان ديني ۽ دنياوي طور امتحانن ۾ الجهيو پيو آهي. دنياوي طور گهر، ٻار ۽ روزگار جا مسئلا، ديني طور نيڪي ۽ بديءَ جا مسئلا، دنيا کي راضي ڪر ته دين ناراض، دين کي راضي ڪر ته دنيا ناراض، وڪٽرهيوگو جي "لامزربل" ۾ ماٺهو ڀُڪيو چورائي پوري زندگي پوڳي ٿو. ناول جا ٻارهن جلد بالزاڪ لکي سگهي ٿو. مون ۾ طاقت نه آهي. مون لئي توبه ڪافي آهي، جيئن گناهه ڪري جان ڇڏائي سگهان. مون کي پڪ آهي ته ان وقت ماٺهن بالزاڪ جا ٻارهن جلد پڙهي ضرور توبه ڪئي هوندي. بک لڳي ته ڀُڪيو چورائڻ ڏوهه نه آهي پر ڪواٽي جي ٻوري ڪٽي وجي ته ڪيس اهو سوچي شرم اچڻ گهرجي ته پويان ڇا کائيندا؟ اها فرانس جي ڳالهه آهي. شڪر آهي اسان وٽ بڪايل پنندا آهن. شيطان چوريون ڪرائيندو آهي. پنائيندو نه آهي. شيطان پنائيندو انهن کي آهي جن کي ٽڪر جي ضرورت نه هوندي آهي.

مرشد منصور الحلاج ابليس کي اشرف الملائڪ چوي ٿو جنهن انسان کي انڪري سجدو نه ڪيو جو انسان مفاد پرست ۽ لالچي آهي. عبادت بدلي جنت جو طلبگار آهي. ڏنو وڃي ته هر شيءِ دنياداري آهي. هيءُ جهان به وڪامي ٿو ۽ هو جهان به خريد سگهجي ٿو. هڪ فلسفيءَ موجب خدا ان وٽ آهي جنهن وٽ پئسو آهي. منصور الحلاج غريبن جو ڪعبو ناهيو ڇو جو انهن وٽ مڪي وڃڻ جي حيثيت نه هئي. وري سهولت پيدا ڪئي ۽ چيو ته دل ڪعبو آهي. خدا دل ۾ رهي ٿو. ڪنهن جي دل نه ڏکايو. خدا ناراض ٿي ويندو. شيطان وقت جي حڪمران المقتدر کي پڙڪايو. ان جي اندر ۾ اها ڳالهه وڌي ته منصور جي من ۾ شيطان گهري ويو آهي. منصور سوليءَ تي لڙڪي ويو.

شيطان سچ به آهي ته شيطان ڪوڙ به. فرشتا تماشو ڏسن ٿا ۽ دنيا ۾ شيطان سان شيطان جو مقابلو جاري آهي. شاهنامي ۾ ڏنل شيطان جي تصوير ۾ ڪيس ڏاڙهي آهي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته انسانن هوندي شيطان کي ڏاڙهيءَ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ دراصل ڏاڙهي شيطان کي معزز بنائي ٿي. شيطان معزز هوندو ته سندس ڳالهيون اثرانگيز هونديون. وڏين مڇن وارا لوفر لڳندا آهن. پل اٺوهين صديءَ جا سائنسدان چو نه هجن. شيطان ڪان وڏيڪ وارن کي اهميت آهي. چون ٿا عاشق جي سيني تي ڏاڙهيءَ جيڏا وار هوندا آهن. ملان ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندو آهي ۽ عاشق سيني تي. چون ٿا چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک. اها ڳالهه غلط آهي ڇو جو چور ٻتون ٻڌندا آهن. انهن جي ڏاڙهي ڍڪيل هوندي آهي. ڪک ڏاڙيل جي ڏاڙهيءَ ۾ هجڻ گهرجي، ڇو جو ڏاڙيل ٻتون نه ٻڌندا آهن. پر ڏاڙيل جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک

ٺهي ڪونہ ٿو. ڇو جو ڏاڙيل اتي نہ ويندا آهن جتي ڪڪ هجن. اتي شيطان ويندو آهي ۽ ڪکن کي باهہ ڏيندو آهي جيئن ڪکن ۾ رهندڙ نفرت ۽ ڪيني ۾ سڙي مرن.

شيطان جي عظمت کان انڪري انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ اهو دنيا جو حڪمران رهيو آهي. سڀ کان پهريون سياست تي ڪتاب شيطا جو لکيل آهي. جيڪو بابل جي بادشاهہ همورابي عيسا کان ارڙهن سوَ سال اڳ باهہ ڏئي ساڙيو هيو. ان ڪتاب جي رک دنيا جي انت تائين اڏامندي رهندي ۽ سياستدانن جي منهن کي شرف بخشيندي رهندي. شيطان هوندي انسان کي فڪر جي ضرورت نہ آهي. ڇو جو شيطان هر ڪيل گناهہ جو الزام پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار آهي. گناهہ ڪري پڪڙجڻ ڪانپوءِ پيو ڪو جواب نہ هجي تہ چئي سگهون ٿا. "شيطان جي چوڻ ۾ اچي ويس." مذهب شيطان جي گواهي ڏين ٿا ۽ شيطان آهي. جيڪو شيطان کي نہ ٿو مڃي اهو دين کان خارج آهي.

شيطان ايڏو طاقتور آهي جو ان کان پناهہ جي دعا خدا جهڙي عظيم هستيءَ کان گهرڻي پوي ٿي. لوسي لبِاڙيءَ کي ٿڦ هڻي پڇائي سگهجي ٿو پر شيطان... توبهہ! هر توبهہ ڪانپوءِ سامهون بيٺو آهي. نہ شرم نہ حياءُ، شرم واري ماڻهوءَ کي ڏسي ڪو بي گناهہ توبهہ ڪندو تہ اهڙو ماڻهو سالن جا سال وري منهن نہ ڏيکاريندو. شيطان وڏو نود آهي. ماڻهوءَ سان ائين ڳنڍيو پيو آهي ڄڻ پاڻ ماڻهو هجي.

شيطان سُر آهي، شيطان ساز آهي، حسن شيطان آهي، مدهوشيءَ جو نالو شيطان آهي. چون ٿا نيڪي ۽ بدي پاڻ ۾ ڀينر آهن. پيدائشي طور انهن جي پٺي مليل آهي. هڪ جو منهن هڪ پاسي تہ ٻئي جو منهن ٻئي پاسي آهي.

پارسي عقيدي موجب اهرمن ۽ آهورا مزدا هڪ ٻئي کانسواءِ نامڪمل آهن چين جا يان ۽ ين هڪ ٻئي ۾ قائل آهن.

ڏوهہ ڪري شيطان کي بددعا ڏئي سگهجي ٿي پر بددعا جو شيطان تي ابتو اثر ٿيندو. شيطان کي بددعا ڏيڻ ڏوهہ قبولڻ آهي. ڏوهہ ڪري شيطان کي دعا ڏيو جيئن شيطان محسوس ڪري تہ اهو ڏوهہ نہ هيو پر ڏوهہ هن کان ٿيو. طورسينا تي خدا سان ملاقات کان اڳ شيطان سان ملاقات موسيٰ ڪري سگهي ٿو. شيطان ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي جج سان ملاقات ڪري تہ انسانن مٿان ڏوهن جا بار لهي پون. پر مونکي هڪ عالم ٻڌايو هيو تہ هر مقدمي کان اڳ اهڙي ملاقات ٿيندي آهي ۽ جج کي ڏوهہ جي ثابتي ملندي آهي.

سڄي ڪلهي تي ملائڪ ۽ کٻي ڪلهي تي شيطان ويٺل آهي. جيڪي هڪ رجسٽرر ۾ ثواب ۽ گناهہ درج ڪن ٿا. ننڍي هوندي بيمار هوندو هيس ڪڏهن کٻو ڪلهو لڙڪندو هيو تہ ڪڏهن سڄو ڪلهو. پڇندا هيا، "ڇو ڀلا سڄو ڪلهو هيٺ لهي آيو اٿئي؟" جواب ڏيندو هيس "ثوابن جو وزن وڌي ويو آهي." ڪڏهن پڇندا هيا "ڇو ڀلا کٻو ڪلهو هيٺ لهي آيو اٿئي؟" چوندو هيس "گناهن جو وزن وڌي ويو آهي." ڪڏهن ٻئي ڪلها برابر بہ هوندا هيا پر اهو ڪڏهن ڪنهن نہ پڇيو. انسان اهڙي تارازي آهي جنهن جا وٽ ڪوٽا آهن پر خدا وٽ بہ اهڙي تارازي آهي جيڪا ڪوٽي ۽ کري جو فرق

ڪندي، انسانن جا وٽ شيطان جا گهڙيل آهن. اهي وتائي فقير وارا وٽ نه آهن. ماڻهو وٽ ڪندا آهن. وتائي کي ڪنهن ٻڌايو ته آخرت ۾ اهي وٽ توري ثواب ملندو. وتايو وڏي جبل تي ويو ۽ جبل سان وٽ ڪيائين. پوءِ مٿي منهن ڪري چيائين:

"وينو تور"

سنڌ ۾ شطان چڙو وتائي فقير کان ڊڄندو هيو. سوچيندو هيو سڀ وتايا ٿي ويا ته ڪير ڪگهندو؟ ماڻهو مَستَ ٿيندا ئي تڏهن آهن جڏهن شيطان جي اثر ۾ نه هوندا آهن. ماڻهوءَ جي مستي ختم ٿيندي آهي ته شيطان مست ٿيندو آهي. شيطان جي اهڙي مستيءَ ۾ گهڻن جا گهر تباهه ٿيندا آهن. عزتون برباد ٿينديون آهن. ذلتون نازل ٿينديون آهن. جنگيون لڳنديون آهن ۽ بم ڦاٽندا آهن.

شيطان "پچ ته چٽيون" آهي. ڪا عورت مٿي تي چاڏيءَ ۾ ڏڌ مکڻ کنيو پئي وئي رستي ۾ شيطان مليس. مائيءَ کي کٽيءَ کنيو چيائين "ابا پوڙهي آهيان هيءَ چاڏي ته کڻائي هل" شيطان وڏي خوشيءَ سان ڳالهه قبول ڪئي. مائيءَ چاڏي لاهي شيطان جي ڪلهي تي رکي. مائيءَ نالو پڇيس جواب ڏنائين "پچ ته چٽيون"

شيطان چاڏي ڪلهي تي رکي تيز هلندو پوڙهيءَ کان گهڻو اڳتي نڪري ويو. پويان مائيءَ رڙ ڪيس "او...ابا... پچ ته چٽيون"

مائيءَ جو چوڻ شيطان چاڏي کڻي هيٺ اڇلي جيڪا پڄي پئي ۽ مکڻ چٽڻ ويهي رهيو. مائيءَ هاءِ گهوڙا ڪندي چيس "هيءُ ڇا ڪري ڇڏيئي ڏوڙ پوئي."

شيطان مکڻ چٽيندي چيس "مائي پاڻ ته چئي پچ ته چٽيون"

ان ڳالهه مان اهو سبق ملي ٿو ته هر ماڻهو پنهنجي گناهن جي چاڏي شيطان جي ڪلهن تي رکي ٿو. اهڙي طرح هڙ حاصل ڪيل مکڻ ماڻهوءَ کي نصيب نه ٿو ٿئي.

صوفين اڻ سڌي طرح شيطان جي تعريف ڪئي آهي. چيو آهي ته ابليس آدم کي انڪري سجدو نه ڪيو جو مشرڪ ٿيڻ نه پئي چاهيو. خدا شيطان کي سزا نه ڏني پر ڏنڊ وڌو ته هو انسانن کي بديءَ جو روپ ڏيکاري جيئن نيڪيءَ جي تميز ڪري سگهن. هر مذهب ۾ فرقي جا پنهنجا تصور آهن. مذهبن جي مختلف ڪتابن ۾ شيطان جي ٺهيل تصويرن ۾ فرق آهي. يهودي ۽ عيسائي مذهب جي ڪتابن ۾ شيطان جي ٺهيل تصوير ڏسو ته ڏسي نه سگهو. ڪارو، چمڙي جهڙا پَر، ڊگهو نڪ، سنهين آڱرين تي وڏا ننهن، بڇڙو نفرت انگيز. سڀ کان خوفناڪ تصوير هندو مذهب جي آهي. جنهن ۾ سندس وڏن ڏندن واري شڪل ۾ اڳيون پويون ڪٺرون ڪيو ڇڏيون اٿن. شاهنامي ۾ ڏنل شيطان جي تصوير ڏسو ته ڏاڙهيءَ سان جبو پائي جڻ داعش جو ماڻهو بم ٻڌي ڦاٽڻ پيو وڃي.

ڪائنات جو قادر پاڻ ڪريم آهي. سندس پيدا ڪيل هر شيءِ حڪمت سان پريل آهي. جتي هن انسان خلقيا اتي فرشتا، جن ۽ شيطان خلقيا. سو هر حال ۾ خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽

شڪر آهي جو هن شيطان کي خلقيو جو انسان کي نيڪين جي سڃاڻ ٿي. شيطان نہ هجي ها تہ نيڪين جو قدر ڪير ڪري ها. ڪڙو ذائقو مٺاڻ جي وصف آهي.

شيطان انسان ۾ اندر هجي يا ٻاهر. انسان لاءِ آٿت ۽ اطمينان آهي تہ هن جي گناهن پويان شيطان آهي. جيئن تہ شيطان انسان کي ڀلائي ٿو انڪري شيطان کي ڏوھ ڏئي سگهجي ٿو تہ ڪيل ڏوهن پويان ان ڏوهيءَ جو هٿ آهي. انسان هر حال ۾ مجبور ۽ نادار آهي. دنيا پتلين جو رونشو آهي. ڏور مالڪ جي هٿ آهي. جيئن وٽيس تيئن ڪري کلائي، رئاري، نچائي، جياري يا ماري، ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

نيڪي پليسيبو بدي پليسيبو شيطان پليسيبو سڀ پليسيبو آهي.

❖

References:


1. Bamberger , Bernard J ( 2006 ).
   **“Fallen angels: soldiers of satan’s realm”**.
   Jewish publication society of America.
2. Mirza Yawar Baig.
   **“Understanding Islam. 52 Friday lectures : key to Leveraging the power of Allah in your life”.**
   ( standard bearers academy . 2012 ).p.57.
3. Quran 2:34
4. M.Houtsma. EJ.
   **“Brills first encyclopedia of Islam”.**
   1913-1936. Band 5, Brill 1993.page.191.
5. Amira.El-zein.
   **“Islam , Arabs and intelligent world of the Jinn”**.
   Syracuse university press.2009.page-46.
6. Brannon M. wheeler
   **“Prophet in the Quran: An introduction to the Quran and muslim exegesis”**
   A&C black , (2002).p.16.
7. Johan Ryan , Haule Tantra. Volume one.
   **“Outer work”**
   – fisher king press 2012.p.160.
8. Patrick Hughes , Thomas.
   **“Dictionary of Islam”** ,
   Asian education services. 1995.p.135.

9. Joseph E.B, Lumbard.
**“Ahmed - Al – Ghazali Remembrance and the metaphysics of love”.**
Sunny press .2016.page.111
10. William C . Chittick.
**“The sufi doctrine of Rumi”**
world wisdom. 2005.
11. Huges , Thomas Patrick.
**“Dictionary of Islam”.**
Asian educational services. 1995 “Genii”.p.133-136.
12. Valey Rees.
**“From Gabriel to Lucifer : A cultural history of angels”**.
I.B. Tauris . 2013.page.91
13. Matti Moosa (1987).
**“Extremist Shiites: The Ghulat sects”**.
Page.69
14. Leon Hale ( 2002 ).
**“Arabic mythology in worth revisiting”**
Houston chronicle.
15. Zechariah 3 : 1
16. **“Mara’s daughter”**
( Bodhi , 2000.p.217.20 ) . as well as sn 385 ( Saddhatissa, 1998.page.98).
17. **“The old enemy: satan and the combat myth”**,
Neil Forsyth ( Princepton New Jersey-1987 )
18. **“ What is the peacock angel ”?**
Yezidi Truth org. Retrieved 31 Aug : 2014.
19. Duchesne – Guillemin Jaques ( 1982 )
**“ Ahriman ”**.
Encyclopedia Iranica , I , New York. Routledge and kegan Paul .p.670-73.


❖

# يوٽوپيا ۽ پليسبو

(Utopia and Placebo)

يوٽوپيا يوناني زبان جو لفظ آهي جنهن ۾ “يو” معنا “نہ” ۽ “توپيا” معنا “جاءِ” آهي. انڪري لامڪان آهي.(1)

يوٽوپيا سرٿامس مور (1478_1535ع) جو ناول آهي جيڪو هن 1516ع ۾ لکيو.(2) هو برطانيہ ۾ وڪيل هيو ۽ فلسفي تي ڪم ڪيائين. يوٽوپيا هڪ خيالي ٻيٽ آهي. اهو تصوراتي ٻيٽ ايٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪريبين ۾ جاٽايل آهي. جنهن کي مثالي ڪري پيش ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن اهڙي قسم جو نظام رائج هجي تہ سڀ ماڻهو خوش ۽ سکيا تي سگهن ٿا. اتي حڪومت ڪندڙ بادشاهہ جو نالو يوٽوپس آهي. ان کان اڳ افلاطون جو ڪتاب رياست (Republic) يوٽوپيا جو مثال آهي. اهو ڪجهہ مڪالماتي، ڪجهہ افسانوي ۽ ڪجهہ حڪومت جي طريقڪار متعلق آهي. ان ۾ شهرين کي سون، چاندي، ٽامي ۽ لوهہ جي ذاتن جيان چئن طبقن ۾ ورهايو ويو آهي. سورهين عيسوي صديءَ ۾ سر ٿامس مور اهڙو ئي خيال سامهون رکي يوٽوپيا لکيو. سر ٿامس مور جو لنڊن ۾ سياسي قتل ڪيو ويو.(3)

سر ٿامس مور جو اهو ناول هڪ سياح جي مشاهدن تي مشتمل آهي. رافيل نالي هڪ سياح اهو قصو بيان ڪري ٿو تہ ان هڪ اهڙو ٻيٽ ڏٺو آهي جتي ماڻهو خوشحال ۽ امن امان سان زندگي گذارين ٿا. اهو سرسبز ۽ صاف سٿرو آهي. عورتن ۽ مردن کي هڪجهڙا حق حاصل آهن. وڪيل انڪري نہ آهن جو قانون جي حڪمراني آهي. ذاتي ملڪيت تي پابندي آهي. مذهب ضروري آهي پر اهو بائيبل وارو مذهب نہ آهي. تعليم تي سڀني جو هڪ جيترو حق آهي. جيڪڏهن ڪو انسان بيماري يا ڪنهن ٻئي ناقابل برداشت پيڙا مان بيزار ٿي مرڻ چاهي (Euthanasia) تہ ڪيس اجازت آهي.(4)

سوشلزم جو تصور يوٽوپيا ئي خيال آهي.(5) ڪن جو چوڻ آهي تہ ٿامس مور اهڙو تصور انگلينڊ لاءِ پيش ڪيو جيڪو ان معاشري جو تنقيدي خاڪو هيو تہ ملڪن کي ائين نہ هجڻ گهرجي جيئن آهن پر ائين هجن گهرجي جيئن يوٽوپيا جو تصور آهي. تن ڏينهن انگلينڊ ۾ زندگيءَ جو معيار ڪريل هيو.(6)

ماحولياتي فڪر (Ecology) موجب يوٽوپيين سماج ماحول کي متاثر ٿيڻ نہ ٿو ڏئي. انسان ماحول کي بگاڙي تہ، ماحول انسان کي بگاڙي ٿو.(7) ماريس ڊي گيوس اهڙي خيال کي سامهون رکي سائي سياست (Green Politics) جو تصور ڏنو آهي.(8) سائي سياست ۾ ماحولياتي ترقي، عدم تشدد، انصاف ۽ اهڙي جمهوريت جو تصور ڏنل آهي جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ کتل هجن.(9)

يوٽوپيا جي تصور اوڻويهين صديءَ ۾ يوٽوپين سوشلسٽ پيدا ڪيا، جن موجب مساوات، پئسي تي بندش، عوام کي پنهنجي قابليت مطابق ڪم ڪرڻ جي اجازت هجڻ گهرجي. وقت بچي ته اهي اهڙو وقت آرٽ ۽ سائنس کي ڏين. ان دور ۾ اهڙن ئي سوشلسٽ يوٽوپين جا ڪتاب ملن ٿا. جن ۾ "بلاميءَ" جو "پوئتي نظر" ۽ "وليم مورس" جو "لامڪان کان خبر" شامل آهن. ڪارل مارڪس (1818_1883ع) اهڙن ڪتابن تي تنقيد ڪئي آهي. ڪارل مارڪس جرمن هيو جنهن ڪميونزم جو نظريو پيش ڪيو.[10] 1905ع ۾ ايچ جي ويلز جو ناول جديد يوٽوپيا آيو. اهو ڪتاب گهڻو بحث هيٺ رهيو.[11]

سياست ۾ گڏيل ثقافتي يوٽوپيا جو تصور ڏنل آهي. عالمي امن تڏهن قائم ٿيندو. جڏهن دنيا ۾ مختلف ثقافتن کي گڏ ڪري گڏيل ثقافتي معاشرو قائم ٿيندو.[12] جڏهن خروشيف سوويت يونين ۾ برسر اقتدار هيو. ان دور ۾ عوام کي ڪجهه آزادي ڏني وئي. سنسرشپ کي نرم ڪيو ويو ۽ ڪجهه پابندين کي هٽايو ويو.[13] انهن ڏينهن ۾ ايوان ايفريموف، اينڊرو ميڊيا نالي 1957ع ۾ ناول لکيو. ان ناول ۾ ڪهڪشان (Galaxy) کي سامهون رکي اهڙي مخلوق جو تصور ڏنو جنهن ۾ هن انسان جي آزاد خياليءَ تي زور ڏنو.[14]

جيمس هيرنگٽن 1656ع ۾ اشتراڪي سمنڊ (Common wealth ocean) ۾ گڏيل دولت جو يوٽوپيائي ذڪر ڪيو. اهڙي معاشري جو تصور ڏنو جنهن ۾ ملڪيت حڪومت جي هٿ هيٺ هوندي ۽ اها عوام جي ضرورتن مطابق خرچ ڪئي ويندي. اهڙي خيال کان متاثر ٿي آمريڪا جيڪو تنهن وقت برطانيا جي قبضي ۾ هيو اتي ريپبلڪنز ٽن رياستن ۾ اهڙو نظام نافذ ڪيو.جن ۾ ڪيرولينا، پينسلوينيا ۽ جارجيا شامل هيون. آمريڪا ۾ اهي پهريون يوٽوپيائي رياستون هيون جن ۾ زمين برابريءَ جي بنياد تي هارين کي ورهائي ڏني وئي ته اهي آباد ڪن ۽ محنت جو ڦل کائين پر اها زمين انهن جي ملڪيت نه هوندي. وڪڻي نه سگهندا ۽ نه اولاد کي ورثي ۾ ڏئي سگهندا.[15] ساڳيو نظام آمريڪا جي آزاديءَ کانپوءِ ٿامس جيفرسن جي ڏينهن تائين جاري رهيو ۽ پوءِ ان ۾ سنا سڌارا ڪيا ويا.[16]

1960ع ۾ اهڙي گڏيل معاشري (Communes) گهڻن کي متاثر ڪيو. هپي ثقافت انهن ڏينهن جي پيداوار آهي. هپين پنهنجو اهڙو ئي الڳ معاشرو ناهيو هيو جتي هر قسم جي آزادي هئي. اهي آبادين کان پري پيار ۽ امن سان رهندا هيا. انهن وٽ منشيات جائز هئي ۽ پنهنجو قانون هيو.[17] ڪالي فلاور معاشرا به هيا جيڪي 1967ع کان 1973ع تائين رهيا. جتي ڪميونزم جهڙو نظام هوندو هيو. ڪالي لفظ هندو عقيدي جي ڪالي ماتا مان ورتو ويو هيو.[18]

يوٽوپيائي سائنس جو موجود فرانسس بيڪن (1561_1626ع) آهي. ان جي ڪتاب نيو ايٽلانٽس ۾ سائنس ۽ ٽيڪنولاجيءَ جي اهميت تي زور ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته الهامن ۽ عقيدن

مان سائنس جي تصوراتي خيالن کي تجربي جو عملي جامو پارائڻو پوندو.[19] هن جي يوٽوپيائي خيال موجب سائنس هر شيءِ بدلائي وجهندي، انسان کي پيڙا ۽ موت کان ڇوٽڪارو ملي سگهندو.[20]

يوناني شاعر هيسٽائيڊ عيسا کان اٺ سوَ سال اڳ پنهنجي هڪ طويل نظم ۾ يوٽوپيائي سونهري دور جو ذڪر ڪيو آهي. سندس چوڻ هيو ته، هن دور کان اڳ چار دور گذريا آهن جن مان پهريون روز سونهري دور هيو. جارج ايلس (1815_1753ع) انگريزي شاعر هيو جنهن هڪ اهڙي ئي يوٽوپيائي شهر جو نقشو بيان ڪيو آهي. جنهن جا روڊ ڪيڪن جا يون پيسٽرين جون ۽ اڏاوت ڪاڏي پيٽي جي شين سان هئي، دوڪان ڪليل هيا جن جو ڪو مقصد نه هيو.[21]

چين جي شاعر تائو پمنگ عيسا کان پنج سوَ سال اڳ هڪ نظم "بهار ۾ آڙن جو ڦلهار" (Peach Blossom Spring) لکيو. ان ۾ يوٽوپيائي ڳوٺ جو ذڪر آهي. جنهن ۾ هڪ مهاڻو نديءَ ۾ ونجهه هڻندو تمام اڳتي نڪري وڃي ٿو. بهار جي مند آهي ۽ آڙن جا وڻ گلن سان ڀريل آهن. جڏهن ندي ۾ اڳتي وڌندو اچي ٿو ته ندي سوڙهي ٿي وڃي ٿي. هو وهڪري مان ٻئي پاسي وڃي ٿو ته هڪ ڳوٺ آهي جنهن ۾ ماڻهو امن ۽ پيار سان رهن ٿا. اتي زرخيز زمين ۽ پوکون آهن. شهتوتن جا وڻ آهن. بانس جا گهاٽا ٻيلا آهن. اتي هر عمر جا ماڻهو رهن ٿا ۽ گهر قطارن ۾ آهن. اتان جا رهاڪو ٻڌائين ٿا ته سندن وڏا ڦن (Qin) بادشاهه جي ڏينهن ۾ ان جي ظلم کان تنگ ٿي اتي آيا هيا. انهن ڏينهن کان پوءِ سندن رابطو ٻاهرين دنيا سان نه رهيو آهي.[22] انهن کي جن (Jin) بادشاهه جي باري ۾ ڪا ڄاڻ نه هئي جنهن جي حڪومت ڦن بادشاهه کانپوءِ قائم ٿي چڪي هئي. اهو معاشرو وقت کان آزاد هيو. نه اتي ڪو زوال آيو نه انهن کي ڪماليت جو فڪر هيو.[23]

ڊيٽونگ (Datong) پڻ چين جو تصوراتي نظريو آهي. جنهن جي معنا "ٻڌي" آهي. هڪ يوٽوپيائي دنيا جو نقشو آهي. جنهن ۾ دنيا اسان جي گڏيل ملڪيت آهي. اهڙي خيال چين جي سوشلسٽن جي راهه هموار ڪئي.[24]

جيمس هلٽن جو ناول "شنگريلا" به يوٽوپيائي ڪردارن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هن تبت جي پهاڙن ۾ ڌرتيءَ تي جنت جو نقشو چٽيو آهي.[25]

يوٽوپيا انسان جي نامڪمل هستيءَ جو اظهار آهي. انسان حقيقي دنيا ۾ ناخوش ۽ ڪٺيل آهي. هڪ خواهش آهي ته جيڪر اهڙي ڌرتي هجڻ گهرجي جتي امن، سڪون ۽ هڪجهڙائي هجي. جيڪا جنت جهڙي هجي، سرسبز صاف ۽ سهڻي هجي. انسان هن دنيا مان ڪڏهن به مطمئن نه رهيو آهي. مذهب، نظريا ۽ سياست گهڻي تعداد ۾ هجڻ باوجود اثرانگيز نه رهيا آهن. يورپ ۽ آمريڪا ۾ جتي ماديت پرستي آهي. يوٽوپين تصور اتان جي پيداوار آهي. جنت جي پڪ نه آهي. عقيدو ۽ ايمان نه هجڻ ڪري انسان ڌرتيءَ تي جنت ڳولهي ٿو ۽ اهي ڪامياب ويا آهن. انهن جا ملڪ ترقي پذير ملڪن کان صاف سٿرا ۽ سرسبز آهن. انهن جي رهڻي ڪرڻي اسان جي ملڪن کان سٺي آهي. مذهبي رجحانن ڪري ترقي پذير ملڪن جا ماڻهو مرڻ کانپوءِ جنت جا دعويدار آهن. هِن دنيا جي

مقابلي ۾ هو هُن دنيا کي ترجيح ڏين ٿا. ٻئي دنيا ۾ جنت جي ڳولها اسان جي هن دنيا کي دوزخ بنائي وڌو آهي. يوٽوپيا جو سحر پوءِ هن دنيا جو هجي يا ٻئي دنيا جو انسانن جي ذهنن تي حاوي آهي.

## سئي دنيا جو تصور مکڻ جو محل آهي.

ڪو بادشاهه ڏڌ مکڻ جو شوقين هيو ڪيس مينهن جو تعداد ماڻهن کان وڌيڪ هوندو هيو ماڻهن جو گهٽ، مينهن جو بادشاهه وڌيڪ هيو. ڪيس شوق ٿيو ته مکڻ جو محل ٺهرايان. هن حڪم صادر ڪيو ته "جيڪو ڪاريگر مکڻ جو محل ٺاهيندو ڪيس پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرائي اڌ بادشاهيءَ جو انعام ۾ ڏيندو، نه ٺاهي سگهيو ته ڦاهيءَ تي لٽڪائيندو." ڪيترا ڪاريگر آيا، رات جي ٿڌي پهر مکڻ جو محل ٺاهيندا هيا ۽ جيئن سج نڪرندو هيو ته گرميءَ تي رجي ويندو هيو. ڪيترائي ڪاريگر ڦاهيءَ چڙهي ويا.

هڪ ڪاريگر اهڙو آيو جنهن رات جي ٿڌي پهر مکڻ جو محل ٺاهڻ شروع ڪيو ته ڏينهن جو نه رجيو نيٺ ان محل ٺاهي تيار ڪيو. بادشاهه خوش ٿي ڪيس ڌيءَ ڏني ۽ اڌ بادشاهي انعام ڏني. ان راز جي ڪنهن کي خبر نه هئي ته آخر اهو مکڻ جو محل سج نڪرڻ سان ڇو نه رجيو. هڪ ڏينهن هن سچي ڪئي ۽ ٻڌايو ته "اهو مکڻ نه هيو پر مکڻ جهڙي شئي هئي. جيئن سچ الڳ ۽ سچ جهڙي شيءِ الڳ هوندي آهي."

حقيقت کي حقيقت ۽ حقيقت جهڙي شيءِ کي يوٽوپيا چئبو آهي. مکڻ جو محل، مکڻ جهڙي شيءِ سان ٺهي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان کي مکڻ مان ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته اهو ڊسٽوپيا (Dystopia) آهي.

هيءَ دنيا ڊسٽوپيا آهي جيڪا اصل حالت ۾ قائم رهي نه ٿي سگهي. ڪوڙ ان جي بنيادن کي مضبوط ڪيو آهي. ڪوڙ کي ڪڍيو وڃي ته دنيا ڏُري وڃي. اهڙي حالت ۾ مکڻ جو محل خواب ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿو.

يوٽوپيا انساني خواهشن جي لاشعوري تڪميل ڪري ٿو. هڪ حسرت، هڪ خواب جيڪو اسان جي ناحاصلات جي تسڪين بنجي ٿو غريب ڪاڏي لاءِ پريشان، امير ڪاڏي جو پريشان. ڪاڏي جو پريشان انڪري جو ڪيس ڪاڏي جي گهٽائي جي بيماري ڪري ٿي. يوٽوپيا "آهي" نه آهي پر "جيڪر" آهي. جيڪر امن ۽ انصاف هجي. جيڪر روزگار هجي. جيڪر بيماري نه هجي. جيڪر ڏک جو نانءُ نشان نه هجي. جيڪر موت نه هجي. يوٽوپيا ۾ نخلستان جهڙي رڃ آهي. انسان مرگهه جيان ڊڪي مئو آهي پر مڙي نه ٿو. هرڻ جي اڃ رڃ ڏسي مرندي آهي. رڃ جو وهم ڪيس آٿت ڏيندو آهي ته گهٻراءِ نه پاڻي آهي. انسان ڪڏهن نه مري پر ڪيس يوٽوپيا ماري ٿو.

رڃ هرڻ جو پليسيبو آهي. آسرو وڏو سهارو هوندو آهي. آسري پويان ڪو گذاري وڃي ته ڏک نه ٿيندو آهي ڇو جو آسرو جيئڻ جو سبب هوندو آهي. آسري ڪانسواءِ زندگي ڪهڙي سهاري گذاري

سگهجي ٿي. اسين جيئڻ جو سبب پيدا ڪيون ٿا. سڦلتا يوٽوپيا آهي. جيڪا ڪنهن نہ ماڻي آهي. اسين سبب کي معنائون ڏيون ٿا ان لاءِ جواز پيدا ڪريون ٿا. اهڙو جواز اسان کي اعتماد ڏئي ٿو ۽ ان اعتماد سهاري زندگي گذاريون ٿا. ڪائنات ۾ يوٽوپيا کان وڌيڪ ڪهڙو پليسيبو آهي؟ يوٽوپيا اندر جي تسڪين، نہ وسرندڙ خواب، آٽتا ۽ پليسيبو کانسواءِ ڪجھ نہ آهي.

❖

References:


1. Lyman Tower sargent ( 2010 ).
   **"Utopianism: A very short introduction".**
   OUP. Oxford.p.21.
2. **"Homily at the canonization of sir Thomas More"**
   university of Dallas 2010.p.694-95.
3. Linder , Doughlas O.
   **"The trial of sir Thomas More"** :
   A chronology at university of Missouri – Kansas city ( UMKC ) school of law.
4. **"More"**
   Travis , Rohith vinod ( 1989 ).
5. **"Utopian socialism. The utopian socialism movement".**
   www.utopiaanddystopia.com Retrieved 14 May 2017.
6. **"More's utopia was a satire"**.
   Financial times. Retrieved. 14 May 2017.
7. Kirk Andrew G. (2007).
   **"Counterculture green: the whole earth catalog and American enviromentalism".**
   University press of Kansas.p.86.
8. Geus , Marius de (1996).
   **"Ecological utopia."**
9. **"Wall"**
   (2010).p.12-13.
10. P.N. fedoseyev,et al.
    **"karl Marx. A biography"**
    Progress publishers Moscow. 1973.p.62.
11. Michael sherborne,
    **"H.G,Wells ; Another kind of life"**.
    ( Peter owen , 2010),p.165.
12. Spannos, chris (2008).
    **" What is real utopia ?"**.

Z , Magazine. z communications . Retrieved 2008.
13. **“ the Thaw – Soviet cultural history”**.
Retrieved. 14 May 2017.
14. Yefremov , Ivan.
**“Andromeda : A space age tale”.**
Moscow – Foreign language publishing house. 1959 , p.444.
15. Home. Robert ,
**“Of planning and planning: The making of British colonial cities”**
p.9.
16. Fries , Sylvia ,
**“The urban idea in colonial America”**.
Chapter 3 and 5.
17. **“America and utopian dream. Utopian communities”**.
brbl - archive - library. Yale . edu. Retrived 14 may 2017.
**18. “For all the people . uncovering the hidden history of cooperation , cooperative movements , and communalism in America”.**
2nd edition. Retrieved -26 March 2017.
19. **“Empiricism: The influence by Francis Bacon. John Locke and David Hume”**.
Sweet Briar college – Retrieved 21st : October 2013.
20. **“Bacon”**
Collins English dictionary , Harper , Collins. Publisher 1998.
21. Gibbs , ww ( 1995 ).
**“Profile : George F.R. Ellis. Thinking globally acting universally”.**
Scientific American. 273(4), 50-55.
22. Longxi , Zhang ( 2005 ).
**“Allegories ; Reading canonical literature east and west”.**
Ithaca : cornell university press.p.183.
23. Gu,Ming Dong ( 2006 ).
**“Chinese theories of fiction: A non – western narrative system”.**
Albany ; state university of New York press.p.59.
24. Chen , Albert H.Y ( 2011 ).
**The concept of “Datong in Chinese philosophy as an expression of the idea of common good’.** University of Hong Kong. Faculty of law and research paper No. 2011/020.
25. Michael Buckley ( 2008 ).
**“Shangrila”** :
A pratical guide to the Himalayan dream.p.24.

❖

# فلسفو ۽ پليسيبو

(Philosophy and Placebo)

فلسفو يوناني لفظ آهي جنهن جي معنا آهي "ڏاهپ سان چاهه"[1] اهو وجود، ڄاڻ، سوچ ۽ سبب جو مطالعو آهي.[2]

اهو لفظ سڀ کان پهريون فيساغورث (570_495 BC) استعمال ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ فلسفو بحثن، سوالن جوابن عقلي دليلن ۽ تنقيدي جائزن تي مشتمل آهي.[3] فلسفي ۾ هڙ حاصل ٿيندڙ بحثن جا بنيادي سوال اهي آهن تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ هر شيءِ متعلق ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي تہ اها ڪهڙي سبب ڪري آهي؟[4] حقيقت ڇا آهي؟ ڇا سٺي زندگي گذاري سگهجي ٿي؟ ڇا انسان کي ارادي جي آزادي آهي؟ حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪيئن ڪجي؟[5] ارسطوءَ کان اٺوهين صديءَ تائين علم النجوم، مرض ۽ طبعات فلسفي جو حصو رهيون آهن.[6] سترهين صديءَ ۾ نيوٽن طبعات کي پڻ فلسفي ڪوٺيو آهي.[7_8] نفسيات، معاشيات، سياست ۽ سائنس پڻ فلسفي جي اثر هيٺ رهيا آهن. جيئن سوال آهي تہ ڇا سونهن (Aesthetic) موضوعي (Subjective) آهي يا معروضي (Objective)؟

اولهہ جو فلسفو سقراط کان بہ اڳ جو آهي. اهو موضوع ٿاليس (624_546ع) ۽ فيسا غورث وٽ نظر اچي ٿو.[9] سقراط اهڙي فلسفي جي زير اثر هيو. سقراط دعوا ڪري ٿو تہ هن وٽ ڏاهپ نہ آهي پر ڏاهپ جي جستجو آهي.[10] اولهہ جو فلسفو ٽن عهدن جي لحاظ کان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. پراڻو يوناني ۽ رومن فلسفو
2. وچون عيسائي اثر وارو فلسفو
3. جديد فلسفو

1. پراڻو فلسفو: دنيا تي يوناني فلسفي جو راڄ رهيو آهي. ان فلسفي جو باني سقراط ۽ سندس شاگردن کي چيو وڃي ٿو. هن جي شاگرد افلاطون فلسفي جي تعليم لاءِ هڪ اڪيڊمي پڻ ٺاهي. يوناني فلسفي کي محفوظ ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ افلاطون جو وڏو هٿ آهي. ارسطو جيڪو هڪ ئي وقت سقراط ۽ افلاطون جو شاگرد هيو.[11] ان فلسفي تي گهرا اثر ڇڏيا. ارسطوءَ فلسفي جا اسڪول (Peripatetic School) کوليا. جن ۾ تياڳ (Cynicism) جنهن جو مقصد دنيا جي لذتن کي ٺڪرائي پاڻ کي فطرت سان جوڙڻ هيو. طريقت (Stoicism) جنهن جو مقصد دنيا ۾ ڪهڙي طريقي

ستي زندگي گذارجي. اهو يونان جي فلسفي زينو تي سو سال قبل مسيح پيش ڪيو آهي. اهو اخلاقيات جو فلسفو آهي جنهن موجب انسان ڪهڙي رستي تي هلي مستقل خوشي حاصل ڪري سگهي ٿو. اها خوشي اندر ۾ موجود آهي.[12] تشڪيڪ (Scepticism) شڪ جو فلسفو آهي. ان جو باني پرهو (Pyroho) (360_270 BC) آهي. شڪ جي فلسفي ۾ هيٺيون شڪون شامل آهن.

1. هر نظر ايندڙ شيءِ ۾ شڪ جي گنجائش پيدا ڪيو جيئن حقيقت جي ويجهو وڃي سگهو.
2. سچ ۽ علم جي ڪا پڪ نہ آهي.
3. نامڪمل فيصلا ۽ چند چاڻ. شڪ جي فلسفي جا بنيادي اصول آهن. شڪ جو فلسفو سوچن کي اپاري ٿو. هر شيءِ ۾ راز سمايل آهي ۽ اهو راز رازئي رهندو.

ارسطوءَ جي اسڪولن ۾ ايپيڪيورزم جي تعليم پڻ ڏني ويندي هئي. ايپيڪيورس يونان جو ماديت پرست فلسفي هيو جنهن 307 قبل مسيح ۾ مادي جو فلسفو بيان ڪيو. هو ديمقراطيس (460 _ 370 BC) کان متاثر هيو. ديمقراطيس دنيا جو پهريون سائنسدان آهي جنهن ايٽمي نظريو پيش ڪيو.[13] ان جون ڪيتريون اڳڪٿيون پڻ مشهور آهن. ايپيڪيورس خوشيءَ جو فلسفو ڪائنات جي مطالعي مان ڳولهي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ دنيا جي ڄاڻ ۽ خواهش کي پورو ڪرڻ سان سرور (Ataraxia) ۽ خوف کان نجات ۽ سورن کان آزادي (Aponia) ملي ٿي.

اهڙن اسڪولن ۾ مابعد الطبعات جا نظريا سمجهايا ويندا هيا جن ۾ عنصرن جي ڄاڻ (Atomism) ۽ هيڪڙائي (Monoism) شامل هيا.

2. وچين دور جو فلسفو: اهو فلسفو پنجينءَ کان سورهين عيسوي صدي روم جي سلطنت جي زوال کانپوءِ شروع ٿئي ٿو. اهو وقت هيو جڏهن مسيحيت عروج طرف وڃي رهي هئي. مسيحيت يهوديت سان ملي يورپ ۾ مذهبن جي نئن خيالن کي جنم ڏنو. ساڳي وقت يوناني ۽ رومن فلسفي جا اثر پڻ برقرار رهيا. تنهن وقت ساڳيا سوال بحث هيٺ هوندا هيا تہ خدا جو وجود ڇا آهي؟ عقيدي ۽ سبب جي حيثيت ڪهڙي آهي. مابعدالطبعات ۽ گناهن جي وصف؟ اهي سڀ اهڙا سوال هيا جيڪي ان وقت زير بحث رهيا. سينٽ آگسٽن، ٿامس ايڪيوناس ۽ راجر بيڪن ان دور جا فسلفي آهن جن پراڻي فلسفي کي عيسيائيت سان ملائي نئون روپ ڏنو. ان وقت عقيدي ۽ ايمان کي ترجيح ڏني وئي. ماڻهن جي عقيدي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اڪيڊميون (Scholastic) کوليون ويون. وچين دور ۾ اهي اڪيڊميون يورپ اندر يارهين عيسوي صديءَ کان سترهين عيسوي صديءَ تائين قائم رهيون.[14] پهريان ادارا جن کي يونيورسٽيءَ جو نالو ڏنو ويو اهي يارهين ۽ ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ اٽلي، برطانيا، اسپين ۽ فرانس ۾ کوليان ويا. انهن ۾ آرٽ، قانون، طب ۽ مذهب جي تعليم ڏني ويندي هئي.[15] ان دور ۾ فلسفو چڻ عيسائيت جي تبليغ جو ذريعو بنجي پيو. ٿامس ايڪيوناس جو "سوماٿيولاجيڪا" اهڙي ئي قسم جو ڪتاب آهي. ٿامس ايڪيوناس جو "سوما" فلسفو يورپ ۽ دنيا ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو.[16]

فسلفي جو ٽيون دور: (1650_1355ع) جنهن کي جاڳرتا (Renaissance) چيو ويجي ٿو. ان ۾ يونان ۽ روم جي فلسفي سان گڏ انسانيت (Humanism) تي گهڻو زور آهي. اهو فلسفو جديد دور جو آهي. جديد دور جي شروعاتي ڏينهن ۾ ٿامس هوبس ۽ ريني ڊيڪارٽ (1650_1596ع) جا نالا قابل ذڪر آهن. ريني ڊيڪارٽ جيڪو فرانس ۾ پيدا ٿيو ۽ زندگيءَ جا ويهه سال هالينڊ ۾ گذاريائين. ان پاڻ کان پوءِ ايندڙ فلسفين تي گهرا اثر ڇڏيا آهن.[17] هو پاڻ جن فلسفين کان متاثر ٿيو اهي ارسطو، افلاطون، ارشميدس، الغزالي، ابن سينا، اڪيوناس، استوائڪ ۽ واٽتي هيا. هن جن فلسفين کي متاثر ڪيو انهن ۾ اسپنوزا، جان لاڪ، اسزاڪ نيوٽن، امانل ڪانٽ ۽ ايڊمنڊ هزل شامل آهن. هن تشڪيڪ (Skepticism) جي فلسفي کي بدلائي ڇڏيو. ائين چيو ته شڪ حقيقت تائين نه ٿو پهچي سگهي پر حقيقت شڪ جو بنياد بنجي ٿي. جيئن ڪو نقشي ناهيندڙ (Architect) ڪنهن جاءِ جو نقشو ناهي ٿو. ان ۾ زمين جنهن تي جاءِ ٺهندي اها شڪ جو بنياد آهي ۽ جاءِ جيڪا ٺهندي اها حقيقت آهي.[18]

جديد فلسفي جي وچين دور ۾ اسپنوزا، جان لاڪ، برڪلي، هيوم ۽ ڪانٽ شامل آهن. جيڪي مذهبي ڇڪتاڻ مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچن ٿا. اوڻويهين صدي روشن خياليءَ (Enlightment) جي جدوجهد جي صدي آهي. انهن ۾ هيگل جنهن جرمنيءَ ۾ نئون فڪر ڏنو. ڪئرڪ گارڊ جنهن وجوديت جي فلسفي جو بنياد وڌو. نتشي جنهن عيسائيت خلاف فلسفايانا مهم هلائي، ڪارل مارڪس جنهن ڪميونزم جو نظريو ڏنو شامل آهن.

وچ اوير جي فلسفي ۾ مصر کي اهميت حاصل آهي. مصر مان مليل پراڻين لوحن ۾ جن تي اخلاقي فلسفو اڪريل آهي، انهن کي سباط (Sebayt) چيو ويجي ٿو. اهي فرعونن جي وقت جون آهن. سباط جو مطلب سکڻ يا علم پرائڻ آهي.[19]

بابل جي علم نجوم ڪائنات کي سمجهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ان يوناني فسلفي تي اثر ڇڏيا. اسلام کان اڳ ايران ۾ زرتشت، دوبدو (Dualism) جي فڪر تحت نيڪيءَ ۽ بديءَ جي مقابلي جو فلسفو ڏنو. اسلامي جي سونهري دور يورپ کي متاثر ڪيو آهي. ”علم الڪلام“ جيڪو اسلامي تقريري طريقيڪار جو فلسفو هيو. ان جي تخليقڪارن کي متڪلام چيو ويندو هيو. اهي فلسفي اسلام جو بين نظرين کان بچاءُ ڪندا هيا. جيئن لفظ گاڊ (God)، ڇا ان ۾ خدا جو تصور سمائجي سگهي ٿو؟[20]

”الفلسفي“ اسلام ۾ علم جي الڳ شاخ هئي جنهن جي ڄاڻوءَ کي ”الفلسفا“ چوندا هيا. اهڙو فلسفو ارسطو ۽ افلاطون جي نظرين تي قائم ٿيل نئن خيالن (Neoplatonism) تي مشتمل هيو.[21]

اهڙن فلسفن ۾ يعقوب بن الاسحاق الصباح الڪندي (873_801ع) ابن سينا (1037_980)، ابن رشد (1198_1126ع) شامل هيا ۽ ٻيا جن ۾ الغزالي (1111_1058ع) پڻ شامل هيو. مسلم فڪر ۾ اهڙن نظرين جا مخالف هيا.[22] ابن خلدون (1406_1332ع) جنهن کي سوشيالاجيءَ جي جديد خيالن جو باني تصور ڪيو ويجي ٿو ڪيس فلسفي ۾ به اهميت حاصل آهي.[23]

ايران ۾ نورُ (Illumination) جو فلسفو جيڪو شهاب الدين سهروردي ٻارهين عيسوي صدي ۾ ڏنو. جنهن کي حڪمت الاشراق چيو ويجي ٿو. ان فلسفي ۾ نور ڪائنات جي هر حصي ۾ لقاءَ رونما ڪري ٿو. هر شيءِ ۾ نور واضح ڪري ٿو. ان جو اثر غيب ۽ عيب ٻنهي تي آهي. غيب جيڪو نظر نہ اچي ٿو. عيب جيڪو نظر اچي ٿو.[24] ايران ۾ اڀرندڙ فلسفي جي ٻين خيالن ۾ صوفيزم ۽ حڪمت المتعالي (Transcedent) جنهن فلسفي جو باني "ملان صدرا" آهي. سندس اهڙو فلسفو اڄ بہ گهڻن نظرين جو بنياد آهي.[25]

حڪمت المتعالي فلسفي جا ٻہ نقطا آهن. حڪمت ۽ مطالعو. حڪمت ڏاهپ کي ظاهر ڪري ٿي جڏهن تہ مطالعو مشاهدو آهي تہ ڪائنات ڪيئن وجود رکي ٿي. اهو وجود، وجوديت (Existentalism) جو بنيادي فلسفو آهي. جنهن يورپ ۾ وجودي فلاسافرن تي اثر ڇڏيا.[26]

چين ۾ فلسفي جو بنياد ٽن بنيادي نظرين تي آهي.

1. ڪنفيوشس (551_479 BC) جو فلسفو: اهو زائو مملڪت جي سونهري دور ۾ هيو. ان فلسفي جو بنياد مذهب، انسانيت، زندگي گذارڻ جا طريقا ۽ حڪومت ڪرڻ جا گر آهن. ڪنفيوشس جي فلسفي ۾ روحاني خيال گهٽ ملن ٿا.[27]

2. قانوني قاعدو (Legalism) وارنگ (500 BC) جي عهد ۾ اهڙا قاعدا ۽ قانون ٺاهيا ويا جيڪي ڪامورا شاهيءَ جي حق ۾ هيا. انهن جو بنياد فلسفي تي رکيو ويو. ان نظريي کي "Fa_Ja" پڻ چيو ويجي ٿو. فا (Fa) معنا طريقو. جيا معنا ڏاهپ[28]

3. ڊائوزم (Daoism) : جنهن کي تائوزم پڻ چيو ويجي ٿو. ڊائو چيني ٻوليءَ ۾ رستي يا راهہ کي چئبو آهي. ڊائوزم زندگيءَ جي الهامي چاڻ آهي. ڊائو ڪنهن نظر ايندڙ شيءِ جو نالو نہ آهي پر ان کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. "لائوزي" جنهن کي ان جو مبلغ سمجهيو ويجي ٿو. ان موجب ڊائو "انام لافاني" آهي. ڊائوزم وجود کي محسوس ڪرڻ جو فلسفو آهي.[29] ڊائوزم جا ٽي نقطا آهن. ڪفايت پسندي (Frugality) همدردي (Compassion) ۽ عاجزي (Humility).[30]

دنيا فلسفي جي ارتقائي مشاهدي تي مدار رکي ٿي. مشاهدو لقائن کي ظاهر ڪري ٿو. مشاهدي جي وسعت وقت سان وسيع ٿي آهي. ان وسعت ۾ سائنس ۽ تجربي جو هٿ آهي. انسان جي حواسن جي حد پنهنجي دائري ۾ ڪم ڪري ٿي. حواسن کي وڌائڻ لاءِ اوزارن جي ضرورت پوي ٿي. انسان اهڙي خواهش ۾ نئيا اوزار ٺاهيا جيڪي روز مرهہ ۾ مددگار ٿيا. ڪائنات رازدار ۽ پراسرار رهي آهي. پراسراريت، تجسس ۽ مونجهاري جو سبب بنجي ٿي. راز کي کولڻ لاءِ ماڻهن وس ڪيا آهن. ڏاڍي ڏکي پيرولي آهي. هرڪو پنهنجي حساب سان پيرولي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ڪنهن ڀڳي نہ آهي.

مون کي جيڪب آباد واري جيڪب جي گهڙي ياد اچي ٿي جنهن جو ڪانٽو ڪڏهن نہ چريو. چنڊ جو اثر نہ آهي يا جيڪب آباد جو زير زمين پاڻي سڪي ويو آهي؟ انسان عقل استعمال ڪري اوزار ٺاهي فطرت جي ويجهو وڃڻ چاهي ٿو. ان جي لقائن کي مفروضي سائنس سان جوڙي ڪري

ڊيڪارٽ جو دعويدار ٿئي ٿو. اوڻويهين صديءَ کان اڳ جي تاريخ مفروضي انجنئرنگ سان ڀري پئي آهي.

سڀ کان پهريون ڪائنات جي ڪنوار جو ديدار ڪندڙ گليليو آهي. اهڙو ديدار کيس مهانگو پيو. عشق ۾ عاشق سر ڏيندا آهن پر گليليو معافي وٺي سر بچائي ويو.

فلسفو مشاهدي جي راهه بدلائي ٿو. فلسفو نديءَ ڪناري مٿي ڇاڻي سون حاصل ڪرڻ جي جستجو آهي. فلسفي مٿي ڇاڻن ٿا ۽ هڙ حاصل ٿيل شيءِ کي سون جو نالو ڏين ٿا. اهڙو سون ڪٺي پارکوءَ وٽ سون جي حيثيت حاصل نه ٿو ڪري.

سقراط کان مارڪس تائين فلسفو ويس مٽائيندو اهڙي نظام ۾ داخل ٿئي ٿو. جنهن نظام پويان لکين ماڻهو جان ڏين ٿا ۽ نظام پويان قائم ٿيل رياستون هڪ صديءَ جو بار به نه سهندي ڍهي پون ٿيون. اهڙو نظام وڏيڪ ترميمون گهري ٿو. ترميمن تي ڪجهه مملڪتون ساهه کڻي وري پراڻيون راهون ڳولهين ٿيون.

مان شاگرديءَ وقت ڪميونسٽ نظريي جو حامي هيس. سوچيندو هيس هڪ ننڍڙي ۽ گمنام ڪارڪن جي حيثيت ۾ ان پويان جان جي بازي لڳائيندس. نظام جي ڍهڻ کانپوءِ ڪافي عرصو ڊپريشن ۾ رهيس. راهه مان راهه نڪري ٿي. رڳو راهون ئي راهون آهن. منزل ڪٿي آهي؟ پراڻي ڳالهه بجاءِ ماڻهو نئي ڳالهه غور سان ٻڌي ٿو. ڳالهيون به ڪپڙن جيان ميريون ۽ پراڻيون ٿي ڦاٽي وڃن ٿيون. نئين ڳالهه نئون وڳو آهي.

ڏٺو وڃي ته فلسفو ورجهاءُ آهي. اهڙو ادراڪ آهي جيڪو لقاءَ کي مختلف طريقي سان بيان ڪري ٿو. ڪائنات ماءُ جي روپ ۾ پيءُ جو ناڻُ پڇي ٿي ۽ پٽ چوي ٿو مان پيءُ آهيان. سٽ ويڙهجي نه ٿو منجهي ٿو. مون پنهنجي دوست موهن بسنتاڻيءَ کان سوال ڪيو “ماڻهو مرڻ کانپوءِ ڪاڏي ويندو؟” چيائين “ماڻهو مٽ ۾ پيل پاڻي آهي، مٽ سمنڊ ۾ تري ٿو. مٽ ڀڄندو ۽ پاڻي پاڻيءَ سان ملي ويندو.” ڪيڏو دل لڀائيندڙ خيال آهي. فلسفو ائين ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ سيني ۾ سانڍيل سوالن جا اهڙا جواب ڏئي ٿو جيڪي آٿت يا پليسيبو آهن.

فلسفو انساني ڏاهپ ۽ مذهب خدائي ڏاهپ آهن. جيڪي منجهيل (Agnostic) آهن. انهن ۾ مذهبي فلسفيانا (Religico_philosophica) خيال راحت جو سبب بنجن ٿا. اها راحت پليسيبو آهي.

آخر ۾ هڪ ڪهاڻي ياد اچي ٿي. ان ڪهاڻيءَ جو مقصد صرف توهان جو ٽڪ لاهڻ ۽ مزاج تبديل ڪرڻ آهي.

**ڪهاڻي: “ڳالهه به ايتري”**

اها اونهاري جي رات هئي. ٻوسٽ هيو. ڪنيڙيون تہ سانوڻ ۾ ٿينديون آهن پر اهو الائي ڪهڙو جيت هيو جيڪو ڪارڪ جي ڪوڪڙيءَ جيترو هيو ۽ پنهنجا ٻاڙهسرا پر هٽندو اچي هن اڳيان ڪريو. هو ان وقت دالي ۾ ويٺل هيو. بجلي نہ هجڻ ڪري چارجر جي روشنيءَ ۾ واضع نہ ڏسي رهيو هيو. هن هلڪي روشنيءَ ۾ ڏٺو اهو ٻاڙهسرو جيت هيٺ فرش تي گهمي رهيو هيو. ان هر هر پر اُپا ڪري اڏامڻ جا سانپاها پئي ڪيا. ان ڪان اڳ جو جيت اڏامي وڃي، هن پادر لاٿو ۽ جيت مٿان وسائڻ شروع ڪيو. هن محسوس ڪيو جيت مري چڪو آهي. اهو هڪ هنڌ ساڪت پيل هيو. ان ۾ ڪا بہ چرپر نہ هئي، هو مطمئن ٿي ويو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڏنائين جيت چري رهيو آهي، اهو ڏسي وري پادر لاهي جيت مٿان وسائڻ شروع ڪري ڏنائين. جيت جي حرڪت صفا بند ٿي وئي، اهو هڪ هنڌ ڄمي ويو. سوچيائين هاڻي جيت صفا مري چڪو آهي. هو ڏسي ئي رهيو هيو تہ گهڙيءَ ڪانپوءِ وري جيت ۾ چرپر شروع ٿي وئي ۽ اهو هلڻ لڳو.

اها حيرت جهڙي ڳالهہ هئي، هن غور سان ڏٺو اهو شايد سخت ڪل وارو اڏامندڙ ٻاڙهو تندڻ هيو جنهن تي ڌڪن جو اثر نہ ٿي رهيو هيو. هن کي ڪاوڙ وٺي وئي ۽ وري پادر لاهي جيت مٿان وسائڻ شروع ڪيائين. جيت مٿان ايڏا تہ زور سان پادر وهائي ڪڍيائين جو جيت بہ اڌ ٿي ويو. هن محسوس ڪيو هاڻي جيت بلڪل مري چڪو آهي ڇو جو اهو بہ ٽڪر ٿي چڪو هيو. پر ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن هن جي نظر جيت تي پئي تہ ان جا الڳ ٿيل بہ ٽڪر حرڪت ڪري رهيا هيا. هو واٽڙن جيان انهن کي ڏسڻ لڳو. جيت جا ٻئي ٽڪر حرڪت ڪندا اڳتي وڌيا ۽ پريان فرش ۾ ٿيل سوراخ اندر گم ٿي ويا.

هن زندگيءَ ۾ اهڙو لقاءُ نہ ڏٺو هيو. هن جو معجزن ۾ ايمان نہ هيو. هو هر شيءِ کي ٺوس حقيقت تي پرکڻ وارو ماڻهو هيو. اهو لقاءُ ڪنهن معجزي ڪان گهٽ نہ هيو. هو منجهي پيو ۽ ان واقعي جو ذڪر معاشري جي مختلف ماڻهن سان ڪيو. جيئن ڄاڻي سگهي تہ آخر اهو ڇا هيو؟ سچ هيو؟ ڪوڙ هيو؟ ڪو وهم هيو؟ گمان هيو؟ هڪ جيت جيڪو هن جي پادر جي ڌڪن سان بہ اڌ ٿي ويو، پوءِ بہ چرندو هلندو فرش جي سوراخ ۾ اندر هليو ويو. اهو سوچي هو هڪ حياتيات جي ماهر وٽ ويو ۽ ماهر مسئلو ٻڌڻ ڪانپوءِ چيو:

“دنيا ۾ ڪي اهڙا جيت آهن جيڪي بہ اڌ ٿيڻ ڪانپوءِ بہ چرپر ڪري سگهندا آهن، جيئن نانگ، سپاريون ۽ ڪرڙيءَ جو ڪٽيل پڇ وغيره”

هن ڪيس يقين ڏياريو تہ اهو جيت نانگ، سپاري يا ڪرڙيءَ جو ڪٽيل پڇ نہ هيو پر هڪ عام ٻاڙهو تندڻ هيو. جنهن کي هن ڪٽي ناس ڪيو. پوءِ هن حياتيات جي ماهر ڪان سوال ڪيو.

“ڇا ٻاڙها تندڻ بہ بہ اڌ ٿي چرپر ڪندا آهن؟”

حياتيات جو ماهر منجهي پيو ۽ جواب ڏنائين:

“اهڙا ڪي بہ ٻاڙها تندڻ نہ آهن جيڪي چرپر ڪندا هجن.”

ماهر جي ڳالهہ ٻڌي هو پريشان ٿي ويو۽ سوچيائين پڪ سان اهو ڪو معجزو هيو جيڪو ڪيس خدا ڏيکارڻ پئي چاهيو. ڇو جو هن جو خدا ۾ يقين گهٽ هيو. هو هلندو هڪ مولويءَ وٽ آيو. مولويءَ ڪيس ويهاري شوڪاريل پاڻي پيياريو. هن مولويءَ کي سموري حال کان واقف ڪيو. مولويءَ آڱريون ڦڻيءَ جيان ڏاڙهيءَ ۾ ڦيريون ۽ پوءِ چيو:

"رب پاڪ دنيا ۾ اهڙا لقاءَ ڏيکاريندو آهي جيئن بندا غيب تي ايمان آڻين. اهو اشارو آهي تہ تون اڻ ڏٺل تي ايمان آڻي روزا، نماز ۽ ٻين احڪامن تي عمل ڪري سگهين. رب توکي معجزو ڏيکاري قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪي نظر نہ ايندڙ قوتون آهن جيڪي انساني عقل کان مٿاهيون آهن. تون توبهہ تائب ٿيءُ. قدرت توکي ڇوٽڪاري جو رستو ڏيکاريو آهي."

مولوي صاحب جي ڳالهين سندس دل تي اثر ڪيو. پر وري سوچيائين اهي نظر نہ ايندڙ قوتون جِنَ بہ تہ ٿي سگهن ٿا. اهو سوچي هو هلندو هڪ ڀوپي وٽ آيو. ڀوپو ڪوپڙيءَ ۾ هڏا رکي لوبان جي دونهي ۾ منتر پڙهي رهيو هيو. ان ڪيس سامهون ويهاري حال احوال ورتو. هن ڀوپي اڳيان سڄي ماجرا بيان ڪئي ۽ ڀوپي اکيون بند ڪري وري کوليون تہ اهي ڳاڙهن ٽنڊٽن جهڙيون هيون. ان جلال ۾ چيو:

"سڀ ڪارو جادو آهي، اهو جيت نہ جنُ هيو. تنهنجي گهر ۾ جنن جو واسو آهي. جِنَ هر شيءِ جو روپ ڌاري سگهن ٿا. اهي جِنَ تنهنجي گهر اندر فرش جي سوراخن ۾ رهن ٿا."

اهڙي ڳالهہ ٻڌي هو وٺي ڀڄو ۽ ڀڄندو هڪ عالم وٽ آيو جنهن جو وڏو مذهبي مطالعو هيو. ان مسئلو ٻڌو ۽ ڪيس انتهائي مختصر جواب ڏنائين.

"حياتي ۽ موت جو مالڪ رب آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي حياتيءَ جا ڏينهن لکيل آهن تہ پوءِ ان کي ڪير بہ ماري نہ ٿو سگهي. جيت جي حياتي هئي ۽ بچي ويو."

هو عالم جي جواب مان مطمئن نہ ٿيو ۽ هلندو هڪ سائنسدان وٽ آيو. سائنسدان کي هن جي ڳالهہ تي يقين ئي نہ پئي آيو.

"ڀلا اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ مئل جيت هر هر جيئرو ٿي پوي. ضرور تنهنجي دماغ ۾ خلل آهي. سائنس نوس ۽ حقيقي شين ۾ يقين رکي ٿي. سائنس ۾ وهم ۽ گمان جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي. تون ڪنهن ڊاڪٽر کان اکيون چيڪ ڪراءِ يا ڪنهن نفسيات جي ماهر سان صلاح ڪر."

هن سائنسدان جي ڳالهين تي عمل ڪيو ۽ هڪ ڊاڪٽر کان اکيون چيڪ ڪرايون. هن جون اکيون بلڪل ٺيڪ هيون. هو هڪ ماهر نفسيات وٽ ويو. ماهر نفسيات هن کي Obsessional Psychosis جو مريض قرار ڏنو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ

"اهڙا لقاءَ شيزو فرينيا جي مريضن سان ٿيندا آهن. ڪيترائي خوفناڪ خيال ڊيڄاريندڙ جانورن ۽ جيتن جي روپ ۾ هن اڳيان نروار ٿيندا آهن."

نفسيات جي ماهر جي تشخيص ٻڌي ڪيس يقين ٿي ويو تہ هو هڪ نفسياتي مريض آهي. هو ڀڳهر ۾ شل ٿي ويو. پوءِ سنجيدگيءَ سان سوچيائين. هن محسوس ڪيو اهو وهم يا گمان نہ هيو پر

حقيقت هئي. هن اهو جيت پنهنجين اکين سان ڏٺو هيو. اهو سوچي هو هڪ صوفيءَ وٽ ويو. صوفيءَ هن کي چيو:

"ڪائنات جي هر شيءِ ۾ رب موجود آهي. ان جيت ۾ به رب موجود هيو."

هن کي صوفيءَ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ٽيڙ ڪائيندو اٿيو ۽ هو هڪ اديب وٽ آيو. اديب کيس ٻڌايو ته "علامتن جي دنيا ۾ جتي ايبسٽريڪٽ عام آهي. ڪيوبيزم اسٽرڪچرلزم ۾ تبديل ٿي رهيو آهي اتي سرئلزم جي اهميت وڌي وئي آهي. اها سڀ پوسٽ ماڊرنزم جي سحرانگيزي حقيقت نگاري آهي. تشبيهن جي زير اثر ان سحرانگيز جيت وجود برقرار رکيو آهي ۽ تون پراسراريت جي ور چڙهي ويو آهين."

اديب جي وضاحت سندس ڪن وٽان تير جيان گسي وئي، هو هلندو مندر جي مهراج وٽ آيو ۽ مسئلو بيان ڪيائين، مهراج هن کي ٻڌايو ته

"نرواڻ هڪ حقيقت آهي. جيڪڏهن ڪو چڱايون ڪندو ته چڱيءَ شيءِ ۾ ظاهر ٿيندو. جڏهن ڪو مدايون ڪندو ته بڇڙيءَ شيءِ ۾ ظاهر ٿيندو. ان جيت ۾ ڪنهن نئر ۽ مڪار شخص جو روح هوندو. جيڪو پادرن لڳڻ ڪانپوءِ به جيئرو رهيو."

هو مهراج جي مندر مان نڪري اهڙي هنڌ ويو جتي چار فلاسافر ويٺل هيا. هن انهن اڳيان پنهنجو مسئلو بيان ڪيو. انهن مسئلو غور سان ٻڌو ۽ پوءِ بحث ڪيو.

پهرين فلاسافر چيو: "سقراط زهر جو پيالو ان ڪري پيتو جو هن سچ ڳالهايو هيو. هن چيو هيو ديوتائون تبديل ٿي چڪا آهن. اهو جيت به ضرور ڪنهن ديوتا جو تبديل ٿيل روپ هوندو."

ٻئي فلاسافر چيو "افلاطون جو فلسفو حقيقتن کي ويجهو آهي، ان چيو هيو ته جوتي بابت موچيءَ کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي سگهي ٿو. سو منهنجو خيال آهي ته ان پادر جي چڪاس ڪنهن موچيءَ کان ڪرائجي جيڪو جيت مٿان هر هر وسيو ۽ جيت جيئرو رهيو."

ٽئين فلاسافر چيو "تون غلط آهين، افلاطون جو فلسفو ائين نه آهي جيئن تون بيان ڪري رهيو آهين، ڀلا ارسطوءَ آخر ڇو مابعدالطبعات تي زور ڏنو آهي؟ ضرور اهو جيت Metaphysical لقائن جو ظهور آهي. ڪا به شيءِ فنا نه ٿي ٿئي ۽ اها روپ مٽائي ٿي. جيت به روپ مٽايو ۽ فنا نه ٿيو."

چوٿين فلاسافر چيو "ڊيڪارٽ جو مشهور قول آهي Cognito Ergo Sum مان سوچيان ٿو انڪري آهيان. جسم ۽ ذهن جو گهرو تعلق آهي. جيڪي موجودات آهن اهي حواسن جو فريب آهن. جيت جي چرپر تي شڪ ڪنداسين ته خبر پوندي شڪ ڪرڻ لاءِ وجود جي ضرورت آهي ۽ اها چرپر اسان جي وجود جي جدوجهد آهي."

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو "جان لاڪ موجب پهريون حواس دماغ تائين معلومات موڪلين ٿا. دماغ معلومات سجائي ٿو. پوءِ دماغ ياداشت واري خاني ڏانهن موڪلي ٿو. اتي معلومات، خيال يا

تصور جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. انڪري ٿي سگهي ٿو هن جو ذهن ڪنهن وهم ۾ مبتلا ٿي موت بابت سوچيندو هجي ۽ هڪ جيت جي صورت ۾ موت ڪيس حياتيءَ جيئن نظر آيو هجي.”

وري ٻئي فلاسافر ڳالهايو “پر برڪلي چوي ٿو تہ مادي شين جو وجود نہ آهي، صرف تصور آهي، دنيا مادي نہ تصوراتي آهي جيڪا دماغ اندر موجود آهي. سو جيت ٻاهر نہ هيو پر هن جي دماغ اندر موجود هيو.”

وري ٽئين فلاسافر ڳالهايو “جيڪڏهن اهو مسئلو ڪانٽ جي نظريي موجب حل ڪريون تہ پوءِ ائين چئبو عڪس دماغ ۾ حواسن ذريعي پهچن ٿا. دماغ ۾ مختلف سانچا آهن ۽ عڪس سانچن ۾ ڍلجي مختلف شڪلين ۾ ظاهر ٿين ٿا. انڪري ٿي سگهي ٿو هن شخص جي ذهن ۾ مختلف حواس جيت جو روپ ڌاري ٻاهر نڪرندا هجن.

وري چوٿين فلاسافر ڳالهايو “ اهو ئي سبب آهي جو روسو چوي ٿو “فطرت ڏانهن واپس هلو” ڇو جو جيڪڏهن اسان فطرت کي ويجها ٿينداسين تہ گهرن کان نڪري جهنگن ۾ رهنداسين ۽ جهنگ ۾ جيتن کي رهڻ جو بہ اوتروئي حق آهي جيترو انسانن کي، جيتن مارڻ جي ضرورت نہ پوندي ۽ اهڙا مسئلا پيدا نہ ٿيندا.”

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو “والٽئر ان ڪري تہ روسو جي مخالفت ڪئي آهي. جيڪڏهن فطرت ڏي موٽنداسين تہ رات جو ڪٽي سمهنداسين. جهنگ ۾ رهڻ ڪري جيت اسان جي سوراخن ۾ هليا ويندا.”

وري ٻئي فلاسافر ڳالهايو “هلو پلا هيگل جي جدليات تي ٿا اچون. جنهن چيو تہ سچ ۾ تضاد آهي، هر اثبات ۾ نفي موجود آهي. سو تضادن تي سوچيندي اهو جيت رحم لائق نہ آهي جنهن مٿان تشدد ٿيو پر انسان رحم لائق آهي جنهن جيت مٿان تشدد ڪيو. ڇو جو Antithesis جي زير اثر اهو جيت جيئرو رهيو ۽ انسان لاءِ وڏو مسئلو پيدا ڪري وڌو.”

وري ٽئين فلاسافر ڳالهايو “پر مارڪس جو چيو آهي تہ مادو ذهن جي پيداوار نہ پر ذهن مادي جي پيداوار آهي. سو اهو جيت بہ ضرور مادي جي پيداوار آهي. جيڪڏهن ذهن کي استعمال نہ ڪجي تہ پوءِ اهو واجب آهي تہ جيتن کي بہ جيئڻ جو ايترو حق آهي جيترو انسانن کي، اهو جيت سوچ آهي ۽ نظريا ڪڏهن فنا نہ ٿيندا آهن.”

وري چوٿين فلاسافر ڳالهايو “نٽشي واهہ جي ڳالهہ ڪئي آهي، هن چيو خدا مري چڪو آهي هاڻي سپرمين حڪومت ڪندو. سو اهو جيت سپرمين جي علامت آهي، جيڪو مرڻو نہ آهي.”

وري پهرين فلاسافر ڳالهايو “ڪيئر ڪيگارڊ جيئرو هجي ها تہ ضرور ان جيت کي ڏسي ڊڄي وڃي ها. ڪيس جيت ماري گناهہ جو احساس ٿي ها ۽ وڏيڪ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿي محبوبا کي ڏسي پريان ڀڄي وڃي ها. هو وجوديت جو باني انڪري آهي جو ان ڪڏهن جيتن کي مرندي نہ ڏٺو.”

وري ڀھرين فلاسافر ڳالھايو "سارتر کي لک شاباس آھي، جنھن وجوديت جي فلسفي کي اجاگر ڪيو ۽ چيو جيت جو وجود انڪري آھي جو دراصل نہ آھي. جيڪڏھن جيت جو وجود نہ آھي تہ پوءِ پادرن لڳڻ ڪانپوءِ اھو ڪو ٻيو ھيو جيڪو مري ويو ۽ جيت جيئرو ھيو."

وري ٻئي فلاسافر ڳالھايو "برگسان ڊارون کي ان باري ۾ سنا جواب ڏنا آھن. ڊارون ٽلھيون نسرتائي Evolutionary ڳالھيون ڪيون آھن. برگسان ڊارون کان انڪري عظيم آھي جو ان چيو قوت حيات مادي جسم ۾ قيد آھي، سو قوت حيات ان جيت ۾ موجود ھئي جنھن کيس جيئڻ جو حوصلو ڏنو."

فلاسافرن جون ڳالھيون ٻڌي ھن جو متو چڪرائڻ لڳو. انھن جو بحث جاري ھيو تہ ھو وچ بحث مان نڪري آيو ۽ مايوسيءَ مان قدم ڪڍندو ھڪ باغ ۾ اچي ويٺو. ھو اداس ھيو. باغ ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسي رھيو ھيو تہ ھن وٽ ھڪ مالھي آيو ۽ اچي سلام ڪيائين ۽ چيو

"سائين ڏاڍا اداس ۽ پريشان پيا ڏسجو خير تہ آھي؟"

ھن مالھيءَ کي ڏٺو ۽ سوچيائين جيڪر ان سان دل جو حال اوري، ٿي سگھي ٿو ان وٽ ڪو اھڙو جواب ھجي جو ٻڌي ھو مطمئن ٿي سگھي. پوءِ سوچيائين، اھو ھڪ اڻ پڙھيل شخص آھي. ان کي اھڙن مسئلن جي ڪھڙي خبر جن جي وڏن ڏاھن کي جاڻ نہ آھي. اھو سوچي مالھيءَ کي جواب ڏنائين "ڪا ڳالھہ نہ آھي ٿڪيل آھيان."

مالھي وڃڻ لڳو تہ ان کي پويان سڏ ڪيائين.

"اتي بيھہ، توکان ھڪ مسئلو پڇڻو آھي."

مالي موٽيو ۽ سندس سامھون ويٺو ھن کيس جيت جي پوري وارتا بيان ڪئي. مالھي ٻڌي کليو ۽ چيائين

"سائين ڳالھہ ڪھڙي ٿا ڪريو؟ دراصل اھو جيت ڀھرين ڏڪ سان مري چڪو ھيو. مرڻ ڪانپوءِ اتي ڪوپليون گڏ ٿيون، جيڪي سنھيون ھجڻ ڪري چارجر جي نامناسب روشنيءَ ۾ اوھان کي نظر نہ آيون. ڪوپلين گڏجي جيت کي سوراخ طرف گھليو توھان سمجھيو جيت جيئرو آھي، ان کي پادر ھنيا. سڀ ڪوپليون مري ويون، گھڙيءَ ڪانپوءِ ٻيون ڪوپليون آيون. انھن جيت کي سوراخ طرف گھليو ۽ اوھان وري سوچيو جيت چري رھيو آھي. آخر پادر ھٽي اوھان جيت کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو ۽ ان جا ٻئي ٽڪر ڪوپليون فرش جي سوراخ ۾ گھلي ويون. مان ھڪ مالھي آھيان ۽ مون اڳيان روز اھڙا لقاءَ پيا ٿيندا آھن."

مالھيءَ جي ڳالھہ ٻڌي سندس ڪن ڪُلي ويا. اکيون ويڪريون ٿي ويون ۽ پنھنجي منھن پُٽڪيو.

"ڳالھہ بہ ايتري!"

❖

# References:


1. **“Home : Oxford English dictionary”**
   Oed.com.
2. Jenny Teichmann and Katherine C. Evans ;
   **“Philosophy : A beginners guide”**
   ( Black well publishing 1999 ) P.I .
3. Adler . Mortimer J (2000) .
   **“How to think about the great ideas. From the great book of western civilization”**.
   chicage Illinois open court.
4. Greco , John , ed ( 2011 ).
   “**The oxford hand book of skepticism”**.
   Oxford university press.
5. Glymour , Clark ( 2015 ). Chapter I – 6 –
   **“Thinking things through : An introduction to philosophical issues and achievements”**
   ( 2nd ed.). A bradford book.
6. Lindberg . 2007 . p. 3
7. Briggle , Robert Frodeman and Adam.
   **“when philosophy lost its way”**
   Opinionator. Retrieved . 25 April 2016.
8. Shapin , Steven ( 1998 ).
   **“ The scientific revolution”.**
   University of Chicago,press.
9. Hegel , George Wilhelm Friedrich ; Brown Robert F. ( 2006 ).
   **“Lectures on the history of philosophy : Greek philosophy”**
   clarendon press. P.33.
10. **“Plato’s symposium”**.
    www.perseus.tufts.edu.p.201. Retrieved 2016.
11. **“Process and reality”**.p.39.
12. **“Stoicism”**
    standford encyclopedia of philosophy.
13. **“Democritus”**
    standford encyclopedia of philosophy.
14. Steven P. Marone ,
    **“ Medieval philosophy in context. On the difference between scholastic and Medieval monastic postures towards learning”.**
    New York , Fordham university press.1970.

15. de-Ridder- symoens.1992.p.47-55.
16. Aquinas , Thomas (2000). Mary T. clark , ed.
**"An Aquinas reader: Selections from the writings of Thomas Aquinas".**
Fordham university press.
17. Watson , Richard A (2012).
**"Rene Descartes".**
Encyclopedia Bratannica Retrieved 31 March 2012.
18. Copenhaver , Rebecca.
**"Forms of skepticism".**
Archived from the original on 8 Jan 2005.
19. Lichtheim , Miriam.
**"Ancient Egytian literature. volume II . The new kingdom"**.
University of California press.1976.
20. Fakhry , Majid ( 1983 ).
**"A history of Islamic philosophy**"
( 2nd - ed ). New York : Columbia university press. P . 17 - 19.
21. Remes , Pauline ( 2008 ).
**" Neoplatonism"**
Acumen Publishing. Page. I.
22. **"Ghazali – Al".**
The Columbia encyclopedia. Retrieved – 17 December 2012.
23. **" The reknowed arab sociologist , historian , Ibn khuldun. First interpreted arab history in terms , badu versus hadar conflicts and struggles for power".**
Ib khaldun , M. Talbi. The encyclopedia of Islam. Vol. III , ed – B , Lewis , V.L. Manage C . Pelat , J. Schacht
(Brill – 1986).
24. Henry Corbin.
**"The man of light in Iranian Sufism".**
Omega publication. New York. 1994.
25. Kamal , Muhammad (2006) ,
**" Mulla Sadra's transcendent philosophy"**.
Ashgate publishing limited. p. 9 and 39.
26. Razavi , Mehdi Amin ( 1997 ).
**"Suhrawardi and the school of Illumination".**
27. Benjamin Elman , John Duncan and Herman. Ooms ed.
**"Rethinking Confucianism: Past and present in china , Japan , Korea and Vietnam".**
Los Angels: uclA. Asia pacific monograph series. 2002.
28. Pines Yuri
**" Legalism in chines philosophy".**
Winter edition. 2014.
29. Catherine Despeux.

**“ women in Daoism”**.
Kohn , livia , ed ( 2000 ). Daoism hand Book . leiden: Brill. p. 403 - 404.
30. Chad Hansen.
**“ Taoism”:**
standford encyclopedia of philosophy. Metaphysics research laboratory. CSLI , standford university. Retrieved 10-1-2008.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي.
سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book